علم تحقيق

الهداد بوهيو



Gul Hayat Institute

داڪٽر الهداد بوهيو

علم تحقيق

نيو فيلڊس (133)

علم تحقيق

الهداد ٻوهيو

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1990ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ٽيهين

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	نيو فيمس پرنٽنگ پريس هوم اسٽيڊ هال ڇاڙهي، حيدرآباد.
پهريون ايڊيشن	مئي 1990ع

قيمت

پڪي جلد سان -/70 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

Gul Hayat Institute

ILM-E-TAHQIQ (Science of Research) by Dr. ALLAHDAD BOHYO Ph.D. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition May 1990. Price Per Copy Rs. 70/-

انتساب

هيءَ ننڍڙي خدمت منسوب ڪريان ٿو هڪ اهڙي سنڌي ڪاموري جي نالي جيڪو هرهنڌ حاضر به آهي ناظر به آهي ۽ جنهن کي چڱيءَ ريت معلوم آهي ته مان نااهل آهيان ۽ سنڌس همدرديءَ جو حقدار نه آهيان.

— الهداد ٻوهيو

Gul Hayat Institute

شڪرگذاري

مصنف مسڪين سڀ کان اڳ ۾ نيشنل بوڪ ڪائونسل آف پاڪستان جي ڊائريڪٽر جنرل مئڊم فهميده رياض جو ٿورو مڃي ٿو، جو سندس ذاتي دلچسپيءَ کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل هي ڪتاب اشاعت هيٺ اچي نه سگهي ها ۽ جيئن ٻين ادارن سنڌ ريسرچ ڪائونسل کي ذهن کان ٻاهر رکيو آهي، تيئن هي ادارو به اسان ڏانهن توجهه نه ڪري ها. هن باري ۾ مرڪزي محڪمي تعليم ۽ وزير تعليم سائين پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه جون چڱايون ياد رهنديون ۽ سنڌ ريسرچ ڪائونسل جي لاءِ توجهه جو مرڪز رهنديون.

ان کان پوءِ مصنف تي شڪريو واجب ٿئي ٿو ”نيوفيلڊس پبليڪيشنس“ جي مالڪ جناب فيروز احمد ميمڻ جو، جنهن ڪتاب جي شايع ڪرڻ جو ذمو کنيو، وڏو توجهه به ڏنائين.

مصنف تي ڪمپازيٽر ادي غلام سرور جو شڪريو اهڙيءَ ريت لازم ٿئي ٿو، جهڙيءَ ريت به شريڪ پورهيت گهٽيءَ ۽ گڏيل محنت کان پوءِ ٻگهر اگهي هٿ ملائين ٿا ۽ ٿتي سج ۾ وڻ جي ڇانوَ هيٺ ويهي ڪيل ڪم جو جائزو وٺن ٿا ۽ باقي رهيل ڪم جي باري ۾ غور ۽ فڪر کان ڪم وٺن ٿا.

مان غلام سرور کي پنهنجو شريڪ پورهيت دوست سمجهان ٿو ان ڪري ان جي تعريف جي بجاءِ ان سان صرف هٿ ملائڻ ئي ڪافي سمجهان ٿو، جو اهو اسان جو پنهنجو سوال آهي.

— الهداد ٻوهيو

Gul Hayat Institute

فهرست

عنوان	صفحو
مهاڳ ـ الهداد ٻوهيو	٩–٣٧
علم تحقيق	٩
(لفظ تحقيق عربي زبان جي لحاظ کان)	
سچ جي تلاش جو سوال	١٠
ڇا تحقيق رڳو علمي سوال آهي؟	١١
سچ جي تلاش ۽ انسان جي فطرت	١١
تحقيق جا ٻه نمونا	١١
تحقيق سنڌي زبان جي لغت ۾	١١
تحقيق ۽ ان جي ورڪر جا فرض	١٥
خبر، وڏيڪ خبر جو وسيلو	١٥
مقصد، طريقا، وسيلا	١٦
عقل انساني جو ڪردار	١٧
پاڪستان جي سماجي صورت حال	٢١
تحقق ۽ سائنس	٢٥
عقلي ۽ مشاهداتي شهادتن جو دائرو	٣٤
تخليقي تهذيب	٣٨
تحقيق جو مختصر تاريخي جائزو	٤٢
تحقيق هڪ سماجي علم	٤٧
سائنس ۽ ريسرچ	٥٠
تعليمي تحقيق	٥٥
تواريخي تحقيق	٥٦
اظهاري تحقيق	٥٧

Gul Hayat Institute

عنوان	صفحو
تجرباتي تحقيق	٥٧
علم ۽ علم تحقيق	٦٢
ڇا علم تحقيق به هڪ علم آهي؟	٦٩
علم تحقيق جو قانون	٧٠
علم تحقيق جي سائنسي حيثيت	٧٣
حق تنڪير	٧٨
نين حقيقتن کي ڳولي لهڻ جو آدم	٧٩
تحقيق جي ڪم ۾ يونيورسٽين جو ڪردار	٨٠
تحقيق جا مالي وسيلا	٨٢
تحقيق جا علمي وسيلا	٨٣
تحقيق جا بنيادي وسيلا	٨٣
تحقيق جا ثانوي وسيلا	٨٤
افرادي وسيلا	٨٥
تجزبو، مشاهدو، عقل ۽ استدلال	٨٥
بيڪن	٨٩
سماجي علمي طريقا	٩٢
خالص ۽ بنيادي تحقيق	٩٨
اظهاري تحقيق	١٠٠
تجرباتي تحقيق	١٠٠
ريسرچ ۽ سائنسي طريقا	١٠١
مسئلي جي چونڊ	١٠٢
تحقيق ۾ تعاون جو مقام	١٠٦
مسئلي جي چونڊ جا بنياد	١١٠
رهبر استاد جو پيشائي تجربو	١١٠
ٽڪنيڪي ۽ سماجي تبديليون	١١١
تعليمي تجربو	١١١
صلاح مشورو	١١١

Gul Hayat Institute

عنوان	صفحو
مسئلي جي چنڊ ڇاڻ	١١٢
تحقيق جي ڪم جي سٽاءَ	١١٢
ٽائيم چارٽ	١١٤
واڌاري جي رپورٽ (ڪم جي رفتار)	١١٥
گڏيل تحقيقي پروگرام	١١٥
ڪتب خاني کي استعمال ڪرڻ جي تربيت	١١٧
علم تحقيق ۽ ان جون منزلون	١١٩
مسئلو سوال يا موضوع	١٢١
حقيقتن کي رڪارڊ تي آڻڻ	١٢٢
مفروضو (پانيون)	١٢٣
آخري حل	١٢٣
تحقيق جي علم جي اخلاقيات	١٢٤
علم تحقيق ۾ ثبوت	١٢٦
تحقيق ۾ غور ۽ فڪر (اجتهاد) جو مقام	١٣١
تحقيق جا وسيلا	١٣٣
ڪتابن جي لسٽ جو طريقو	١٣٣
حوالي جو طريقو	١٣٤
ڪتب خانو	١٣٤
علم تحقيق جا ڏي نمونا	١٣٦
تحقيق جا ڪي اهم وسيلا	١٣٧
آخري مسودو تيار ڪرڻ	١٣٧
مسودو ۽ ان سان لاڳو مسئلا	١٣٨
ليکڪ	١٤١
پڙهندڙ	١٤٦
تحرير	١٤٦
مسودي جا مقصد	١٤٩

Gul Hayat Institute

عنوان	صفحو
مسودي ۽ مضمون جو امتياز	١٥١
مسودي جي باري ۾ ڪي عام مشورا	١٥٢
مقالي جي اشاعت	١٥٨
ڪتب خانو ڪيئن ڪم آڻجي	١٦٢
ڪتابن جا نمبر	١٦٤
پڙهڻ جا طريقا	١٦٦
تعليم جو ذريعو ٻولي	١٦٦
نوٽس ڪيئن وٺجن	١٧٠
علم تحقيق ۾ طريقي جي اهميت	١٧٢
مسودي لکڻ جا ڪي اهم نقطا	١٧٥
فوٽ نوٽ	١٨١

ڇاڳو ڀيو

سماجي علوم ۾ تحقيق جو ٽيڪنيڪ

مقاصد	١٨٧
سماجي علوم ۽ تحقيق جو دائرو	١٨٧
سائنسي علوم ۽ طبعي حياتياتي علوم	١٨٨
ٻه وڏيڪ اصول	١٩٠
مسلم تصور	١٩١
تحقيق ۾ هڪجهڙائي	١٩٣
سماجي علوم ۾ تحقيق جو خاص سوال	١٩٤
سماجي تحقيق جي وصف	٢٠١
تحقيق جا قسم ۽ ان جي نوعيت جو سوال	٢٠٣
آخري عرض	٢٠٩

Gul Hayat Institute

مهاڳ

علم تحقيق

لفظ تحقيق عربي زبان جي لحاظ کان

حقق: جاچ ڪرڻ، ڪنهن شيءِ کي ثابت ڪرڻ، لازمي ڪرڻ
مڃڻ ـ تصديق ڪرڻ.

آحق: حق چوڻ، ڪنهن شيءِ کي ضروري يا واجب ڪرڻ،
حق جو غالب اچڻ ـ ڪنهن شيءِ کي يقيني ڪرڻ.

تحقق: ثابت ٿيڻ، يقين ڪرڻ.
تصديق ڪرڻ، ڪنهن شيءِ کي لازمي ڪرڻ.

حق: (ج حقوق) سچائي، راستي، يقين.
انصاف، پڪ، خاطري، ثابت ٿيل حق، مال جو، ملڪ
جو فيصل شده معاملو، موت، سچو، (الله تعاليٰ جي نالن
مان هڪ نالو آهي).

آلحق عليڪ: تون غلط آهين. (الحق علينا)

آلحق معڪ: تون صحيح آهين. (الحق معنا)

Gul Hayat Institute

تحقق: ثابت ٿيڻ، يقين ڪرڻ، تصديق ڪرڻ، ڪنهن شيءِ کي
لازمي ڪرڻ.

تحقيق: ثابت ڪرڻ، يقيني بنائڻ (تصديق کان پوءِ) ڪنهن شيءِ
کي لازمي بنائڻ جو عمل.

بين لفظن ۾ تحقيق جي معنيٰ آهي ڪنهن امر کي ايترو يقيني بنائڻ جو آها ڪنهن به شڪ کان مٿي هجي ۽ انهيءَ طرح لازمي بنجي وڃي جو ان تي يقين ڪرڻو ئي پوي. *

---

* صفحو ۲۴۳ عربي سنڌي ڊڪشنري - ڀاڱو پهريون.
مرتب: پروفيسر غلام حسين جلباڻي انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو. فيبروري ۱۹۸۸ع

(١) تحقيق عربي لفظ آهي ۽ ان جي معنيٰ آهي اهڙو طريقو يا مطالعو اختيار ڪرڻ جنهن سان ڪنهن باري ۾ ۽ ڪنهن سوال جي حقيقت يا سچ تائين پهچي سگهجي يا ڪنهن شيء جو اصل معلوم ڪري سگهجي يا ڪنهن شيء جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهجي.

علم تحقيق: ”جهڙيءَ ريت سچ جو نعم البدل ڪو به نه آهي تهڙيءَ ريت تحقيق جي ڪم جو نعم البدل به ڪو ڪونهي.“ ان ڪري ايترن سارن علمن ۽ فنن جي مطالعي تي موجود مواد جي هوندي به تحقيق جي باري ۾ مواد جي ضرورت موجود آهي ۽ هميشه رهندي. انگريزي لفظ ريسرچ (Research) جيڪو تحقيق جي لاءِ ڪم آندو ويندو آهي ان جي معنيٰ به اهڙي ڏي آهي Research:- Investigation under taken in order to discover new facts, get additional information عام طور تي ريسرچ جي معنيٰ آهي ”تلاش ڪري وري تلاش ڪرڻ.“ ۽ انهيءَ طرح هن تلاش جو مقصد لفظ جي مفهوم جي خيال کان اهو ڏي ٿي ته يعني ”سچ جي تلاش ڪرڻ کان پوءِ ان جي ويجهو وڃڻ ۽ سچ کي سمجهي سگهڻ“ يا پاڻ اهڙو تجربو اختيار ڪرڻ جنهن سان اڳواٽ معلوم ڪيل حقيقتن جي باري ۾ يقين حاصل ٿئي.

(٢) سچ جي تلاش ۽ حقيقت ۽ اصليت جي معلوم ڪرڻ جي جدوجهد ۽ لڳاتار ڪوشش انسان جي شوق جو معاملو نه آهي پر اهو ته انسان جي انساني حيثيت ۾ ان جو فرض آهي. ان ڪري پهريان آهو تعليم يافته يا عقلمند انسان ڪهڙو چئبو جيڪو تعليم جي وسيلي ۽ مدد سان سچ جي ۽ حقيقت جي تلاش جاري نه رکي يا رکي نه سگهي! هن طرح انسان عقلي ۽ جبلي طور تي معلوم ڪرڻ ۽ يقين جي حد تائين معلوم ڪرڻ جو هڪ وسيلو آهي. اهوئي سبب آهي جو فڪر ڪرڻ، لوچڻ، عمل ڪرڻ ۽

Gul Hayat Institute

يقين ڪرڻ يا ايقان جي عزت صرف انسان کي ئي حاصل آهي.

(٣) تحقيق رڳو علمي سوال به نه آهي. تحقيق هر انسان جي لاءِ عقلي ۽ عملي سوال آهي. اهو سوال هر گهڙيءَ هر ساعت هر انسان جي اڳيان موجود رهي ٿو ۽ هر ماڻهوءَ کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن سوال تي ”تحقيق“ ڪرڻي پوي ٿي ۽ اهڙيءَ ريت هڪ عام آدمي به هر روز ڪيترن ئي سوالن تي تحقيق ڪري ٿو ۽ ڳالهه جي اصل ڳُر يا اصل يا سچ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو يا اصل ڳالهه ۽ ان جي سچائيءَ کي معلوم ڪري ٿو.

(٤) پر هر انسان فطري طور تي ائين ڇو ٿو ڪري؟ هر انسان سچ جي تلاش به فطري طور تي ڪري ٿو ۽ انسان هٿڻ جي ناتي سان ڪري ٿو ۽ سچ سان محبت ۽ انسيت به فطري طور تي رکي ٿو ۽ انسان هٿڻ جي ناتي سان رکي ٿو. پوءِ ڀلا ڪهڙو اهو عالم يا تعليم حاصل ڪرڻ وارو شاگرد انسان، سچ جي تلاش ۽ سچ سان محبت کي پنهنجي عملي زندگيءَ مان خارج ڪري ٿو سگهي؟

ڪوبه نه پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڙو جوکم کڻي ٿو ته ظاهر آهي ته انساني سماج سان هُن جو جيڪو فطري ۽ انساني لاڳاپو آهي اهو به خطري ۾ پئجي ٿو سگهي ۽ اهڙي ڪابه ڳالهه ان کري ڪنهن به انسان کي جڳائي ڪونه ٿي.

(٥) سو عام ۽ انساني بنيادن تي به تحقيق جو ڪم يا ته ازخود ٿئي ٿو يا ارادي سان ۽ ڪوشش سان هر انسان اهو ڪم ڪري ٿو.

هن طرح تحقيق جا نمونا به ٻا ٿين: هڪ عام رواجي ۽ ٻيو اصولي، باقاعدي صحيح طور تي.

(٦) سنڌي زبان ۾ چيو ويندو آهي ته ”ڇريو ڪري ڳالهه ۽ سياڻو ويچاهي.“ رڳي ۽ رکي ۽ ڪنهن به تور تڪ ۽ ڪنهن ثابتيءَ کان سواءِ ڪا ڳالهه ڪري ته سگهجي ٿي پر اهڙو ڪم

يا اهڙي ڪا ڳالهہ رکو آهي ماڻهو ڪري سگهن ٿا جيئن ڪي چريا ٿا چئجن جيئن هن چوڻيءَ ۾ آيو آهي. هن حساب سان سياڻو اهو آهي جيڪو ڳالهہ کي ويهي توري تڪي ۽ ان ۾ موجود سچ جي نہ رکو وجود پر ان جي معيار کي بہ معلوم ڪري يعني اهو ڏسي تہ ڪنهن ڳالهہ ۾ سچ موجود آهي يا نہ ۽ جي آهي تہ ڪيترو آهي. انهيءَ عمل کي سنڌي زبان ۾ ويچارڻ ٿو چئجي. تحقيق ڪرڻ کي سنڌيءَ ۾ ”ويچارڻ“ چئي ٿو سگهجي ۽ تحقيق کي ”ويچارهہ“. هيءُ لفظ آهي ”ونڊ“ ونڊڻ جي معنيٰ آهي ڪوئي ڪوئي نئين ڳالهہ معلوم ڪرڻ.

(۲) سنڌي زبان جي پنهنجي سماجي ڪارج جي لحاظ کان ڳالهہ جو ضد آهي جٺ. ”جٺ“ جي معنيٰ آهي زيادتي يا اجا بہ ظلم ۽ ڏاڍ مڙسي. زبان جي سماجي ڪارج ۾ ڪنهن بہ اهڙي ڳالهہ کي جيڪا غلط آهي، بي وزن آهي يا سچ کان سواءِ يا ڪوڙي آهي ”جٺ“ ٿو چئجي. هاڻي ڏسو اهو آهي تہ ڪوڙيءَ ڳالهہ کي ”جٺ“ ڇو ٿو چئجي. جيئن چوڻي آهي تہ ”ڳالهہ ٿي يا جٺ.“

ڳالهہ تہ چئجي ٿو انهيءَ ڳالهہ کي جيڪا هر طرح سچ جي ساکي آهي ۽ ثابتين تي ٻڌل ۽ پختي آهي پر جيڪڏهن ڪا ڳالهہ اهڙي نہ آهي تہ آها ڳالهہ نہ پر ”جٺ“ آهي ۽ اهڙي ڳالهہ جا نتيجا آهي ٿي نڪرن ٿا جهڙا ظلم جا يا ڪنهن ماڻهوءَ سان ظلم ڪرڻ جا.

هاڻي ظلم ڪرڻ جا نتيجا ڪهڙا ٿا نڪرن اچو تہ اهو ڏسون. ڪنهن تي ظلم ڪرڻ سان ڪنهن انسان کي بي وسيلو ڪري ٿو سگهجي جو ظلم ڪرڻ سان ڪنهن انسان کان ڪا نہ ڪا طاقت، سگهہ، يا قوت ڦري ٿي وڃي. ٻيءَ طرح سان ان کي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان ڪمزور ڪيو ٿو وڃي ۽ ان جي ذاتي زندگيءَ کي وڏيڪ مشڪل ۽ ڏکن سان ڀريل بڻايو ٿو وڃي. غور سان ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ غلط ڳالهہ ڪرڻ سان بہ اهوئي

ڪم ڪري سگهجي ٿو. مثال طور هڪڙي ننڍڙي مثال سان بہ اها ڳالهہ سمجهي سگهجي ٿي. ڪنهن ماڻهوءَ کي جيڪڏهن شام جي ڇهين وڳي واريءَ گاڏيءَ ۾ ڪنهن شهر ڏانهن روانو ٿيڻو آهي تہ هُن جو پهريون انهيءَ ۾ آهي تہ هو پوري وقت تي اسٽيشن تي پهچي ۽ پوءِ گاڏيءَ ۾ روانو ٿي وڃي ۽ ان جي پلي جي خلاف اها ڳالهہ آهي تہ هو گاڏيءَ تي روانو ٿي نہ سگهي. هاڻي اطلاع ڏيڻ يا معلومات فراهم ڪرڻ وارو اهو ڪلارڪ جيڪو ويٺو ئي انهيءَ ڳالهہ لاءِ آهي تہ هو گاڏين جي روانگيءَ ۽ آمد جو وقت ۽ ان باري ۾ ٻيون ڳالهيون عام ماڻهن کي ٻڌائيندو رهي، جيڪڏهن مثال ۾ آيل ماڻهوءَ کي سندس گاڏيءَ جو وقت غلط ٿو ٻڌائي ۽ اهڙو ٿو ٻڌائي جو اهو ماڻهو گاڏيءَ تي پهچي نہ ٿو سگهي ۽ رهجي وڃي انهيءَ ڪري پهچي نٿو سگهي جو واسطيدار ڪلارڪ هن کي غلط وقت ٻڌايو هو تہ پوءِ چئبو تہ هن کي اطلاع اهڙو مليو جيڪو هن جي پلي جي خلاف هو توڙي جو هن پاڻ عام رواجي طور تي گاڏيءَ جي وقت جي سوال تي تحقيق ڪرڻ لاءِ موزون ۽ واسطيدار ماڻهوءَ کان پڇا ڪئي هئي. ۽ هُن هِن حالت ۾ هڪ عام رواجي فرض پورو ڪيو هو.

هاڻي هنن ٻن ماڻهن جي طرفان اختيار ڪيل عمل جو وڌيڪ تجزيو ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ اهو ڪلارڪ جيڪو گاڏين جي باري ۾ پوري معلومات رکي ٿو سو غلط معلومات ڏيڻ سان سماجي معاملن ۾ توازن خدمت ۽ عام ڀلائيءَ جي معيارن کي نقصان ٿو پهچائي پر اهو ماڻهو جيڪو عام رواجي طور تي هڪ موزون ماڻهوءَ کان گاڏيءَ جو وقت معلوم ڪري ٿو سو هڪ درست رويو اختيار ڪري ٿو ۽ هن طرح هو سماج ۾ هڪ موزون ۽ معتبر ماڻهو بڻجڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جو گاڏيءَ جي وقت جي سوال تي رڳو ايتري پڇا ڳاڇا ئي ڪافي هئي جيتري هن ڪئي. هن طرح فرض ۾ ڪوتاهي ڪرڻ وارو ڪلارڪ چئو تہ اهو رويو اختيار ڪري ٿو جنهن کي جٽ چئجي ۽ سفر تي رواني ٿيڻ وارو

ماڻهو اها ڳالهه معلوم ٿو ڪري جنهن جي معلوم ڪرڻ سان هو پنهنجي سماجي زندگيءَ جي آسانيءَ لاءِ هڪ عمل کي درست رکڻ ٿو گهري.

(٨) هن طرح ”ڳالهه مان ڳالهيڙي“ جي محاوري مطابق وري خبر ڏيڻ وارو ڳالهه ڪرڻ ۾ ابهام يا ايهام اختيار ٿو ڪري يعني ڳالهه کي ايئن ٿو پڌائي جو اها اصليت کان گهڻو وڌيڪ يا گهڻو گهٽ مواد ڏيئي ٿي يا بلڪل ئي اڻ پورو ۽ ضرورت جي مطابق نه ٿي ڏئي ۽ هن طرح اهڙو اطلاعاتي وسيلو سچائيءَ جي خلاف مواد ڏئي ٿو.

هن طرح سنڌي سماج ۾ ڳالهه يعني ”خبر“ جا معيار موجود آهن ۽ سنڌي زبان انهن معيارن جي باري ۾ معلومات به ڏئي ٿي ۽ ان معلومات جي اهميت پڌائڻ سان هڪ سماجي رويو به ظاهر ڪري ٿي. اهڙي طرح سماج ۾ خبر ڏيڻ جي عمل جا معيار موجود آهن.

هن طرح ٻوليءَ توڙي عام عقلي وسيلن جي مدد سان معلوم ڪري ٿو سگهجي ته ڪنهن سماج ۾ ”خبر“ ڇا کي ٿو چئجي ۽ غلط خبر ۽ درست خبر مان سماجي زندگيءَ جي سوال تي ڪهڙيون آسانيون ۽ ڪهڙيون مشڪلاتون پيدا ٿي سگهن ٿيون، اهو به معلوم ڪري ٿو سگهجي.

سچي خبر، سٺي خبر، پڪي خبر، پيرائتي خبر، آها خبر آهي جيڪا سماجي ڪارڪردگيءَ کي سٺي، آسان ۽ سهوليت واري بنائي ٿي ۽ غلط خبر، ڪوڙي خبر، اڌ خبر، اڻ پوري خبر آها ڳالهه آهي جيڪا سماجي زندگيءَ کي مشڪل ۽ ڏچي وارو ڪري ٿي. ڪوڙي خبر ڏيڻ اخلاقي ڪمزوري به آهي ۽ سچي خبر ڏيڻ اخلاقي ڳالهه ۽ اخلاقي فرض آهي.

پر جا ڳالهه اجا به وڌيڪ اهم آهي، سا اها آهي ته سچي خبر ڪيئن ڏجي.

صحافت جي علم جو چاڙهو خبر جا مرحلا، مسئلا ۽ معيار

بيان ڪري ٿو. اهڙي طرح هڪڙي سائنسدان جي اڳيان خبر ڏيڻ جو موزون طريقو اهي ٿي هڪڙو، آهو آهي سچي، سنواتي، (Direct) ۽ پيرائتي (Complete) خبر ڏيڻ.

(٩) تحقيق جي علم جي هڪ عام طالب علم لاءِ هاڻي اهو ضروري آهي ته هو معلوم ڪري ته آخر .

(١) سچي (Exact)

(٢) سنواتي (Direct)

(٣) پيرائتي خبر (Complete)

خبر ڏيڻ جي لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

هي سوال انهيءَ ڪري پيدا ٿيو آهي جو اڄوڪا سماج گهڻ پٽاڻا ۽ ڪيترين ئي ڳوڙهين تحقيقن تي ڪم ڪري رهيا آهن. سڌيون سنيون ۽ مختصر خبرون هڪ سڌي ۽ عام رواجي سماج (Simple and ordinary Society) ۾ ته آسانيءَ سان حاصل به ڪري سگهجن ٿيون ۽ پکيڙي به سگهجن ٿيون پر اڄڪلهه جا سماج، سادا سماج (Simple Societies) نه آهن. اڄڪلهه جا سماج ڳوڙها ۽ تمام گهڻن رخن وارا (Complex) آهن. ان ڪري خبر جي يا اطلاع ۽ معلومات جي سهڻي طريقن ۽ معيارن توڙي نمونن جي باري ۾ وڏيءَ محنت ۽ گهڻن ادارن جي ضرورت پئي ٿي. ان ڪري اڄڪلهه جي سماجي ۽ سياسي نظامن ۾ خبرن جي وسيلن (Information media) کي تمام وڏي اهميت حاصل آهي ۽ خبرن جي گڏ ڪرڻ ۽ عام ڪرڻ لاءِ طريقن (Methods) ۽ خرچ جي لاءِ پئسن (Financial Sources) تي وڏو زور ڏنو ٿو وڃي.

(١٠) ٻيو جيڪو وڏو سوال خبر جي معاملي ۾ اڄوڪن سماجن ۾ پيدا ٿيو آهي، آهو آهي خبر جي بنياد تي وڌيڪ خبر حاصل ڪرڻ جي طريقن جو. هن طرح اڄڪلهه خبر رکڻو علم ته آهي ئي آهي پر اها اڳتي وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ به ڪم اچي ٿي.

هن طرح هڪ خبر وڌيڪ خبرن جو وسيلو بڻجي ٿي جيئن

هڪ سنو صحافي هڪ ٿورڙي خبر جي باري ۾ تحقيق ڪري ان مان هڪ مڪمل اسٽوري تيار ڪري ٿو. اهو ڪم هيئن ٿو ٿئي جو هڪ خبر جي ڇنڊڇاڻ ۽ تپاس ڪري اڳ ۾ اهو ثابت ڪيو ٿو وڃي ته خبر سچي آهي، سنواڻي ۽ مڪمل آهي. جڏهن خبر جي باري ۾ ايتري ڳالهه اڳ ۾ ثابت ٿي وڃي ٿي تڏهن انهيءَ خبر کي هڪ آزمايل ۽ پروسي جهڙي معلومات سمجهي ان کي وڌيڪ معلومات لاءِ ڪم آندو ٿو وڃي. اهڙيءَ طرح هڪ سادي معلومات (Simple fact) جي آڌار تي اڄڪلهه جي علمي دنيا ۾ وڌيڪ ۽ پروسي جهڙي معلومات حاصل ڪجي ٿي.

هن سلسلي ۾ جيئن ظاهر آهي جيڪڏهن پهرين خبر ئي ڪمزور آهي ته ان جي آڌار تي وڌيڪ خبر حاصل ڪرڻ جو ڪم يا ته غلط ٿيندو يا جيڪڏهن ڪا معلومات انهيءَ آڌار تي حاصل ڪري به سگهبي ته پوءِ آها به غلط ثابت ٿيندي.

(١١) بنيادي طور تي اهوئي سلسلو سڀني علمن جي ميدانن تي تحقيق جي ڪم جي لاءِ اختيار ڪيو ويندو آهي. سماجي علمن ۾ اهو طريقو اختيار ڪري جڏهن ڪي حقيقتون مقرر ڪبيون، تڏهن انهن کي سماجي تحقيق (Social Research) چئبو ۽ جڏهن اهو طريقو ساڳين ئي مقصدن جي خاطر سائنس ۾ اختيار ڪبو تڏهن ان کي (Scientific Research) چئبو ۽ هن طرح سڀني علمن جي سوالن تي تحقيق جو ڪم برابر ڪري سگهبو.

(١٢) هنن بنيادن تي اڄڪلهه ٽي ڳالهيون تحقيق جي سوال تي پڪيون آهن:

(١) تحقيق جا مقصد (objectives)

(٢) تحقيق جا طريقا (Methods)

(٣) تحقيق جا وسيلا (Sources)

هاڻي ڇاڪاڻ ته هرهڪ علمي ڳالهه کي سمجهڻ ۽ ان کي وڌيڪ معلومات جي لاءِ اختيار ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، معلومات گڏ ڪرڻ ۽ ان کي تپاسڻ جا ڪم هر حالت ۾ وڏي

Gul Hayat Institute

محنت ۽ جاکوڙ کان سواءِ ٿي نہ ٿا سگهن. ان ڪري علمي ميدانن تي هيءُ ڪم رڳو هوشمند ۽ سائنسي ذهن رکڻ وارا ماڻهو ئي ڪري سگهن ٿا. آهي ماڻهو هي ڪم رڳو علمي طريقن سان ڪن ٿا ۽ ڪن مقصدن ۽ وسيلن جي لحاظ کان ڪن ٿا جيڪي اڳي ئي مقرر ڪيا ٿا وڃن.

(١٣) هن باري ۾ انسان جو تمام وڏو سرمايو خود عقل انساني آهي جيڪو سڀني مرحلن ۽ منزلن تي آزمايو ويندو آهي. انهيءَ حد تائين جو جيڪڏهن ڪنهن سوال تي پهرين حقيقت (Basic fact) ئي ميسر ٿي نہ سگهندي آهي تہ بہ انسان پنهنجي عقلي وسيلن کي اختيار ڪري رڳو هڪ مفروضو (Hypothesis) (مفروضي جي لاءِ سنڌي لفظ آهي "پانيو" هي لفظ ڊاڪٽر بلوچ بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ هڪ مضمون ۾ ڪم آندو هو. ڏسجي ڪانفرنس جي ڪارروائي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو مضمون). مقرر ڪري ان جي مدد سان ۽ منطقي طريقن سان ان کي اهڙيءَ ريت ٽپاسيندو آهي جو هو آخر هڪ مستقل ۽ آخري حقيقت تائين پهچي ويندو آهي ۽ پوءِ اڳتي وڌيڪ معلومات جي لاءِ انهيءَ آخري حقيقت کي اختيار ڪري تحقيق کي جاري رکيو ويندو آهي.

هن طرح جيئن اسان مٿي ڏٺو آهي: تحقيق جي هڪ تعريف ڏيڻ جي لاءِ پورو هڪ بحث اختيار ڪرڻو ٿو پوي. عام رواجي طور تي تحقيق اها ڪوشش آهي جيڪا سائنسي ۽ علمي وسيلن سان اختيار ڪجي ٿي تہ جيئن انهن مسئلن جا فڪري ۽ نظري جواب حاصل ڪري سگهجن جيڪي معلوم دنيا (knowable universe) ۾ موجود آهن ۽ جن جوابن کي حاصل ڪرڻ انسان ذات جي بهترين مفاد ۾ آهي.

(١٤) تحقيق جي ميدان تي وڏي ۾ وڏو ڪم سائنسي تحقيق جو ٿيو آهي جنهن جي نتيجي کي ايجاد ٿو چئجي ۽ هر ايجاد ڪنهن نہ ڪنهن انهيءَ سوال جو جواب آهي جيڪو معلوم

Gul Hayat Institute

دنيا ۾ هڪ محقق جي اڳيان اهڙي آيو هو ۽ پوءِ محقق هر خاص سوال جي فڪري ۽ نظري توڙي عملي جواب جي لاءِ هڪ طريقو اختيار ڪيو هو ۽ ان طريقي جي مدد سان آهو جواب معلوم ٿي سگهيو هو. هر ايجاد هڪ اهڙي جواب جهڙي آهي، جيڪو انسان ذات جي وسيع تر مفاد سان لاڳاپو رکي ٿو ۽ ڪنهن نه ڪنهن مسئلي، چئلينج ۽ سوال جو حل پيش ڪري ٿو.

مشهور ماهر طبعيات آئن اسٽائن ۽ انفيلڊ Einstein and Infeld * سائنس جي اصليت ڪي هن طرح بيان ڪيو آهي:

"سائنس انساني ذهن جي اهڙي ڪوشش آهي، جنهن جي مدد سان ماحولياتي دنيا ۽ انسان جي خيالات جي دنيا جي وچ ۾ موجود لاڳاپو معلوم ڪري ٿو سگهجي. سائنس جي دنيا جا سڀ بنيادي خيال انهيءَ ڊراماٽي ٽڪراءَ جي ڪري پيدا ٿيا آهن جيڪو اصل حقيقت (Reality) (سچ محض) ۽ ان کي معلوم ڪرڻ جي انساني جدوجهد جي وچ ۾ پيدا ٿيو آهي."

انهيءَ جو مطلب هرو ڀرو اهو به نه آهي ته ڪو سائنس انسان جي دنيا جي هر سوال جو جواب مهيا ڪري چڪي آهي. ڪيترا ئي اهڙا سوال اڄ سوڌو موجود آهن جن جو جواب سائنس مهيا نه ڪيو آهي پر اها به هڪ پروسي جهڙي ڳالهه آهي ته سائنس به اڃا ارتقا پذير آهي جيئن انساني ذهن جي لاءِ چئبي ٿو سگهجي ۽ هن طرح جيستائين عقل انساني مڪمل نه ٿو ٿئي تيستائين سائنس به نامڪمل رهندي آهي.

ته ڇا سائنس ئي اهو واحد وسيلو آهي جيڪو اصل حقيقت تائين پهچائي سگهي ٿو؟ يا ائين چئجي ته ڇا سائنس ئي اهو وسيلو آهي، جيڪو انسان جي سڀني سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ مدد ڪري

---

* Einstein and Infeld 'the evolution of Physics' N. V, 1938 P. 280

Gul Hayat Institute

ڏئي سگهي؟

عقل انسانيءَ جي موجوده صورتحال ته اهڙي آهي جو انهيءَ سوال جي جواب ”هائو“ ۾ ڏيئي ڏئي نٿو سگهجي پر فرض ڪريو ته سچ تائين پهچڻ جا وسيلا سائنس کان سواءِ ڪي ٻيا به ٿي سگهن ٿا. هاڻي انهيءَ سوال جو جواب ڪيئن ڏبو ته انهن وسيلن کي ڪيئن معلوم ڪجي؟ ظاهر آهي ته انهيءَ سوال جو جواب وري به عقل انساني ئي ڏئي سگهي ٿو ۽ اهو به عقل انساني ئي ٻڌائي ٿو ته هي جواب درست آهي ۽ هي جواب غلط. انهيءَ ڪري جيڪڏهن سچ کي معلوم ڪرڻ جو وسيلو سائنس کان سواءِ ڪو ٻيو آهي به ته به اهو وسيلو صرف عقل سان ئي آزمائي يا اختيار ڪري ٿو سگهجي ۽ ان وسيلي جي ”حاصلات“ (End Result) تي پروسو ڪجي يا نه اِها ڳالهه به فقط عقل انساني ئي سمجهائي سگهي ٿو ۽ فيصلو به انهيءَ باري ۾ عقل ئي ڪري ٿو سگهي. هاڻي جاڪاڻ ته عقل جو آزمايل ۽ اختيار ڪيل طريقو تحقيق آهي ان ڪري طبعي توڙي نباتاتي يا حيواني ۽ انساني سڀني علمن ۾ انسان جي لاءِ واحد رستو آهي ئي تحقيق جو.

تحقيق سائنس توڙي ٻين سڀني علمن جي ميدانن تي ڏسي ڏسي رهي آهي. ۽ اڳتي به تحقيق هر علم جي ميدان تي جدا جدا نمونـي سان ٿيندي. پـر هر حالت ۾ مستقل اصول اهو رهندو ته تحقيق عقل جي تابع ٿي رهندي. تحقيق نه وجدان کي قبول ڪري ٿي ۽ نه عرفان کي جو وجداني ۽ عرفاني دنيا جو منطق، عقل جي پهچ ۽ دائري کان ٻاهر ٿي ٿي ٿو سگهي.

(١٥) وري اهي فيصلا جيڪي وجدان ۽ عرفان جي مدد سان ٿين ٿا سي عقلي فيصلن جي مطابق ٿي ٿين يا انهن مان حاصل ٿي سگهن وارا سڀ ڪيا ئي مقصد پورا ڪن يا اهي فيصلا اهڙا ئي جواب ڏيڻ ۾ مدد ڪن جهڙا عقل ڏئي ٿو سگهي، اِها ڳالهه مڃڻ جهڙي نه آهي ان ڪري سائنس جي زبان ۾ عرفان به عقل جي وسيلي حاصل ڪيل معلومات کي ئي چئجي ٿو. جيئن صوفيائي ڪرام

Gul Hayat Institute

پاڻ اقرار ڪن ٿا، انسان جي روح جي دنيا طبعي حادثاتي دنيا کان الڳ ۽ مختلف آهي. ان ڪري عرفاني ۽ وجداني ڪيفيتن ۽ حالتن کي چئجي ٿي ٿو بعدالطبعياتي ”دنيا جون حالتون ۽ ڪيفيتون ۽ اهڙي علم کي جيڪو ذهن حالتن جي باري ۾ ڄاڻ ڏئي، بعدالطبعيات (Meta Physics) ٿو چئجي. گهڻو ڪري صوفيا ڪرام ان ڪري عقل جي دنيا کان شاڪي يا بيزار رهن ٿا. پاڻ سيدنا لطيف به هڪ دفعي چيو:

”آلا ڏاهي ۾ تيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سين مون پرين، پورائي ۾ پال ڪئا.

پر غور سان ڏسبو ته هنن حالتن ۾ صوفين جي آڏو اصل مسئلو ڪنهن مادي دنيا جي مسئلي، مونجهاري يا سوال جهڙو نه هو. اصل ۾ اهو سوال ئي عقلي نه هو ان ڪري ان جو جواب به عقل کان الڳ ڪنهن ٻئي طريقي سان ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. مثال طور ڀٽائي لطيف جي حالت ۾ اصل سوال هو ”پرين جي طرفان پال ڪرڻ جو“ هاڻي پرين پال ڪن تنهن لاءِ ڪنهن به تحقيق ۽ عقلي جستجو جي ضرورت ڪونه هئي ان ڪري انهن سوالن تي عقل کي ۽ ڏاهپ کي اختيار ڪرڻ جي ضرورت به محسوس نه ٿي. هن باري ۾ پرين جي پنهنجي مرضي جو ئي واسطو هو.

وري ٻئي مثال ۾ جتي اقبال چيو آهي ته: -

خرد کی گتھیاں سلجھا چکا میں
میرے مولیٰ مجھے صاحب نظر کر

اتي ڏٺو ويندو ته اقبال به اڳ ۾ عقل جو رستو اختيار ڪيو ۽ ان جي ماڊل انسان عقلي جدوجهد جي وڏي ۾ وڏي معيار کي حاصل ڪيو ۽ وڌ ۾ وڌ ان جو فائدو حاصل ڪيو تهان پوءِ اقبال پنهنجي ماڊل جي زبان ”نظر“، ”جنون“ ۽ ڪنهن ٻئي اهڙي طريقي جي طلب ڪئي. ان طرح اهڙيءَ حالت ۾ عقل کي نامناسب يا ناموزون وسيلو سمجهي نٿو سگهجي. هت اصل سوال ته اهو آهي

تہ اھڙو انسان ممڪن آھي بہ يا نہ جيڪو عقل جي سڀني مدارج ۽ منازل وٽان سوچيندڙ ۽ شعوري وجوديءَ جيان لنگهي چڪو هجي ۽ عقل جي انتها ڪرڻ کان پوءِ بہ موجود هجي ۽ ڪنهن وڌيڪ وسيلي جي لاءِ طلب ڪندو هجي؟ هن سوال جي حد وٽان سائنسدان ۽ "صاحبِ نظر" جا رستا جدا جدا ٿي ٿا وڃن. سائنسدان انهيءَ انسان کي 'موجود' نہ ٿو سمجهي جيڪو عقل جي سڀني منزلن وٽان لنگهيو هجي ڇو جو عقل جون ڪئي منزلون انسانِ عقل کي ارتقا جي حالت ۾ اڃا طئي ڪرڻيون پيون آهن. ڪوبہ سائنسدان اهو پروسو نہ ٿو رکي تہ عقل انساني اعليٰ ترين ۽ ممڪن منزلن تائين پهچي چڪو آهي ڇو جو انهيءَ طرح سائنس ۽ عقل جي شڪست جو اقرار ڪرڻو پوي ٿو تنهن کان سواءِ عقلِ انسان ارتقائي آهي جيئن باقي دنيا ارتقائي آهي. نوان طريقا ۽ نوان چئلينج نوان جواب نوان سوال هڪ سلسلو بڻائين ٿا ۽ عقل هر ڪڙيءَ تي حاضر رهي ٿو ۽ رهڻو آهي. اها ڳالهہ خيال ۾ رکڻ گهرجي تہ اقبال "فطرت کو خرد کے روبرو کر" جو تاڪيد ڪيو آهي ۽ اقبال چيو آهي تہ هيءَ ڪائنات اڃا "ناتمام" آهي.

اهو ئي سبب آهي جو تحقيق ۽ عقلي طريقن کي وڌ ۾ وڌ زور وٺايو ۽ طاقت بڻايو ٿو وڃي. تحقيق ڪئي نہ رڳو موجوده دنيا جي چئلينجن جو جواب ڏيڻو آهي پر ان کي تہ مستقبل جي دنيا جي مسئلن کي منهن ڏيڻو آهي ۽ نون سوالن جي حلن ۽ جوابن ڏيڻ لاءِ تيار ٿيڻو آهي.

تنهن ڪري پاڻ انسان جي عقلي وسيلن ۽ تحقيق جي علم جي واڌاري جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ ڇو ڪم تمام ضروري ٿي پيو آهي.

(١٦) پاڪستان جي سماجي صورتحال اڳي ئي گهڻ پاسائين آهي. ڪلچري بحران کان سواءِ آئيني بحران بہ موجود آهي ۽ هڪ فلاحي رياست جي اڃا ابتدا بہ ڪانہ ٿي آهي. زندگيءَ جي گوناگون شعبن ۽ ميدانن تي موجود ادارا انتهائي ناقص آهن ۽ مڪمل طور تي غير سائنسي طريقا ۽ غيرحقيقي وسيلا آزمائي رهيا

آهن. تعليم ڪنهن به تبديليءَ جو سبب بڻجي ڪانه سگهي آهي جو اها به غير حقيقي، ۽ غير واضح بنيادن تي ڪم ڪري رهي آهي. چوڌاري دنيا عقلي وسيلا اختيار ڪري رهي آهي ۽ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي سوچ جي ميدان تي سفر ڪري رهي آهي پر پاڪستان هڪ تصوراتي، مفروضائي زندگيءَ جي لاءِ جيئڻ پوءِ تيئڻ وڌيڪ پاڻ پتوڙي رهيو آهي. هن حالت ۾ سماجي بيآراميءَ ۽ سماجي ڪارڪردگيءَ جي مفلوج حالت کان سواءِ ڪجهه به حاصل ڪرڻ مشڪل آهي. هن سڄيءَ صورتحال جو سبب رڳو هڪ آهي ۽ اهو آهي اهل علم ۽ اهل عقل انسانن ۽ شهرين خلاف اها حرڪت جيڪا جاهل هر دور ۾ نون نون طريقن سان ڪندو رهيو آهي، بس ڪنهن ڪو ڪتاب لکيو ناهي ۽ ان جي خلاف هلچل شروع ٿي ناهي! گف واتان وهائيندا ۽ اکيون ڳاڙهيون ڪيون هلندا وتندا. پاڻ ايئن چڙيا ۽ گور گهمندا وتندا جڻ پيچ ڪندي تي هجين. اکيون ھڻندا، ٺونٺا هڻندا ٺاڇيون ڏيندا ۽ دنيا جو اٿ پٽ سڀ چرندا وتندا پر ڪوبه پلي جو ڪم ۽ ڪابه پلي جي ڳالهه انهن جي اڳيان چڙي ته بس جڻ ڪا باهه لڳي ڪنهن پيلي ڪي. همراهه وٺ نه ڏيندا ۽ آخر تڏهن ڌري وهندا جڏهن انهيءَ هن هٽان جي عوض ڪين ڪا لوڙنگي نه ملندي يا ڪنهن ته ڪنهن شاهي ڪرسيءَ تي ڪين ڪا جڳهه ملندي ۽ پوءِ وري ڪندا شروع اهو نعرو ته هنن ڪو وڏو علمي ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.

اهي ئي آهن اهي ماڻهو جن هڪ عظيم انسان استاد گئليلو کي چيو هو ته هو هن غريب کي جيئدان رڳو تڏهن ڏيندا جڏهن هو چوندو ته ”ڌرتي نه ٿي ڦري“ ۽ اها هڪ جاءِ تي بيٺي آهي ۽ اهڙن همراهن کي جواب به فقط اهو ئي ڏئي ٿو سگهجي جيڪو استاد گئليلو ڏنو هو يعني ته ”ڌرتي ته پوءِ به ڦرندي ئي رهندي نه!“

گئليلو اڄ دنيا ۾ موجود ڪونهي پر ڌرتي اڄ به ڦري رهي آهي ۽ آهي اکين ڳاڙها انسان اڄ به ڏسي رهيا آهن ته ڌرتي ڦري

ٿي ۽ طبعي دنيا جو آهي سچ جنهن جي ڄاڻ مسڪين ماڻهوءَ ۽ سچي انسان ڏني هئي سو اڄ به سندن ئي اکين اڳيان موجود آهي.

(١٧) بيشڪ طبعي دنيا جون ڪيترين ئي حقيقتون پاڻ تدريجي لاڳاپيدار (Relative) به آهن ۽ هن باري ۾ هر روز هڪ نئين دريافت جي ضرورت به موجود آهي پر هن طرح جيڪو سچ جي تلاش جو عبادت جهڙو ڪم اڇوڪي انسان ڪي ڪرڻو آهي اهو ئي ڪم هر وقت ڪرڻ گهرجي.

ملڪ جي ادارن ۾ آهي جنوني آفتون گڏ ٿي ويئون آهن جن جي قسمت ۾ سڪونت ۽ جمود کان سواءِ ڪجهه به ڪونهي. پريو مڙس ۽ چڱو مڙس ڪنهن اداري جو آهو ئي ٿي سگهي ٿو، جيڪو چرپر جو ۽ تلاش ۽ جستجو جو ازلي دشمن هجي. ملڪ جي وڏن ادارن لاءِ اهو ضروري ٿي پيو آهي ته ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏين ۽ تحقيق ۽ تجسس جي ڪوشش ئي ترڪ ڪري ڇڏين. ڀلي ماڻهوءَ ۽ سٺي ماڻهوءَ جي لاءِ رکيو ايترو ضروري ٿي پيو آهي ته هو چٽ بلڪ چٺوڙ هجي ۽ هر روز صبح جو هٿن ڪي ميندي لائي وڃي وڏيءَ ڪرسيءَ تي ڪنهن ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ ويهي ۽ اهو ئي سوچيندو رهي ته سچو ڏينهن ڪيئن گذرندو ۽ سندس مٿيون صاحب هن جي ڪئريئر ٺاهڻ لاءِ ڪهڙو ڪم ڪندو.

بيشڪ هن افسوسناڪ صورتحال ۾ خدا جا بندا ڪي اهڙا به موجود آهن جيڪي ٿورو ڪي گهڻو ڪم ڪار سان رڌل آهن ۽ باهه ۽ پٽ جي وچ ۾ زنده رهن ٿا. آهي ڪم ڪرڻ گهرن ٿا ۽ ڪم ڪري ڄاڻن ٿا ۽ آهي ئي ماڻهو آهن جيڪي محب وطن ۽ انسان دوست آهن جو آهي ڪارائتا انسان آهن.

بس اهي ئي آهن آهي ماڻهو جن جي لاءِ تحقيق جو علم رکڻ ضروري آهي جو هر ڪو هڪ هڪ طريقو، سليقو هڪ اخلاقيات ۽ هڪ جذبو گهري ٿو. علم تحقيق آهو سڀ ڪجهه ڏئي ٿو سگهي؛ ۽ اهل علم و عقل آهو سڀ ڪجهه پسند ڪن ٿا. ان ڪري اهڙن ڪتابن جي ضرورت هميشه موجود رهندي

Gul Hayat Institute

جيڪي تحقيق ۽ علم تحقيق تي رهنمائي ۽ معاونت ڪري سگهندا.
سنڌي زبان ۾ هي ڪتاب جنهن جو مطالعو اڳتي هلي توهان ڪري سگهندا، ڪي ٻه ٽي سال اڳ لکيو ويو هو. مسئلو رڳو ان جي شايع ٿيڻ جو هو.

انهيءَ وچ ۾ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ صاحب جو ڪتاب "تحقيق جو فن" مشهور اداري سنڌ الاجيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو ته ڪن دوستن اهو خيال ڏيکاريو ته هي ڪتاب به ڇپائڻ گهرجي. سو اجهو اهو آهي هي ڪتاب ـــ!

علم تحقيق جي باري ۾ منهنجو ٻه هڪ ويساهه آهي. جيئن جناب پيئرسن (Pearson) پنهنجو ويساهه پنهنجي ڪتاب سائنس جو گرام (Grammar of Science) ۾ ڏيکاريو آهي. مسٽر پيئرسن چوي ٿو ته "سچ جي تلاش جو ڪو به مختصر رستو موجود نه آهي. (جو ماڻهو چوي ته مان اجهو ته سچ ڳولي لڌا) ڪائنات جي باري ۾ معلومات جي حاصل ڪرڻ جو رستو رڳو هڪڙو آهي ۽ اهو آهي سائنسي طريقي جو." زندگي ٻئي اصل ۾ انهيءَ تلاش ۽ وري تلاش جو ٻي نالو آهي.

سائنسي طريقو، جيئن پيئرسن اڳتي هلي ٻڌائي ٿو سڀني سائنسن جيءَ لاءِ هڪ ٻي آهي ۽ اهو آهي منطقي ذهن جو اختيار ڪيل طريقو. هن طريقي جي خيال کان سڀ سائنسون ڪنهن نه ڪنهن وحدت ۽ هڪ جهڙائيءَ جون حامل آهن توڙي جو باقي ڳالهيون ۽ ڳهربل ذريعا هرهڪ جي حالت ۾ جدا جدا آهن. سائنسدان انهيءَ ڪي ٿو ڇنڊجي جيڪو خبرن ۽ حقيقتن کي گڏ ڪري انهن کي درجن ۾ ورهائي ۽ انهن جو پاڻ ۾ لاڳاپو معلوم ڪري ۽ انهن کي ترجيهي ترڪيب ۽ ترتيب ڏئي ۽ انهن کي ڪم آڻي سگهي. (١)

(1) "As quoted by Wilkinson and Bhandarkar "Methodology and Techniques of social Research" Himalia Publishing House, Bombay. 1979. PP 1-2

Gul Hayat Institute

(١٨) پر رڪيون ۽ نريون حقيقتون ئي آهي شيون نه آهن جن کي سائنس سڏي سگهجي. اصل ۾ سائنس آها شيءِ آهي، جنهن سان تحقيق جا طريقا لاڳو ڪري سگهجن. سو ڪوبه علم سائنس تڏهن ٿو بڻجي، جڏهن ان جي باري ۾ سائنسي طريقو ٿو لاڳو ڪجي.

اهڙيءَ ريت سائنسي طريقو جهڙو سائنسي تحقيق سان لاڳو ڪرڻو آهي اهڙو ئي ٻين علمن جي حالت ۾ به لاڳو ٿيندو.

البت مولد، خبر، حقيقتون ۽ وسيلا مختلف ٿي سگهن ٿا. پر جيئن مقصد هر حالت ۾ سچ جي تلاش ٿئي ٿو تيئن تحقيق جو اخلاقي سوال به ساڳيو ئي رهي ٿو.

اخلاقي بنيادن تي هڪ محقق جي لاءِ هيٺ ڏيکاريل نڪتن تي پڪو ويساهه رکڻ ضروري آهي.

(١) حواسن جي وسيلي حاصل ڪيل معلومات تي ڀروسو.
(٢) اهڙيءَ معلومات سان لاڳاپيل ٻين ڳالهين جو استعمال.
(٣) اهو ڀروسو ته غيرجانبداري هر تلاش جي راهه ۾ هر حالت ۾ اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ اهو ڪم اخلاقياتي بنيادن تي ڪرڻ گهرجي.
(٤) اهو ڀروسو ۽ ويساهه ته ذاتي ۽ شخصي طبيعت، نظرئي ۽ اعتقاد کي تحقيق جي ڪم ۾ مداخلت ڪرڻ نه ڏجي.
(٥) سڀ حقيقتون خصوصي حالتن ۾ نه پر عمومي حالتن (Generality) ۾ سمجهڻ گهرجي.
(٦) امڪان جي بنياد تي به اڳڪٿي ڪري سگهجي.
(٧) هٿ ڪيل سچو مواد اهڙو هوندو جو ان کي عام ۽ عملي حالتن ۾ پرکي سگهبو.

سائنسي تحقيق جي باب ۾ اسان هنن ڳالهين مان هر هڪ تي بحث ڪنداسون پر هت اهو ڏيکارڻو آهي ته ڪتاب جي سچي مواد ۾ تحقيق جي باري ۾ اسان جو نظريو ۽ اسان جو عقيدو اهو ئي رهيو آهي جيڪو مٿي ڏيکاريل ستن نڪتن ۾ آيو آهي.

Gul Hayat Institute

هن ڪتاب ۾ هڪڙي اهم ڪوشش اها به ڪئي وئي آهي ته ڪتاب کي مفيد بنائڻ لاءِ مختلف علمن ۾ ۽ شعبن ۾ تحقيق جي مخصوص ڳالهين کي بيان ڪرڻ ۽ سمجهڻ گهرجي ته جيئن هي ڪتاب هر اداري ۾ شاگردن توڙي استادن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿي سگهي.

انهيءَ خيال کان اسان سائنسي، سماجياتي، تعليمي ۽ ٻين اهڙن شعبن تي جدا جدا مواد ڏنو آهي.

ڪتاب اسان کي لکڻ گهرجن ۽ ڪتاب اسان ڏي لکندا رهندا سون جو اها فضيلت ۽ اها عزت رکو چڱن ماڻهن جي حق ۾ ڏي لکي وئي آهي. ملڪ جي بي شمار مسئلن ۽ وقت جي لاتعداد چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ اهل علم ۽ اهل عقل جو فرض آهي ته اهي مخالف لام بندي نه ڪن ۽ ملڪ جي مستقبل ۽ انسان ذات جي بهتر مستقبل جي لاءِ تعاون ڪن. تحقيق جو ڪم فضيلت جو ڪم آهي ۽ تحقيق جي باري ۾ علمي سوالن تي بحث ڪرڻ اسان پارن انهن مسڪينن جو فرض به آهي جن جي لاءِ زندگي اعليٰ مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ تلاش جو ڏي نالو آهي.

ڪنهن بزرگ سون کي ٻڌايو ته امرأ القيس جيڪو عربي زبان جو عظيم ترين شاعر هو ان جو وڏو ڪارنامو اهو به هو جو هُن پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ هڪ گمنام شاعر جو نالو ورتو هو ۽ هن طرح هُن هڪ معلومات ڏني هئي. بعد ۾ ان جي نقادن چيو هو ته امرأ القيس ڪجهه به نه ڪري ها ۽ رڳو انهيءَ گمنام شاعر جو نالو ڏي ٻڌائي ها ته به هو ايئن ڏي زنده جاويد رهي ها جيئن پنهنجي نالي سان اڄ تائين آهي. (مان ان بزرگ جو، امرأ القيس جي باري ۾ هيتري معلومات ڏيڻ جي لاءِ ٿورائتو آهيان).

وقت ۽ حالتن جي تقاضا آهي ته اسان هڪٻئي کي سچي خبر، سڌي يا سنواٽي خبر ۽ پيرائتي خبر ڏيون. شايد هن طرح اسان هڪ مفيد ڪم ڪري سگهنداسون.

Gul Hayat Institute

ملڪ جي بيشمار فضيلت مند استادن جو اهو ڪم آهي ته اهي علمي سوالن تي تجسس ۽ تحقيق جي جذبي کي سلامت رکن ۽ تعليمي ادارن ۾ تحقيق جي علم جي تعليم به ڏين ۽ مختلف سوالن تي تحقيق جي ڪم کي شروع ڪن. هي ڪم تعليمي ادارن جي ئي ڏانءُ جو آهي ۽ اهو ڪم اسان کي يونيورسٽين ۽ وڏن تعليمي ادارن ۾ ڪرڻ گهرجي.

اميد آهي ته هي ڪتاب هن باري ۾ ڪارائتو ثابت ٿيندو. پنهنجيءَ هن ڪوشش ۾ مان انهن دوستن جو ٿورائتو آهيان جن جي رڳو همت افزائيءَ جا ۾ لفظ به ڇپيا آهن. هنن حالتن ۾ هن معاشري ۾ ايتري ڳالهه به وڏي ڳالهه آهي. ايتري خوش فهمي ته نه هئڻ گهرجي ته هن ڪتاب جي ڪري هڪدم ڪا تبديلي ايندي ڇو ته سگهي ٿي هوڏ ۽ ضد جي "فضيلت" به ته مسلم ٿي آهي پر نيڪ نيتيءَ جي تقاضا اها آهي ته خلوص سان ڪم ڪيو وڃي ۽ گمان نيڪ رکجي. پاڪستان پنهنجو وطن آهي ۽ حب ِ وطن عين ايمان آهي. علمي خدمتون اسان جي تاريخ کي طاقتور بنائي سگهن ٿيون ۽ تحقيقون اسان جي حياتين کي سکيو ۽ ثانيڪو، جو انهن جي معرفت زندگيءَ جي مونجهارن ۽ مسئلن جو حل نڪري اچي ٿو.

محققن تحقيق کي گهڻو ڪري سائنسي تحقيق، سائنسي سوچ سان ۽ سائنسي طريقن سان تعلق رکڻ وارو طريقوئي سمجهيو آهي. انسائيڪلوپيڊيا آف سوشل سائنسس ۾ ريسرچ لفظ يا ان جي وصف بيان ڪندي مضمون جا مصنف لکن ٿا ته "تحقيق شين، تصورن ۽ اهڃاڻن جي انهيءَ بندوبست (Manipulation) جو نالو آهي جنهن جو مقصد عمومي نتيجا ڪڍڻ هجي ۽ جنهن جي مدد سان ڪنهن علمي مواد کي وڌائي، درست ڪري سگهجي ۽ ان جو جائزو وٺي سگهجي پوءِ اهو علمي مواد سائنس سان تعلق رکندو هجي ۽ ڪنهن نظريي جي ٺاهڻ ۾ مدد ڪندو هجي يا ڪنهن آرٽ

Gul Hayat Institute

جي استعمال سان." (١)

سائنس جو تعلق مادي شين سان آهي. ماهر طبعيات شين سان لهه وچڙ ۾ اچي ٿو ۽ ان جي سچي ڪوشش جو مرڪز شيون آهن. اهـڙيءَ طرح هڪ ماهر نفسيات جو تعلق بہ شين سان ئي آهي. جيئريون ۽ چرندڙ پرندڙ شيون ان جـي تحقيق جو مرڪز آهن جنهن ۾ هو ڏسي ٿو تہ ڪنهن نہ ڪنهن خاص صورتحال ۾ يا ماحول ۾ اهي شيون ڪهڙو عمل ڪن ٿيون. نفسيات جو ماهر هن حالت ۾ ڏسي ٿو تہ اهـڙيون شيون ڪهڙيءَ طرح ۽ ڪهڙي قاعدي تحت عمل ڪن ٿيون. اهـڙو ماهر هـن حالت ۾ شين کي هڪ مقصدي ضابطـي (Purposeful Control) جـي هيٺ رکـي ٿو. مثال طور هو ڪُئن تـي تحقيق ڪرڻ جـي لاءِ کين ڪجهہ وقت جـي لاءِ بکايل رکـي ٿـو يا ماهر طبعيات ڪن کينهوڙن (Balls)کي ڪنهن لاهيءَ جي مختلف زاوين تي رڙهندي ڏسي ٿو. هن طرح جڏهن شين کي عمل جي حالت ۾ رکڻ جي لاءِ اڳ ۾ مقصد مقرر ڪجي ٿو تہ ان حالت کـي "بندوبست" مئنيپوليشن ٿو چئجي. "بندوبست" ۾ ٻن ڳالهين کي اهميت هوندي آهي:

(١) جدا جدا شين يا جانـورن جـي عملن ۾ ڪهڙيـون هڪ جهڙايون آهن جن کي عموميات (Generalization) جي نالي سان سڏجي.

(٢) شيون يا جانــدار پنهنجي جــدا جدا عملن ۾ ڪهڙن قاعدن تي عمل ڪن ٿا.

اهي بہ ڳالهيون ڪنهن بہ سائنسي تجربي يا تجزيي جـي عمل ۾ بنيادي ڳالهيون آهن.

اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ ڪو ماهر سائنسدان رڳو شين

(1) Article by D.Slesinger and M. Stephenson in, 'The Encycleopaedia of Social Sciences' Vol: IX, MacMillan 1930.

Gul Hayat Institute

۽ جاندارن سان ڏي بندوبست جو عمل لاڳو نہ ٿو رکي پر هرڪو ماهر اهڃاڻن ۽ تصورن سان بہ ساڳيو ئي طريقو اختيار ڪري ٿو ۽ ان حالت ۾ بہ هو ”عموميات“ ۽ قوانين جي تلاش ڪري ٿو. البت تصورن جي حالت ۾ هو شيون نہ پر شين جا تصور ڏسي ٿو ۽ جاچي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح اهڃاڻ جيڪي پاڻ تصورن جيان ڪم ڪن ٿا ۽ ڪن شين جا اهڃاڻ ٿين ٿا سي بہ ماهرن جي عملي جستجو جي لاءِ اختيار ڪيا ٿا وڃن.

سو عام طور تي تحقيق (١) مادي شين تي
(٢) جاندار شين تي
(٣) اهڃاڻن تي ٻڌل ٿئي ٿي.

هن طرح هڪ ماهر طبعيات گولن (Spheres) دائرن، ڪنڊن، واڌوءَ ۽ ڪاٽوءَ جي حالت ۾ انهن تصورن جي مدد وٺي ٿو جيڪي شين جي نمائندگي ڪن ٿا ۽ ماهر نفسيات جي حالت ۾ جسم، بک، نااميدي، ذهني قوت جهڙن تصورن سان جيڪي شين جي نمائندگي ڪن ٿا پر پاڻ شيون جهڙا نہ آهن. هن حالت ۾ هي تصور شين جا اهڃاڻ آهن. هنن تصورن کي ”شين جا ذهني مخفف“ (Mental short hands) ٿو چئجي. (١)

هن طرح شين جا تصور شين جي نمائندگي اهڙيءَ طرح ڪن ٿا جو انهن تي تحقيق ڪرڻ جو ڪم تڪليف ڪونہ ٿو ڏئي. اهو ماهر فلڪيات جيڪو ستارن جي گردش تي ڪم ڪري ٿو سو جيڪڏهن ”تصورن“ تي ڪم نہ ڪري سگهي ها تہ پوءِ هو ستارن کي تجربيگاهہ ۾ ڪيئن ٿي آڻي سگهي. هن طرح هن جي لاءِ پاڻ شيون نہ پر شين جا آهي ”قدر“ ضروري آهن جن جي معيار جي هن کي خبر آهي.

(1) Wilkinson and Bhandarkar, "Methodology and Techniques of social Research" Himalia Pub. House Bombay 1979 P. 10

Gul Hayat Institute

هن طرح بندوبست جو مطلب آهي ”مقصد جي تحت شين تـي ضابطو رکـڻ.“ (Purposeful control of things) هـن حالت ۾ ”مقصد“ جـو مطلب آهـي ”اهـو ارادو جنهن مطابـق ’عموميت‘ (Generality) تي پهچي سگهجي“ هن طرح ضابطي جي تحت (Controlled) جائزي يا جاچ جو مطلب آهـي آهو نتيجو ڪيڻ جنهن مطابق معلوم ٿئي ته جيڪڏهن هـن يا ڪنهن خاص شين جي ڪلاس کي ڪن خاص حالتن ۾ رکبو تـه نتيجو سدائين يا اڪثر ساڳيو ئي نڪرندو. انگريزيءَ ۾ هن ڳالهه کي هن طرح بيان ڪري ٿو سگهجي.

"The net result of controlled inquiry should be the proposition or a conclusion which tells us to expect something in a class of things under a class of conditions."

يعني هڪ ئي درجي جون شيون هڪ ئي درجي جي حالتن جي تحت هڪجهڙو (يـا گهڻو ڪري هڪجهڙو) نتيجو ڏيکارين ٿيون.

هن طرح هڪڙو ڊاڪٽر يا هڪڙو موٽر مڪينڪ چـئي تـه هڪ تحقيقي ڪم ڪري ٿـو، جـو هو مريض کي ڏسي سان/ هو موٽر گاڏيءَ کي ڏسي سان جي ساڳيءَ ڪمپنيءَ جي مشين/ ساڳئي مرض جي اڳ ۾ آيل مريض جي حوالي سان ڪم ڪري ٿو.

اهڙيءَ ريت جڏهن ڪن ٻه ٽن مريضن کي ساڳيو ئي مرض لاحق هئو ۽ انهن کي ڪنهن بـه هڪ دوا يا نسخي ٺيڪ ڪري ڇڏيو ته پوءِ نتيجو اهو نڪرندو ته انهيءَ مرض جو علاج انهيءَ گوريءَ ۾ موجود آهي. هن طرح هڪ عموميت قائم ٿئي ٿـي جنهن کـي ساڳئي مرض جي مريضن جي حالت ۾ ساڳين ئي حالتن اندر رکي وڌيڪ آزمائي سگهجي ٿو.

سو هڪڙو نتيجو يا هڪڙو علم ته اهو مليو ته جن مريضن کي ساڳيءَ دوا چڱو ڀلو ڪري ڇڏيو تن کي ساڳيو ئي مرض هو

جن هڪ مرض جي مريضن کي هڪڙيءَ دوا چڱو ڀلو ڪري ڇڏيو آهي دوا انهيءَ مرض جي دوا هئي جيڪو هڪ ڪان وڌيڪ مريضن کي لاحق هئو ۽ جيڪي انهيءَ دوا جي استعمال سان تندرست ٿي ويا.

پر هاڻي هن علم کي وڌائڻو هجي يا ان جو وڌيڪ جائزو وٺڻو هجي يا ان معلومات کي وڌيڪ درست ڪرڻو هجي ته ان لاءِ ڇا ڪجي.

هن باري ۾ پهرين ڳالهه ته اها آهي ته شروعات ڪرڻ جي لاءِ پهرين شيءِ جيڪا ڪم ايندي سا آها ڏسي معلومات هوندي، جيڪا اڳ ۾ حاصل ڪئي وئي آهي. ٻي ڳالهه ته اصل صورتحال جنهن ۾ اسان اڳ ۾ هڪڙيءَ معلومات جي نتيجي تائين ۽ ان جي عموميت تائين پهچي چڪا آهيون سا به تبديل نه ٿيندي ۽ ساڳي ٿي رهندي جو حاصل ڪيل نتيجو رکيو انهيءَ صورت حال (Phe- nomena) ۾ ئي نڪري سگهي ٿو ۽ اها ڳالهه تسليم ڪيل آهي.

هن جو مطلب اهو ٿيو ته وڌيڪ تجربي يا آزمودي جي لاءِ اسان کي هن مخصوص صورت حال ۾ ۽ هي مخصوص نتيجو سامهون رکڻي آهي گوشا ۽ اهي پاسا ساڳيءَ صورت حال جا جاچڻا ۽ پرکڻا آهن جن کي اسان اڳ ۾ جاچي نه ڏٺو آهي ۽ جن تي اسان غور نه ڪيو اهي ٿوڙي جو اهي گوشا به اسان جي مشاهدي (Observation) ۾ اڳ ۾ اچي چڪا هئا.

هاڻي جيڪڏهن هنن گوشن مان ڪنهن به هڪ کي اسان نتيجي جي حاصل ڪرڻ لاءِ اختيار ڪنداسون ته ان کي شموليت (Incorporation) جو عمل چئبو. پوءِ ساڳيءَ شموليت جي بنياد تي ڪنهن مشاهدي کي تحقيق جي عمل ۾ داخل ڪبو ته صورت حال جو بهتر ۽ وڌيڪ اونهو اڀياس ڪري سگهبو جيڪو سائنسي تحقيق جي لاءِ ضروري بلڪ سياويڪ هوندو آهي.

هاڻي جيڪڏهن تحقيق جي عمل کي اڳتي هلائڻ سان ۽ نئين مشاهدي جي شموليت سان اهو معلوم ٿئي ته صورت حال پوءِ

بہ ساڳيو ئي نتيجو ڏئي ٿي تہ ڇمبو تہ ساڳيو ئـي قانون بہ اختيار ڪري ٿي ۽ ساڳئي قسم جي عموميت بہ ڏئي ٿي. هن جو مطلب اڳتي اهو ٿـو ٿئي تہ هـيءَ صورت حال پاڻ اچا ڪنهن ويڪريءَ ۽ متاهينءَ صورت حال جو حصو آهي يعني موجوده صورت حال جو تعلق بہ صورت حال جي ڪنهن نہ ڪنهن ڪلاس سان آهي جنهن جي هيءَ صورت حال رڳو هڪ حصو آهي. هن طرح اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ”صورت حال جمع“ (Classes of phenomena) جـي اندر ڪا اچا بہ وڏي ۽ ويڪري هڪجهڙائي (Linkage) موجود آهي. هن طرح اڳي موجود علم، معلومات ۽ ڄاڻ جـي ذخيري ۾ وڌيڪ حقيقتون ۽ سچايـون شامـل ٿين ٿيون ۽ معلومات وڌيڪ ويڪري ٿئي ٿي.

سائنسي تحقيق جي باب ۾ اهـو تمام ضروري آهـي تہ هر دور ۾ ۽ هر حال ۾ نوان نوان لاڙا، نوان نوان معلومات جا ذخيرا ۽ نيون نيون حقيقتون شامل ڪرڻ گهرجن. هن طرح سائنسي تحقيق جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ پختي بہ ٿئي ٿي ۽ وڌيڪ مسئلن جو حل بہ پيش ڪري ٿي سگهي. انهيءَ ڪري ئي سائنسي تحقيق جو عمل جمود جو شڪار ٿـي نہ ٿـو سگهي ۽ ڪنهن بہ منزل تي ان جا دروازا بند ڪونہ ٿا ٿين. انهيءَ طرح انساني عقل جـي انتها جو امڪان ئي ختم ٿي ٿو وڃي. جيڪڏهن هڪ گـوشي يا حقيقت يا معلومات جو نتيجو نڪري ٿو تہ ان کي ڇڏي بـيءَ حقيقت ۽ معلومات جي پيروسي تي تحقيق کي جاري رکي ٿو سگهجي. جهڙيءَ ريت حقيقت ۽ معلومات جي ڪا انتها ڪانہ ٿي ٿئي تهڙيءَ ريت مشاهدي کي جاچڻ ۽ پرکڻ جي انتها بہ نہ ٿي ٿئي.

هن طرح معلوم ٿو ٿئي تہ سائنس جي ميدان تي اها ڳالهہ ڪمزور آهي تہ انساني عقل جي انتها تي سگهي ٿي ۽ ان ڪان پوءِ انسان ئي پاڻ عقل کي ڇڏي جنون يا ”عشق“ جو رستو اختيار ڪندو تہ زنده رهندو نہ تہ انساني زندگي نراسائيءَ جو شڪار ٿي ويندي.

عقل انسانيءَ مان اها نااميدي بہ انسان جي تاريخ جي هڪ واقعاتي شيءِ آهي پر عقلمند ماڻهو آهي ئـي اهو جيڪو عقل مان نااميد نہ هجي.

اها ڪيفيت جنهن ڪـي حيرت يا عبرت ٿـو چئجي ۽ جا مشاهدي جي نتيجي ۾ حاصل ٿئي ٿي سا بہ عقل جي انتها نہ آهي. اها انسان جي طبيعت يا مـَنَ (Mind) جي ڪيفيت آهي جيڪا باشعور ۽ عقلمند انسان سان لاڳو هڪ حقيقت آهي. اها ڪيفيت خوشيءَ جي اها ڪيفيت آهي جيڪا انسان کي تمام وڏيءَ حاصلات ۽ معلومات جي نتيجي ۾ ملي ٿـي. انسان ۽ عقلمند باشعور انسان انهيءَ منزل تي بہ مشاهدي کان خالي نہ آهي آهو ڏسي سگهي ٿو، ٻڌي سگهي ٿو ۽ محسوس ڪري ٿو سگهي، تڏهن هـُن کي حيرت حاصل ٿي ٿئي. پاڻ صوفياءَ بہ انهيءَ ڪيفيت کي شعوري ۾ حقيقي ڪيفيت سمجهن ٿا. ان ڪري هڪ مسلم معاشري ۾ بہ علماءَ عقل جي حد کي هڪ مادي دنيا جي اندر حقيقي نـہ ٿا سمجهن. اها منزل ڪن علماءَ جي خيال ۾ مجاز جي منزل آهي پـر اهو ثابت آهي بہ ڪري نہ سگهيا آهن تہ مجاز ۾ عقل ۽ شعور خاموش ۽ بـي عمل رهن ٿا. ان منزل کي عقل ۽ شعور جي اعليٰ منزل تہ سڏي سگهجي ٿو پر ان کي عقل ۽ شعور کان مٿي سمجهڻ جو خيال ڪوبہ اهڙو نہ آهي جنهن کي عقل تسليم ڪري.

انسان عقل ۽ علم جي زور تي افلاڪ جـو ادراڪ ڪري ٿو ۽ ڪري سگهي ٿو. ۽ هن طرح هـُن کي انهيءَ "غيب" جو بہ ادراڪ نصيب ٿئي ٿو جيڪو "موجود" تہ آهي پر ڪن حالتن ۾ "معلوم" نہ آهي. معلوم جيڪو هڪ حالت ۾ هڪ انسان جـي لاءِ معلوم نہ آهي سو ٻيءَ حالت ۾ ٻئي انسان جي لاءِ معلوم آهي پر شرط اهو آهي تہ اهو مادي حقيقتن تي ٻڌل ڪوبہ وجود هجي. هن باري ۾ بـہ سيدنا لطيف جنهن ڪـي پاڻ کي صاحب علم جا صوفي سڏيندا رهندا آهن، وڏيءَ وضاحت سان هڪ سمجهاڻي ڏئي ٿو مثال طور:

نہ ڪو عرش نہ آپ ڪو زمين ناهہ ذرو
نہ ڪو چارو چنڊ جو نہ ڪو سيج سرو
آڻي آديسين جو لڳو دکُ درو
پري پين پرو ناتُ ڏناڻون "نانہن" ۾.

هن طرح هڪ باشعور ۽ باعقل انسان پنهنجي تلاش ۽ جدوجهد جي ڪري افلاڪ ۽ ادوار جي مادي وجودن کي نہ لهي پر انهن جي شعوري ۽ تصوراتي (Conceptual) وجودن کي ڏسي ٿو پسي ٿو ۽ محسوس ٿو ڪري جيئن پوين بن سٽن ۾ سيدنا پٺائي ٻڌائي ٿو. بقول پٺائي "ذات" جيڪو نفيءَ جي وجود حقيقي (Negatively charged Something) آهي انهيءَ کي بہ سندس خصوصي ماخول ۽ حالتن جي اندر موجود ڏسي ٿو سگهجي جنهن کي دنيا جي هڪ عظيم انسان "نانهن" (Proton ،Electron Neutron) کان وڌيڪ هڪ حقيقت يا عنصر آهي جي لفظ ۾ بيان ڪيو آهي. تصوراتي وجودن کي اهڃاڻ ۽ تصور چيو ويو آهي. سائنسي تحقيق جي عمل ۾ جيئن مٿي آيو آهي اهڃاڻ ۽ تصور بہ معلومات ڏين ٿا ۽ حقيقتون آڇن ٿا ۽ انهن کي بہ عقل ۽ استدلال جي طريقن سان پرکي سگهجي ٿو. سائنس ۾ اهڃاڻن ۽ تصورن کي لسانياتي اوزار (Linguistic oppratus of Science) سڏبو آهي. هن طرح مادي دنيا يا مادي ڪائنات جي ڪابہ شيءِ يا ان جو ڪوبہ وجود عقل کان مٿي نہ آهي. اِهو هڪ عقيدو ۽ پروسو آهي ۽ انهيءَ پروسي تي ئي سائنسي تحقيق جو بنياد پيو آهي. هن طرح سائنسي تحقيق انسان جي لاءِ هڪ اخلاقياتي سوال بہ آهي.

عقلي ۽ مشاهداتي شهادتن جو دائرو

مشهور محقق ول ڊيوران (Will Durant) چوي ٿو تہ "سائنس جو ميدان انسان جو فتح ڪيل ميدان آهي. بس توهان هيئن سمجهو تہ جيئن ئي تحقيق جو ڪو طريقو اهڙي معلومات فراهم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو، جنهن مان مڪمل ۽ هڪجهڙا

(exact) قاعدا جوڙي سگهجن، سائنس وجود ۾ اچي تي وڃي.“(١)
”سائنسدان ۽ عالم چئجي ٿي انهيءَ انسان کي ٿو جنهن جو اهو عقيدو ۽ ڀروسو آهي تہ سچ مشاهداتي وسيلن ۽ محسوساتي نمونن جي مدد سان حاصل ڪري ٿو سگهجي.“ ڀر ايڇ. جي. ويلس (H.G. Wells) سچ ممڪن ۽ سچ معلوم (Possible facts and known facts) جو تصور ڏني ٿو. (٢)
ڀر ويلس لکي ٿو: ”وڌ ۾ وڌ سچي ڳالهہ سائنس جي باري ۾ اها آهي تہ ان جا نظريا سچ جي هڪ ليکائي شڪل يا ان جو اهڙو خاڪو ڏيڻ جي لائق بہ مشڪل سان آهن. اهي نظريا تہ سچ ممڪن (Possible truth) جي باري ۾ بہ ڪافي نہ آهن. آهي رڳو ”سچ معلوم“ (Known truth) جي باري ۾ ڪو علم يا ڪا معلومات ڏئي سگهن ٿا.“
سچ محض (absolute or ultimate truth) صوفيا ڪرام جي فلسفي جي شيءِ آهي. اها شيءِ سائنس جي دائري جي شيءِ انهيءَ حالت ۾ نہ آهي جنهن حالت ۾ صوفي سڳورا ان جو مفهوم ڪدن ٿا. سائنسدان جي لاءِ سچ هڪ ٻي شيءِ آهي ۽ اها واحد آهي ۽ هر شيءِ آهو سچ رکي ٿي جنهن مان ان جي حقيقت ۽ اهميت جو پتو پوي ٿو. سائنسدان چون ٿا تہ اهڙو سچ حواس جي وسيلي مشاهدي جي مدد سان معلوم ڪري ٿو سگهجي ۽ فقط اهو ئي سچ ”سچ“ آهي جيڪو ”سچ معلوم“ آهي. سائنسدان جي هن نظرئي کي ”تنقيدي استدلال“ (Critical Rationalism) يا تنقيدي عقليت (Critical empiricism) ٿو چئجي.
”سائنسدان انهيءَ تخليقي آرٽسٽ جهڙو آهي، جيڪو سنگ مرمر جي هڪ بلاڪ مان هڪ بت تراشي ٿو سگهي.“ هڻن

(1) Durant, W. story of Philosophy, N. Y. 1971 P. XXVI.
(2) Wells, H. G. Science and Ultimate truth great Essays in Science P. 329

Gul Hayat Institute

وٽ اڳي جيڪو مواد (Material) موجود آهي ان جي به ڪا ماپ ۽ ڪي اندروني خصوصيتون آهن. سائنسدان ان کي ڪم آڻڻ وقت ان جي ليڪن، رنگن ۽ ان جي ماپ جو پورو لحاظ رکي ٿو.

ولڪنسن ۽ پنبارڪر وارا لکن ٿا ته ڪي پراڻا عقليت پسند چون ٿا ته سائنس جو بنياد انهن معقولات (Propositions) تي آهي جن جي بنياد تي وڌيڪ معقولات کي حاصل ڪري سگهجي ٿو. هي ڪم عقلي وسيلن سان ڪري ٿو سگهجي. هن سرشتي ۾ بنياد طور اختيار ڪيل معقولات اڳ ۾ موجود هوندا آهن. ۽ انهن جي سچي هئڻ ۽ موزون هئڻ جي باري ۾ وڌيڪ تحقيق جي ضرورت نه هوندي آهي. اهڙن معقولات کي اندروني يا اصلي شهادتون (Self evident Propositions) هنن شهادتن کي "ڪُل" به چئي سگهجي ٿو جن جي مدد سان "جزن" (Particulars) تائين پهچي ٿو سگهجي. پيا آهي سائنسدان آهن جن جو خيال آهي ته سائنسدان کي اڳ ۾ جُز (Particular) وٽان شروع ٿيڻ گهرجي ۽ مٿي چڙهي چڙهي هن کي ڪُل (Universal) تائين پهچڻ گهرجي. پهرئين طريقي کي "ڪُل" يا انگريزيءَ ۾ (Deduction) وارو طريقو ٿو چئجي ۽ ٻئي کي "جزي" يا (Induction) انڊڪشن وارو طريقو ٿو چئجي. پر ڪيمر لارابيءَ (Larrabee) جو خيال آهي ته بهتر طريقو اهو آهي جنهن ۾ ٻئي طريقا گڏجي هلائجن. لارابي ٿو لکي "جيڪڏهن پختو "دليل سند" (Deductionist) هڪڙي اهڙي ڪوريئڙي جهڙو آهي جيڪو اندران ئي اندران پنهنجا نظريا ڪڍي ٻاهر ٿو آڻي ته پختي "عقل پسند" (Induc-tionist) کي انهيءَ ماڪوڙيءَ سان تشبيهه ڏئي ٿي سگهجي جيڪا هر قسم جون شهادتون يا معلومات گڏ ڪري پوءِ ان مان ضرورت جون شيون ٻاهر ٿي آڻي. پر ڪوريئڙي ۽ ماڪوڙيءَ کان بهتر وري به آهي ماکيءَ جي مک آهي جيڪا چونڊ ڪرڻ ۾ به مقصد جو خيال رکي ۽ وري گڏ ڪيل مواد جي ڇنڊ ڇاڻ ۾ به مقصد جو خيال رکي، جيئن ماکيءَ جي مک چونڊيل مواد (Pollen)

منجهان ماڪيءَ جي ناهڻ ۾ (Comte) ڪري ٿي.

طريقي (Method) جي باري ۾ مشهور حڪيم آگسٽ ڪومٽي جو چوڻ آهي ته ”سائنسي طريقو عقل پسنديءَ کي اختيار ڪري ٿو ته جيئن بهتر دليل بازي ڪري سگهي ۽ دليل بازي انهيءَ ڪري ٿو ڪري ته جيئن عقل ۽ دليل جي مدد سان بهتر تعمير ڪري سگهي يا بهتر نظريو قائم ڪري سگهي.

“Induction for Deduction with a View to Construction.”

Gul Hayat Institute

تخليقي تهذيب

انسان جي دنيا جو سڄو ٺٺ ۽ دٻدٻو اصل ۾ انسان جي انهيءَ افرادي طاقت (Man power) جو نتيجو آهي؛ جيڪا انسان جي انهيءَ ڪاوش ۽ ڪوشش جو نتيجو آهي جيڪا انسان کي ڪجهه ته فطرت جي سخاوت جي ڪري ملي آهي ۽ ڪجهه انسان هٿ پير هڻي حاصل ڪئي آهي. افرادي طاقت جيڪا ڪلن سان ڪم ڪندي نظر اچي ٿي جيڪا روايتي (Conventionl) اوزارن (Tools) کي استعمال ڪندي نظر اچي ٿي، جيڪا غور ۽ ويچار ڪندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا غور ۽ ويچار توڙي نين حقيقتن کي ڳولي لهڻ جي ڪم ۾ سرگرم نظر اچي ٿي، جيڪا شاعريءَ آرٽ ۽ ادب جي نقوش ۾ نمايان آهي ۽ جيڪا جديد تجربي گاهن ۾ سڌريل آلات جي مدد سان فطرت جي رازن ۽ رمزن (Mystries) جا ڳجهه کولي رهي آهي. سا انسان ذات جي عمر جيتريءَ عمر جي آهي ۽ جيڪا انسان جي دنيا ۾ خلقت (Creation) تاسيس (Foundation) ۽ تجديد (Reformation) جي عملن ۾ سرگرم رهي آهي ۽ رهندي اچي ٿي. اهائي افرادي طاقت آهي جيڪا جديد دنيا کي رفتار، نظر ۽ سماعت جهڙيون نعمتون ڏئي چڪي آهي، جن جي مدد سان اسان جي دور جو انسان هوائن ۾ تيز رفتاريءَ سان سفر ڪري ٿو، تمام ننڍيون باريڪ ترين شيون ڏسي ٿو. جيڪي رواجي طور تي انسان جي اک ڪنهن به طرح ڏسي نه سگهي ها ۽ هاڻي انسان تمام پري وارو آواز ٻڌي سگهي ٿو. جيڪو رواجي طور تي هو ڪڏهن به نه ٻڌي سگهي ها. هن طرح انسان ڪن شين جو خالق آهي؛ ڪن شين جو بنياد وجهندڙ آهي ۽ ڪن شين جو سڌاريندڙ آهي. ”خالق“ برپا ڪندڙ ۽ سڌاريندڙ انسان هن دور تائين پنهنجو هڪ اهڙو انساني ڪلچر پيدا ڪري چڪو آهي؛ جيڪو هاڻي انسان سان گڏوگڏ ۽ انسان وانگر پاڻ

Gul Hayat Institute

۽ تخليق، تاسيس، ۽ تجديد وارن عملن ۾ سرگرم آهي. هن طرح خود انسان جي ڪائنات ۽ فطرت جي ڪائنات جيان گوناگون ۽ "گهڻ پڻائي" ڀنجي پيئي آهي ۽ اهو ئي ڪلچر آهي جنهن کي هاڻي "تخليقي تهذيب" جي نالي سان ياد ڪيو ٿو وڃي.

هيءَ صورت حال اهڙي آهي جو ان جي منهن ڏيڻ لاءِ ۽ ان سان هٿ هٿ ۾ ڏيئي هلڻ جي لاءِ انسان کي پنهنجي تجربي، مشاهدي، عقل، استدلال ۽ احساس کان هر روز نئون ڪم وٺڻو ٿو پوي. هن طرح انسان پاڻ کي وڌيڪ طاقتور بنائڻ لاءِ هر روز نيون حقيقتون هٿ ڪري ٿو ۽ ان جي مدد سان پنهنجي لاءِ نوان وسيلا بڻائي ٿو ۽ نوان اوزار هٿ ڪري ٿو. انسان جا وسيلا ۽ اوزار وري ڪي مادي شين جا ٿين ٿا يا ڪي ذهني ٿين ٿا ۽ ڪهڙي وقت ڪهڙي حالت ۾ انسان کي ڪهڙو وسيلو ۽ ڪهڙا اوزار ڪم آڻڻ گهرجن ان جو فيصلو ب خود انسان کي ڪرڻو هوندو آهي. هن طرح انسان جي پيچ ڊڪ، متاڪت، جاڪوڙ ۽ هڻ هٽان انهيءَ مقصد لاءِ آهي ته هو پيدا ڪري ــ سڌاري ۽ برپا ڪري. انهيءَ متاڪت ۾ هو پنهنجي تجربي، مشاهدي، عقل، استدلال ۽ انهيءَ متاڪت ۾ هو احساس کي ب ڪم آڻي ٿو ۽ انهن جي مدد سان هو نيون حقيقتون (New and un known truths) ڳولي لهي ٿو ۽ نين حقيقتن جي مدد سان هو وڌيڪ متحرڪ، تخليقي، برپا ڪندڙ ۽ سڌاريندڙ بڻجي ٿو. تخليقي تهذيب (Creative civi-lization) ۾ اهڙيءَ ريت انسان اڻ سڌي طرح پنهنجي ڪارڪردگيءَ جي خيال کان ڪن مرحلن تان لنگهي ٿو:

(١) هو پنهنجو مقصد مقرر ڪري ٿو.

(٢) هو پنهنجي وسيلن جي ذخيري (Kit) جو تجزيو ڪري ٿو ۽ اهو فيصلو ٿو ڪري ته مقصد ماڻڻ جي راهه ۾ هن کي پنهنجن اوزارن ۽ وسيلن مان ڪهڙا ڪهڙا ڪم ايندا.

(٣) هو وسيلن ۽ اوزارن کي ڪم آڻي ٿو ۽ انهن کي ڪم

آڏـڻ ۾ هو ڪِنهن نـه ڪِنهن ”حڪمت عمليءَ“ يا
”بندوبست“ (Technique) ڪان ڪم وٺي ٿو.

(۴) وسيلن جي مدد سان هو نيون حقيقتون ڳولي لهي ٿو.
(۵) انهن نين حقيقتن معلوم ڪرڻ ڪان پوءِ هن جي مقصدن جو اڳيان ٿاڻيون منزلون مقرر ٿين ٿيون جو هو نين حقيقتن کي وڌيڪ آزمائي ٿو.
(۶) نين منزلـن ۽ مسئلن کـي خيال ۾ رکـي هـو نئين حڪمت عملي ۽ پاليسي (Stretegy) مقرر ڪري ٿو يا اختيار ڪري ٿو. اهڙي ريت حال جو انسان ماضيءَ جي انسان کان وڌيڪ طاقتور، اُپائو (Productive) ۽ متحرڪ (Dynamic) بڻجي ٿو.

اهو سوال ان ڪري اهم بنجي ويو آهي ته انسان جو هي عمل ڪيتري قدر ماضيءَ جو مقلد آهي ۽ ڪيتريءَ حد تائين اهو نئون ۽ مستقبل جي لاءِ بنياد جو ڪم ڏئي ٿو سگهي. هـن سوال جو جواب اسان تمام آسانيءَ سان اهو ئي ڏئي ٿا سگهون ته انساني تهذيب ’تخليقي‘ نوعيت جـي آهـي ان ڪري آها هر ”حال“ ۾ اهڙيءَ ريت تبديل ٿي ٿئي جو آها هميشه مستقبل جي طرف وڌي ٿي ۽ ان جو بنياد ـــ فڪري توڙي عملي، پيدا ڪري ٿـي. هيءَ ڳالهه سائنس جي هر ايجاد مان پڌري آهـي ۽ ان ڪري هن باري ۾ سائنس ۽ علم تحقيق جو سوال پاڻ ئي اسان جي اڳيان اچي ٿو.

هر منزل تي انسان جي وسيلن کي استعمال ڪيو ٿو وڃي. هـن طرح انسان لاءِ ضروري ٿـي پوي ٿو ته هو ڪنهن نه ڪنهن اهڙي علم کـان ڪم وٺي جنهن جـي مدد سان هن جا وسيلا بهتر ڪم ڪري سگهن يعني انهن جـي ڪم ڪرڻ جـي صلاحيت نه رڳو بهتر ٿيندي وڃيءَ پر وڌندي به وڃي.

ظاهر آ ته هـن حالتم انسان کـي اهڙي علم جـي ضرورت پوندي جيڪو هن کي پنهنجي سفر جي مٿي ڏيکاريل ڇهن منزلن مان هرهڪ تـي مدد ڪري سگهي ۽ هنن منزلن کـي پار ڪرڻ

واري ڪم ۾ انسان جي ذهن ۽ ٻين طاقتن تي جيڪو بار پوي ٿو ان جو مقابلو ڪري.

ڇا علم تحقيق ڪو اهڙو ئي علم آهي؟

هن ڪان اڳتي اسان انهيءَ سوال جو جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

Gul Hayat Institute

تحقيق جو مختصر تاريخي جائزو

انسان منڍ کان وٺي پنهنجي آس پاس ۽ پنهنجي ماحول کي غور سان ڏسندو ۽ جاچيندو رهيو آهي. انسان جا پهريان مسئلا ۽ سوال اهڙا هئا ته هي سج ستارا، هوائون ۽ مينهن ڇا آهن ۽ اها ڪهڙي طاقت آهي جا هنن جي وجود ۽ ڪم ڪار جي لاءِ ذميوار آهي. پنهنجي اوائلي دور ۾ انسان پنهنجن اهڙن سوالن جا جيڪي جواب ڏنا آهن سي اُن وقت جي انسان جي عقيدن ۽ ڀرمن جي شڪل ۾ اڄ به تواريخن ۾ موجود آهن. اُن وقت جي انسان جو خيال هو ته انسان ۽ ان جي ماحول کان ٻاهر ڪي اهڙيون طاقتون موجود هيون جيڪي باقي دنيا جي سڀني شين کي پنهنجيءَ بي پناه قوت سان هلائي چلائي رهيون آهن.

تواريخ جي هڪڙي دور ۾ ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته ڪي حڪيم ۽ ڪي هٿراڌو مذهبي پيشوا اهڙا ظاهر ٿيا هئا جيڪي چوندا هئا ته هنن ۽ انسان جي ماحول کان ٻاهر وارين عظيم طاقتن (Gods) جي وچ ۾ هڪ ڳجهو لاڳاپو موجود هو ۽ هو انهن طاقتن جي مدد سان سڀ ڪجهه ڪري ٿي سگهيا. اهڙي دور ۾ انسان هڪ حاڪميت (Authority) جي غلاميءَ ۾ رهندو هو. اهڙي دور ۾ انساني ماحول جي مسئلن کي مذهبي اڳواڻن جي خيالن پٽاندر حل ڪيو ويندو هو.

پر هلندي هلندي آخر انسان اهڙي هنڌ اچي پهتو جتي هن کي پنهنجي ماحول يا فطرت جي شين ۾ هڪ قسم جو سرشتو ۽ هڪ جهڙائي نظر اچڻ ٿي لڳي. هن کي ائين نظر اچڻ لڳو ڄڻ انسان جي دنيا سببن ۽ انهن جي نتيجن جي پيدا ڪيل دنيا هئي ۽ هن کي ائين به نظر اچڻ لڳو ڄڻ هو ڪنهن حد تائين پنهنجي مستقبل کي به ڏسي ٿي سگهيو ۽ ڪنهن حد تائين حالتن جي باري

Gul Hayat Institute

۾ اڳڪتي به ڪري نٿي سگهيو. پر اهڙي دور ۾ به انسان حاڪميت جي چنبي ۾ سوگهو هو ۽ هو آزاديءَ سان سوچڻ ۽ پنهنجو پاڻ ٿي پنهنجي عقل جي زور تي ڪا ڳالهه سمجهڻ ۽ چوڻ جي همت ڪري نٿي سگهيو. ڀرمن ۽ وهمن، عقيدن ۽ ويساهن جي بنياد تي پيدا ٿيل حاڪميت هن کي اها آزادي ڏئي نه ٿي سگهي ته هو عقيدن جي خلاف سوچي ۽ پنهنجي وات جدا ٿاهي. اهڙي دور ۾ ڏاها، تپاس ۽ تحقيق ڪرڻ وارا ماڻهو ڦاهيءَ تي به چاڙهيا ويا هئا. انهن ماڻهن مان هڪڙو ماڻهو ابراهيم ابن آذر به هو، جنهن فطرت جي تپاس ڪرڻ کان پوءِ چيو هو ته هٿ سان ٺاهيل بت انسان جا حاڪم ۽ والي وارث ٿي نه ٿا سگهن ۽ هي سچ ڪڏهن به خدا ٿي نٿو سگهي.

پنهنجي عقل ۽ سوچ جي وسيلي نتيجن ڪڍڻ جي ڏوهه ۾ ابراهيم ابن آذر کي باه جي اوڙاه ۾ اڇلايو ويو هو ته جيئن سوچڻ ۽ تحقيق ڪرڻ وارو ڪم هميشه لاءِ بند ٿي وڃي. اهڙا ٻيا مثال آهن ارسطو ۽ روسو جا.

پر پنهنجي سر سوچڻ، پاڻ ويچار ڪرڻ، پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪرڻ، ڏکين ڳالهين کي سمجهي وٺڻ ۽ پنهنجي ماحول تي پنهنجي ذاتي حيثيت سان ويچار ڪرڻ، شين جي تپاس ڪرڻ، آس پاس کي جاچڻ، پنهنجي سمجهه ۽ عقل سان نتيجا ڪڍڻ ۽ انهن کي وڌيڪ آزمائڻ ۽ ڪن کي غلط ۽ ڪن کي برابر سمجهڻ ۽ پنهنجن حواسن جي زور تي شين کي سمجهڻ وارو ڪم ڪڏهن به بند نه ٿيو ڇو ته انسان جي سمجهه ۽ عقل کي زنجيرن ۾ ٻڌي نٿو سگهجي ۽ عقل ۽ سمجهه واري طاقت ڪوڙي حاڪميت جي غلامي ڪري نٿي رکجي سگهي ۽ عقل ۽ سمجهه کي هر حالت ۾ جدا رستو کپي.

عقل ۽ سمجهه کي استعمال ڪرڻ کان پوءِ انسان کي جيڪو تجربو حاصل ٿيو آهو وڌندو رهيو ۽ تان جو تپاس تلاش، جاچ جوچ ۽ تحقيق جو هڪ طريقو به ٺهي پيو جنهن کي تمام ويجهڙائيءَ واري زماني کان وٺي سائنس چيو ٿو وڃي.

ظاهر ٿيو ته سائنس جو بنياد انسان جي عقل ۽ سمجهه جي وسيلي شين جي پرک، جاچ جوچ، تپاس ۽ تحقيق تــي رکيو ويو آهي. تنهن ڪري ظاهر آهي ته سائنس واري طريقي ۾:

(١) اڳوات مڃيل ۽ قائم ڪيل ڪنهن به ڳالهه ۽ ڪنهن به اصول ۽ قانون کي اکيون پوري مڃڻ غلط آهي ۽ ناجائز آهي.

(٢) اهو تمام ضروري آهي ته هر نتيجي ۽ هر ڳالهه کي پنهنجي تجربي ۽ پنهنجي مشاهدي ۽ پنهنجي عقل جــي آڌار تــي آزمائي ڏسجي.

هن جو وڌيڪ مطلب اهو ٿيو ته انسان خود پنهنجي سوچ جي طريقي تي به ڪنهن نه ڪنهن طرح وڌيڪ سوچڻ جو اصول ۽ قانون ڳولهي پسند ڪيو ۽ ان ڪان پوءِ وجــي ڪنهن ڳالهه تي پنهنجيءَ راءِ کي صحيح يا غلط سمجهو.

سوچڻ جي باري ۾ اصولن ۽ طريقن کي ڳولهي ۽ قائم ڪرڻ واري ڪم جي شروعات دنيا جي هڪڙي ڏاهي انسان ارسطو ڪئي هئي. هن دليل بازي ڪرڻ ۽ ان مان نتيجا ڪڍڻ جو هڪ طريقو ڳولهيو هئو جنهن کي سلاجزم (Syllagism) چيو ويندو آهــي. هن طــريقي پٽانــدر دليل بازي ڪرڻ لاءِ ٽــي ڳــالهيون مقرر ڪيون ويئون آهن. آهي ٽي ڳالهيون هي آهن:

(١) دعويٰ (Major premise)

(٢) دليل (Minor premise)

(٣) نتيجو (Conclusion)

هڪڙو سولو ۽ پختو مثال هي آهي:

دعويٰ : انسان عقل وارو جانور آهي.

دليل : الهه رکيو انسان آهي.

نتيجو : الهه رکيو عقل وارو جانور آهي.

سلاجزم جي هن طريقي کي منطقي طريقو چيو ٿو وڃي ۽ هن خاص منطقي طريقي کي جنهن جي منڍ ۾ ڪا دعويٰ ڪئي ويندي آهي ۽ پوءِ ان دعويٰ جي پٺڀرائيءَ ۾ ڪو دليل ڏنو ويندو آهي ۽

Gul Hayat Institute

پوءِ آخر ۾ ان دليل جي بنياد تي هڪ نتيجو ڪڍيو ويندو آهي، تدريجي طريقو (Deductive method) چيو ويندو آهي. هن طريقي سائنس جي طريقي جي ترقيءَ ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي.

ارسطوءَ کان ڪي صديون پوءِ هڪ ٻئي ڏاهي جنهن جو نالو فرانسس بيڪن (Francis Bacon) هو هڪ ٻيو طريقو ڳولهي لڌو هو. ان طريقي کي ارتقائي طريقو (Inductive method) سڏيو ويو آهي. بيڪن جڏهن تدريجي طريقي تي ويچار ڪيو تڏهن هُن کي معلوم ٿيو ته هن طريقي جو بنياد ڪي چند اهڙين مڃيل ۽ قبول ڪيل ڳالهين تي رکيو ويو آهي جن کي تحقيق ۽ تپاس کان سواءِ ئي مڃيو ويو هو. هن طريقي ۾ دعوي وارو جملو هميشه ڪنهن نه ڪنهن مڃيل ڳالهه تي بنياد رکي ٿو ۽ مڃيل ڳالهه کي قبول ڪرڻ ۽ جاچ جوچ نه ڪرڻ سائنس جي طريقي پٽاندر جائز ناهي ان ڪري بيڪن تدريجي طريقي جي مخالفت ڪئي. بيڪن اهڙين مڃيل ۽ قبول ڪيل ڳالهين کي بت يا بوتا (Idols) سڏيو آهي. چوي ته انهن مان هر هڪ ڪنهن نه ڪنهن گمان، وهم ۽ عقيدي تي ٻڌل آهي. ڏسو "Novum organum"

بيڪن جي پنهنجي طريقي ۾ اهو ضروري آهي ته اڳي حواسن جي وسيلي حاصل ڪيل تجربن کي گڏ ڪجي ۽ پوءِ انهن تجربن ۾ "هڪجهڙائي" (Generalisation) ڳولهجي ۽ پوءِ انهيءَ هڪجهڙائيءَ جي آڌار تي ڪو اصول مقرر ڪجي. هن طرح بيڪن ڪمزور دعوي، ڪچي دليل ۽ لفظي مٿاڪٽ جي عيبن ۽ اوڻاين کان پاڪ ۽ هڪ پختو طريقو ڳولهي ڪڍيو جيڪو تحقيق جي ڪم لاءِ ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيو.

پر اڳتي هلي معلوم ٿيو ته رڳو ۽ چڙهو ارتقائي طريقو به سائنسي معلومات لاءِ ڪافي نه هو. پهريون ڏاهو جنهن ڪي هن بيڪن واري طريقي ۾ به اوڻايون نظر اچڻ لڳيون هيون اهو هو چارلس ڊارون (Charles Darwin). ڊارون پنهنجي تحقيق جي بنياد تي اهو ثابت ڪيو ته سڌو ۽ پختو طريقو اهو آهي، جنهن ۾

ارتقائي ۽ تدريجي ترتيبن کي گڏي ڪم آڻجي. هن طريقي کي اڳتي هلي تدريجي - ارتقائي طريقو (Deductive - Inductive process) چيو ويو.

هن طريقي ۾ هڪ محقق، پارکو ۽ ڪاهوڙي سڀ کان اڳي ڪو نه ڪو فرضي نقطو وٺي ٿو رکي. ان کان پوءِ هو انهن نقطي کي رهبر مڃي پنهنجا تجربا گڏ ٿو ڪري ۽ پوءِ انهن تجربن جي آڌار تي هُن فرضي نقطي کي يا ته غلط ثابت ٿو ڪري يا برابر.

هن طريقي جا ڏاڪا پنج آهن:

(١) سوال يا مسئلو مقرر ڪرڻ (Indentification of the problem)

(٢) فرضي نقطو مقرر ڪرڻ (Formulation of an hypothesis)

(٣) تجربن کي گڏ ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ ۽ انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ (Collection, organization and analysis of data)

(٤) نتيجو ڪڍڻ (Formulation of conclusion)

(٥) فرضي نقطي کي مڃڻ يا ڌڪي ڇڏڻ (Acceptance or rejection of hypothesis)

اڪثر، جو ڪاهوڙي، پارکو، تپاسير ۽ محقق انهن ڏسي پنجن ڏاڪن تي پنهنجو ڪم ڪري رهيو آهي. پر اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته هنن ڏاڪن مان ڪن کي اڳي پوءِ رکڻ جو اختيار پارکوءَ کي به حاصل آهي. هو پنهنجي مسئلي جي نموني کي خيال ۾ رکي پوءِ پنهنجا ڏاڪا پاڻ به مرتب ڪري ٿو سگهي.

Gul Hayat Institute

تحقيق هڪ سماجي علم

گهڻو ڪري سنڌي يا اڙدو ٻولين ۾ انگريزي لفظ سائنس جي لاءِ لفظ ”علم“ ڏنو ويندو آهي. اٰءٌ پانيان ٿو علم لفظ سائنس لفظ جي معنيٰ ڪونه ٿو ڏئي. علم جو واسطو مواد سان آهي ۽ مواد رڳو سائنس جي پرک ۽ تپاس لاءِ هڪ ميدان ناهڻ جو ڪم ڏئي ٿو. مواد (Subject matter) سائنس ڪڏهن به نه ٿو ٿي سگهي: سچي ڳالهه اها آهي ته سائنس علم نه آهي پر علم حاصل ڪرڻ جو هڪ طريقو (Method) آهي. علم گهڻن ئي طريقن سان حاصل ڪري ٿو سگهجي ۽ سائنس به انهن طريقن مان هڪ طريقو آهي. ان ڪري سائنس لاءِ موزون لفظ ”علم“ نه پر ”علمي طريقو“ آهي.

انهيءَ سوال جو جواب ته ”ريڊيو“ ڇا آهي؟ سنڌيءَ ۾ صفحي يا اڌ صفحي لکڻ سان ڏئي ٿو سگهجي. اهو صفحو يا اڌ صفحو مواد آهي ۽ اسان جي علم جو رڪارڊ آهي ۽ ان ڪري اهو صفحو يا اڌ صفحو علم ته آهي پر اهو صفحو يا اڌ صفحو سائنس نه آهي. سائنس اها شيءِ آهي جنهن جي وسيلي اسان انهيءَ سوال جي جواب لکڻ جي لائق ٿيا آهيون ته ريڊيو ڇا آهي. ان ڪري ريڊيو جي باري ۾ اسان جو جيڪو ”علم“ آهي اُن کي پيدا ڪرڻ جي ذميواري هڪ طريقي تي آهي ۽ اهو طريقو ئي آهي، جنهن کي اسان سائنس ٿا سڏيون.

ان ڪري جڏهن اسان جو استاد ڪلاس ۾ اهو ٿو ٻڌائي ته مادي جون خصوصيتون ڪهڙيون آهن تڏهن هو سائنس ڪونه ٿو پاڙهي. جڏهن هو اهو ٿو ٻڌائي ته گرميءَ جا درجا ڪهڙا ۽ ڪيترا آهن تڏهن به هو سائنس ڪونه ٿو پاڙهي.

اسان جو استاد سائنس رڳو ان وقت ٿو پاڙهي جڏهن هو اوزارن جي وسيلي مادي جون خصوصيتون لهڻ لاءِ تجربو ٿو ڪري،

جڏهن هو آتشي ۽ وڏو ڪري ڏيکاريندڙ شيشن جي وسيلي گل جا ننڍا ننڍا جزا ڇوڪرن کي ڏيکاري ٿو ۽ جڏهن هو گرمي ماپڻ وارن اوزارن جي وسيلي گرميءَ جا درجا ڏسي ٿو ۽ اوزارن ۾ پاري کي لهندي ۽ چڙهندي ڏيکاري ٿو.

جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي، سائنسي طريقي جو بنياد آهي ئي تجربي تي. ان ڪري جا ڳالهه اوزارن ۽ شين جي مدد کان سواءِ ڇٽي ٿي وڃي تنهن جو واسطو سائنس سان نه آهي.

اهو ئي سبب آهي جو سائنس جي وڏي ۾ وڏي ترقي مادي شين ۽ جنسي ۽ ڇهڻ جهڙين شين کي سمجهڻ ۾ صرف ٿي آهي. مادي دنيا اسان جي ڪلچر جو رڳو هڪڙو حصو آهي. انسان جي ڪلچر ۾ مادي شين کان سواءِ ٻيون ڪي اهڙيون شيون به اچي ٿيون وڃن جيڪي مادي (Physical or Material) نه آهن. هنن شين جو واسطو ماڻهوءَ جي پنهنجي چال چلت، اٿڻ وهڻ، عادتن، ريتن ۽ طريقن سان آهي. هاڻي جيڪڏهن سائنس جي طريقي جو مقصد آهي انسان جي وڏي ۾ وڏي ڀلائي ته پوءِ هن طريقي سان انسان جي مادي ڪلچر کان سواءِ انسان جي غير مادي ڪلچر کي به سمجهڻو پوندو ٻيءَ حالت ۾ انسان جي ڀلائيءَ وارو ڪم رڳو اڌورو ٿيندو.

انسان جي غير مادي ڪلچر جو ماهرو ڏاڍو منجهيل ۽ ڏاڍو وڏو ۽ ويڪرو آهي. انسان دنيا جي سڀني شين کان وڌيڪ طاقتور سمجهه وارو ۽ عملي طاقت جو مالڪ آهي تنهن کان سواءِ انسان جي پنهنجي حيثيت به گوناگون خوبين سان ڀريل آهي. هن کي انيڪ طاقتون ڏنيون ويئون آهن. وري هيءَ ڳالهه به سمجهڻ جهڙي آهي ته هرڪو ماڻهو پنهنجي جاءِ تي نرالو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ ڪيتريون ئي ڳالهيون اهڙيون آهن جن ۾ ماڻهو هڪٻئي کان نرالا آهن ۽ ان ڪري ڪنهن به هڪ ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ جي ذات جو نمائندو ڪري وٺڻ ممڪن نه آهي ان ڪري انسان جي غير مادي ڪلچر جي ماهري ۾ سائنس جو

استعمال ڏاڍو ڏکيو آهي. پر تہ بہ اهڙو استعمال ناممڪن نہ آهي. ايتري ڳالهہ تہ بيشڪ سچي آهي تہ آهي اصول جيڪي انسان جي مادي ڪلچر (Physical culture) کي سمجهڻ کان پوءِ مقرر ڪيا ويا آهن سي انسان جي غير مادي ڪلچر (Non Physical culture) سان لاڳو ڪري نٿا سگهجن. پر ان جو مطلب رڳو اهو آهي تہ انسان جي غير مادي ڪلچر کي سمجهڻ لاءِ جدا اصول مقرر ڪرڻ گهرجن.

هن باري ۾ بہ ڪم ٿيندو رهيو آهي. اڄ اسان وٽ انسان جي غير مادي ڪلچر جي باري ۾ وڏي خبر چار موجود آهي. نفسيات، عمرانيات، سماجي نفسيات، رياست ۽ حڪومت، تعليم ۽ اقتصاديات جا علم انسان جي غير مادي ڪلچر سان واسطو رکن ٿا پر اڄ اسان انهن علمن جي وسيلي انسان جي غير مادي ڪلچر کي تمام وڏي حد تائين سمجهي چڪا آهيون. ڪم اڃا جاري آهي ۽ ڪاهوڙي پنهنجن تجربن کي وڌيڪ حقيقي ۽ پختو بنائڻ لاءِ انسان جو اڀياس ڪري رهيا آهن.

انسان جي غير مادي ڪلچر کي سمجهڻ لاءِ سائنس کي استعمال ڪرڻ وارو ڪم ڏاڍو اهم آهي ڇو تہ انسان جو غير مادي ڪلچر انسان جي مادي ڪلچر کان وڌيڪ اهم آهي ۽ ان جو اڀياس انسان کي مادي ڪلچر جي اڀياس کان وڌيڪ سهولتون موجود ڪري ڏيندو. تحقيق جو هي ميدان تمام ويڪرو ۽ تمام وڏو آهي ان ڪري هن ميدان ۾ قدم رکڻ لاءِ وڌيڪ محنت ۽ وڌيڪ جاکوڙ جي ضرورت پوندي. اهائي محنت ۽ مٿاڪٽ، جاکوڙ ۽ هڻ هڻان آهي جنهن کي اسان ريسرچ چوندا آهيون.

Gul Hayat Institute

سائنس ۽ ريسرچ

هاڻي اهو ڏسڻو آهي ته ريسرچ جو سائنس جي طريقي سان کهڙو لاڳاپو آهي ۽ اها کهڙي ريسرچ آهي جنهن کي سائنسي ريسرچ ٿو چئجي. سائنس جي ميدان تي ريسرچ جي معنيٰ آهي آها جاکوڙ، اها محنت ۽ اها ڇڪاس ۽ تپاس جيڪا رسمي طور تي کنهن نه کنهن مقرر ڪيل ۽ آزمايل سرشتي پٽاندڙ انهيءَ ڪري ڪئي وڃي ته جيئن سائنس جي طريقي کي ڪم ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي. ڏٺو وڃي ته ريسرچ هن خيال کان سائنس جي طريقي کي ڪم ڪرڻ لاءِ ميدان ۽ مواد مهيا ڪري ٿي ڏئي. ان ڪري کنهن به ملڪ ۾ سائنس جي طريقن سان علم حاصل ڪرڻ لاءِ ريسرچ کان سواءِ ترقي حاصل نه ٿي آهي. ريسرچ ۾ جنهن تپاس ۽ ڇڪاس (Investigation) تي زور ڏنو ويندو آهي انهيءَ لاءِ مقرر ڪيل اصولن ۽ کنهن نه کنهن نظام (System) جي قاعدن تي عمل ڪرڻو پوندو آهي ۽ پنهنجن تجربن جو هڪ رڪارڊ به رکڻو پوندو آهي.

هيءَ ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته خود ريسرچ ۾ به سائنسي قسم جي سوچ ۽ سائنس جي طريقن جي وڏي ضرورت آهي. آها ريسرچ جيڪا سائنس جي طريقي سان نٿي ڪئي وڃي سا سائنس جي ڪم جي نه آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪن اڪابرن ريسرچ ۽ سائنس کي هڪ ئي شيءِ سمجهيو آهي. جيتري ضرورت سائنس کي ريسرچ جي آهي اوتري ئي ضرورت ريسرچ کي سائنس جي آهي.

انهن قومن ۾ جيڪي سائنس جي طريقن کي استعمال ڪرڻ جي لائق اڃا تائين نه ٿيون آهن ۽ جيڪي پنهنجن تجربن جو بنياد ريسرچ کي نه پر وهمن، نظرين، عقيدن ۽ گمانن کي سمجهن

ٿيون ٿن ۾ ڪاهوڙي ۽ ريسرچ ڪرڻ واري ماڻهوءَ (Researcher) جو جيڪو تصور آهي اهو اِهو آهي ته هن قسم جو ماڻهو اڌ مغزي، رکو ۽ سڪي ڪاٺ جهڙو آهي ۽ هو اجايو سڄو ڏينهن شيشن ۽ ڪيميائي شين سان ويٺو ٺو حرڪتون ڪري.

پر حقيقت اها نه آهي. ريسرچ ڪا حيرت جهڙي ۽ عجيب ڳالهه نه آهي. عام رواجي زندگيءَ ۾ روزمره هزارين ماڻهو اڪيلي سر يا ٽولن ۾ کوجنا ۽ تپاس جو ڪم ڪندا ٿا رهن. اهو ڪم اسڪولن ۾ به ٿئي ٿو ته تجربيگاهن ۾ به ٿئي ٿو. اهو ڪم ٻنيءَ ۾ به ٿئي ٿو ته ڪارخانن ۾ به. حقيقت ۾ اسان جي ڪلچري ترقي (Cultural development) جو راز به انهيءَ ڳالهه ۾ آهي ته اسان چاڻي واڻي يا بي خياليءَ ۾ ريسرچ ڪندا ٿا هلون. ريسرچ جو مقصد آهي جهالت جي اونداهين کي پوئتي هٽائي نوان سچ ۽ نيون حقيقتون هٿ ڪرڻ. اهي سچ ۽ اهي حقيقتون انسان جي ذهن جي وسيلي ۽ سوچ ۽ ويچار سان هر هنڌ ليي رهيون آهن. اڄ ڪان ڏهه سال اڳ واري هاريءَ کان اڄوڪو هاري وڌيڪ ڏاهو آهي ۽ اڄ ڪان رڳو پنج سال اڳ واري استاد کان اڄوڪو استاد وڌيڪ هنرمند آهي. اهو رڳو انهيءَ ڪري آهي جو اسان ريسرچ ڪندا رهيا آهيون. اها بي ڳالهه آهي ته اسان پنهنجي ريسرچ کي اڃا تائين سائنس جي طريقن وسيلي ترقي نه ڏني آهي.

پيداوار ۾ اضافو، بيمارين کان ڇوٽڪارو، بهتر غذا، سماج ۽ فرد جو بهتر اڀياس، ۽ پنهنجي دنيا جو بهتر اڀياس اهي سڀ ڳالهيون اسان کي ريسرچ جي مدد سان حاصل ٿيون آهن.

تعليم جي ميدان ۾ ريسرچ جا قاعدا به آهن: (١) سکڻ ۽ سيکارڻ جي نظام (Teaching - learning process) جو بهتر اڀياس. (٢) انهن حالتن جو اڀياس جن جي تحت اهو نظام بهتر طريقي سان ڪم ڪري سگهي.

ريسرچ جو مقصد آهي عام ۽ ڪارائتا اصول ڳولهڻ ۽ ٺاهڻ. ريسرچ سوچيل سمجهيل ۽ اڳ ۾ لکيل ۽ هٿ ڪيل مواد جي

Gul Hayat Institute

ترتيب کي کونہ چئي سگھبو. ريسرچ ۾ نيون حقيقتون ڳولڻ لاءِ بنيادي طور تي مواد هٿ ڪرڻ جو ڪم ڪرڙو هوندو آهي. ان مواد (Data) هٿ ڪرڻ کان پوءِ ان مان اهو پاڳو ڪاڍي ڇڏبو آهي جيڪو اڳ ۾ به لڌو ويو هو. باقي بچيل پاڳي کي سائنسي طريقن جي وسيلي اهڙيءَ طرح ڇنڊبو ۽ ڇاڻبو آهي جو ان مان ڪي پڌريون حقيقتون نڪري نروار ٿين. ڇنڊ ڇاڻ جو اهو ڪم پنهنجي ماهري ۽ مقصد کي خيال ۾ رکي ڪبو آهي ته جيئن فقط اهي حقيقتون لڀن جن جي لهڻ لاءِ سڄو ڪم هٿ ۾ ڪيو ويو آهي. ڇنڊ ڇاڻ جي انهيءَ ڪم ۾ پنهنجن وهمن، پسرمن ۽ گمانن جي اثر کان بچڻ لاءِ اوزار ۽ پيون اهڙيون مشينون ڪم آڻبيون آهن جيئن نتيجا اهڙا نڪرن جو انهن کي اٽل ۽ اڻ ٽر سمجهي سگهجي. اهي نتيجا جيڪي پنهنجن عقيدن ۽ گمانن جي مدد سان ٺاهي رکيا سي هر هنڌ ۽ هر وقت سچا ۽ پورا ثابت ٿي نه سگهندا ڇو ته انفرادي حيثيت ۾ ماڻهو ماڻهوءَ کان نرالو آهي.

مشينون ۽ اوزار ڪنهن جو منهن ڪونہ ڏسندا آهن. اهي حقيقتون جيڪي ڪامپيوٽرن ۽ ٻين اهڙن اوزارن جي مدد سان لڀن ٿيون سي پوري دنيا جي ماڻهن لاءِ سچيون ۽ پختيون ثابت ٿي سگهن ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو اڄ جو سائنسدان ڪنهن به هڪ مسئلي تي اڳ ۾ حاصل ڪيل مواد کي اعتماد سان پنهنجي لاءِ استعمال ڪري ٿو سگهي ۽ دنيا جا سڀئي سائنسدان پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ هڪٻئي جي مدد وٺي ٿا سگهن.

ريسرچ جي ڪم ۾ سوچ کان پوءِ وڏي ۾ وڏي ضرورت صبر ۽ لڳاتار محنت ۽ جاکوڙ جي آهي. ڇاڪاڻ ته اٽل حقيقتون اسان جي ڇڏبڻ جي هٿ وس نه آهن ان ڪري اسان جي تکڙ ۽ بي صبريءَ جي ڪري ڪوبہ نتيجو ڪونہ نڪرندو.

ريسرچ جو ڪم وڏي همت جو ڪم آهي ڇو ته ريسرچ ۾ جي نتيجا نڪرندا آهن انهن مان ڪي اهڙا به هوندا آهن، جيڪي مڃيل اصولن ۽ سماج جي منظور ڪيل نظرين جي خلاف

هوندا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ ڪاهوڙيءَ تي سماج جو ڏمر ٿيندو آهي ۽ خير ڪثندي هن ويچاري جا هٿ سڙڻ لڳندا آهن.

هڙراڏو مذهبي اڳواڻن پولنڊ جي هڪ ڪاهوڙيءَ ڪاپرنيڪس (Copernicus) تي ڏمر نازل ڪيو هو.

ريسرچ جو ڪم قربانيءَ جو ڪم آهي. ڇو ته ڪاهوڙيءَ کي اها خبر ڪانه هوندي آهي ته هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندو يا نه ٿيندو. اهڙيءَ حالت ۾ هو ويچارو پنهنجي پوري همٿ ۽ وقت جي قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ٿي پوءِ ڪم ۾ هٿ وجهندو آهي. ريسرچ جي ڪم ۾ ڪيترن ئي نيڪ ماڻهن پنهنجون جانيون به قربان ڪيون آهن. سر رونالڊ روس پنهنجي جسم کي جدا جدا مڇرن کان ڏنگايو هو ۽ سفلس بيماريءَ جي دوا لهڻ واري پنهنجي جسم ۾ بيماريءَ جا جزا وڌا هئا ته جيئن ڪيس معلوم ٿئي ته اهڙن جيوڙن جو انسان جي جسم تي ڪهڙو اثر ٿو ٿئي.

ريسرچ ڪرڻ واري ماڻهوءَ لاءِ اهو تمام ضروري آهي ته هو ريسرچ ڪرڻ جي تربيت حاصل ڪري. بي هنرو ڪاهوڙي انسان جي سماج جو سڌريل فرد ٿي نٿو سگهي. انهيءَ خيال کان ريسرچ ڪرڻ واري ماڻهوءَ لاءِ خيال جي اونهائي ۽ فڪر جي صفائي تمام ضروري آهي.

ريسرچ جي ڪم ۾ وڏي ڳالهه آهي انهن شين جو اونهو ۽ گهوڙهو اڀياس جن تي ريسرچ ٿي رهي آهي. هي اڀياس لڳاتار ڪرڻو پوندو آهي ۽ ان اڀياس جي ذري ذري ۽ نتيجن جي تيرُ تيرُ کي رڪارڊ ڪرڻو پوندو آهي. هن باري ۾ ٿوري ويسر، ڀل چوڪ يا بي پرواهي سڄي ڪم کي ڊاهي ۽ خراب ڪري ٿي سگهي.

ريسرچ جي ڪم ڪرڻ واري جو وڏي ۾ وڏو گڻ اهو آهي ته هو سچ ۽ حقيقت جي اٽل ۽ لازوال هئڻ ۾ ويساهه رکندو هجي. هو سچ جو سچو عاشق هجي ۽ حقيقتن جو پوئلڳ هجي. هن جي زندگيءَ جو مقصد وصل نه پر تلاش هجي ۽ هن جي تلاش فاني شين لاءِ نه پر ازلي ۽ ابدي حقيقتن لاءِ ۽ انسان ذات

جي ڀلائيءَ لاءِ هجي. سچڙو ڪاهوڙي سچو مجاهد آهي جيڪو الله جي مخلوق ۽ حقيقتن کي ڳولي ٿو ۽ انهيءَ تلاش جي رستي ۾ ئي پنهنجي جان قربان ٿو ڪري.

Gul Hayat Institute

تعليمي تحقيق

تحقيق جي باري ۾ هن وقت تائين جو ڪجهه به چيو ويو آهي ان مان پڌرو آهي ته تحقيق جي رستي پارڪو اصول ڳولهي ٿو ۽ پوءِ انهن اصولن کي ساڳيءَ طرح جي سڀني حالتن هيٺ ساڳئي نموني جي شين سان لاڳو ڪري ٿو. هن قسم جي تحقيق کي خالص يا بنيادي تحقيق چيو ويو آهي.

سماجي نفسيات (Social psychology) ۽ تعليم جي ميدانن تي جيڪا تحقيق ويجهڙائي ۾ ٿي آهي اها هن قسم جي خالص يا بنيادي تحقيق نه آهي. ڏٺو ويو آهي ته خالص (Pure) ريسرچ جي وسيلي جيڪي اصول ڳولهيا ٿا وڃن اُهي عملي طور تي ڪلاس روم جي اندر تعليمي معيار کي وڌائڻ ۽ مٿي ڪرڻ ۾ مدد ڪونه ٿا ڪن. تعليم جي باري ۾ ريسرچ جو مقصد ته صرف ايترو ۽ اهو آهي ته پاڙهڻ ۽ سيکارڻ جو معيار مٿي ڪجي ته جيئن تعليمي قابليت وڌيڪ ٿئي ۽ تعليم وٺڻ وارو وڌيڪ ڪارائتو ماڻهو ٿئي. ان ڪري جا تحقيق تعليم جي ميدان تي ڪري ٿي سگهجي اُها خالص تحقيق نه آهي پر عملي تحقيق (Action Research) آهي.

عملي تحقيق جو خيال سڀ کان اڳي مسٽر اسٽيفن ڪوريءَ (Stephen M. Corey ڏنو هو. (ڏسو ڪوري صاحب جو ڪتاب (Action Research to improve School Practices P.7)

عملي تحقيق جو مقصد اصول ڳولهڻ ۽ نظريا ڏيڻ نه آهي پر ان جو وڏو مقصد آهي ترت عمل ڪرڻ(Immediate application) ان جو وڏو زور مسئلي جي حقيقي هئڻ سان آهي. هن تحقيق جا نتيجا به فقط مقامي حالتن سان لاڳو ڪري ٿا سگهجن. پوري دنيا جي حالت ۾ هي نتيجا عمل ڪري نه سگهندا. اهو ئي سبب

Gul Hayat Institute

آهي جو آمريڪا ۾ صلاحيت ۽ قابليت (Aptitude) جون آزمايل ٽيسٽون هت اسان جي ملڪ ۾ يا ڪنهن ٻئي هنڌ درسگاهن کان ٻاهر ڪم اچي نٿيون سگهن ڇو ته انهن جي عمليت جو تعلق فقط آمريڪا سان آهي. هن قسم جي تحقيق جو مقصد آهي اسڪولن جو معيار مٿي ڪرڻ ۽ ان سان گڏ انهن استادن جي پيشائي قابليت جو معيار به مٿي ڪرڻ جيڪي اسڪولن ۾ ڪم سان لڳا پيا آهن. هن قسم جي تحقيق سان هڪ طرف کان تعليم جو معيار مٿي ٿو ٿئي ته ٻئي طرف کان استادن جي پيشائي قابليت وڌي ٿي.

پر ياد رکڻ گهرجي ته عملي تحقيق به آخر هڪ تحقيق آهي ۽ جيستائين تحقيق جا پنهنجا اصول استعمال نه ڪيا، عملي تحقيق به ڪري ڪونه سگهبي. حقيقت ۾ هر تحقيق جا لازمي شرط رکيو ته آهن هڪ تپاس ۽ سوچ ويچار (Observation) ۽ پيو ترتيب (Description)، جنهن ۾ تپاس وسيلي ڪيدل نتيجا هڪ طريقي سان رڪارڊ ڪيا آهن. هن خيال کان عملي تحقيق به تحقيق آهي.

تعليمي تحقيق جا نمونا

سهوليت جي لاءِ تعليمي تحقيق جا ٣ نمونا ٻڌايا ويا آهن جي هي آهن:

(١) تواريخي تحقيق (Historical Research)

هن نموني ۾ تحقيق جو ڪم ڇهن ڏاڪن ۾ ورهايو ويو آهي: هڪ تپاس (Investigation)، ٻيو رڪارڊ تي آڻڻ (Recording)، ٽيون ڇنڊڇاڻ ڪرڻ (Analysis)، چوٿون نتيجا ڪڍڻ (Interpretation). هن قسم جي تحقيق جو مقصد آهي اهڙا اصول ڳولهڻ جن جي مدد سان حال وارين حالتن کي سمجهي سگهجي ۽ ايندڙ حالتن جو اڳواٽ جائزو وٺي سگهجي. تواريخي تحقيق جو زور

آهي تبديل (Change) تي.هن تحقيق جو مواد اصلي يا بنيادي حالتن مان ورتو ويندو آهي ان ڪري تواريخي تحقيق اهو پڌائي ٿي تہ حالتون ماضيءَ ۾ ڪيئن هيون.

(٢) اظهاري تحقيق (Descriptive Research)

هن قسم جي تحقيق ۾ مٿي ڏيکاريل چارئي ڏاڪا هوندا آهن پر هن جو مقصد هوندو آهي فقط حال وارين يا موجود حالتن جو بيان ڪرڻ. هن طريقي ۾ اهو ڏنو ويندو آهي تہ ڪو فرد يا ٽولو موجود حالتن ۾ ڪيئن ٿو عقل ڪري. هن طريقي ۾ ڀيٽ يا مقابلي جي گنجائش بہ هوندي آهي.

(٣) تجرباتي تحقيق (Experimental Research)

هن قسم جي تحقيق جو لاڳاپو ايندڙ حالتن سان هوندو آهي ۽ هن جي وسيلي ڏٺو ويندو آهي تہ تجربي جي هيٺ رهڻ واريون حالتون اڳتي هلي ڪهڙو رخ اختيار ڪنديون ۽ ڪيئن عمل ڪنديون.

وڌيڪ اڀياس لاءِ ڏسجن:

(1) "The Modern Research" by Barzun, Jaques,and Henry Graff. chapt. I and X
(2) "Class Room Teachers can use Research" by Buswell, Suy T.
(3) "The Impact of Research on Education" by Cooper, Dan H.
(4) The Methodology of Educational Research" by Good and Douglas.

جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي هر ريسرچ جو مقصد آهي مسئلا حل ڪرڻ ۽ انسان جي علم جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ نيون راهون کولي ڏيڻ. ان ڪري (ريسرچر) جاکوڙيءَ لاءِ اهو

ضروري آهي ته انهن سوالن کي چڱيءَ طرح سمجهي جيڪي انسان ذات کي حل ڪرڻا آهن ۽ انهن سوالن مان اهڙا سوال چونڊي جيڪي تمام جلد حل ڪرڻا آهن ۽ پوءِ انهن سوالن مان اهو سوال چونڊي ڪڍي جنهن کي هو پاڻ حل ڪري سگهڻ جي طاقت ساري سگهندو هجي. سوالن کي سمجهڻ انهن مان وڌيڪ اهم سوال چُني ڌار ڪرڻ ۽ وري انهن اهم سوالن مان پنهنجي لاءِ ڪو سوال ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ مقرر ڪرڻ وارو ڪم ايترو آسان نه آهي جيترو سمجهيو ٿو وڃي. مسئلي يا سوال جي چونڊ جي باري ۾ جيڪي ڏکيائيون سامهون اچن ٿيون آهي ڪيترن ئي قسمن جون آهن. اختصار سان انهن جو بيان هيٺ اچي ٿو:

(۱) عمومي طور تي جيڪي مسئلا انسان ذات جي اڳيان اڄ به موجود آهن انهن مان هرهڪ جا ڪيترا ئي پهلو آهن ۽ هر هڪ پهلوءَ کي سمجهڻ لاءِ هڪ جدا تعليم ۽ هڪ جدا تربيت جي ضرورت آهي ان ڪري ڪنهن به مسئلي (Problem) تي ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ان جي جدا جدا پاسن ۽ حصن جو اڀياس ڪرڻو پوندو آهي ۽ پوءِ انهن سڀني پاسن مان فقط اهو پاسو پنهنجي لاءِ رکيو ويندو آهي جنهن کي حل ڪرڻ جي تربيت ۽ تعليم جاکوڙيءَ کي حاصل هوندي آهي.

(۲) جاکوڙ جي باري ۾ وسيلن جي موجود هئڻ جو سوال به ڏاڍو اهم آهي. اڄڪلهه جي دنيا ۾ ڪابه جاکوڙ وسيلن کان سواءِ ڪامياب ٿي نه ٿي سگهي ڇو ته هيءَ دنيا آهي ئي طريقن ۽ وسيلن جي دنيا. وسيلن ۾ خاص ۽ اهم آهن: قابل رهبر (Able guide)، ڪتاب (Books)، پئسو (Money)، اوزار (Apparatus). خيالن جي ڏي وٺ جا ذريعا جنهن ۾ جاکوڙي پنهنجي مسئلي جي باري ۾ ٻين جاکوڙين سان صلاح مشورو ڪري سگهي.

مسئلي جي چونڊ چاڻ ۽ ذريعن جو صحيح استعمال پاڻ به وڏا مسئلا آهن اهڙن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ريسرچر کي خاص قسم جي تربيت حاصل هجي. ٻيءَ حالت ۾

Gul Hayat Institute

جاڪوڙ جي ڪم جا نتيجا خاطرخواه ڪونه نڪرندا.

مسئلي جـي چونڊ جـي باري ۾ ڳولائـوءَ ڪان ڪي ٻيون غلطيون به ٿي ٿيون سگهن مثلاً:

(١) جاڪوڙ جي نوعيت ۽ ڪم جـي طريقي (Process) ڪـي نه سمجهڻ جيُ حالت ۾ هـو اهڙو مسئلو به مقرر ڪري ٿو وجهي جيڪو تمام ويڪرو ۽ گهڻ پڙاڏو (Comprehensive) or (Variegated) آهي.

(٢) ڪڏهن ڪڏهن هيئن به ٿـي ٿو سگهي تـه جاڪوڙي شوق ۾ يا جوش ۽ جذبي ڪان ڪو اهڙو مسئلو پنهنجي لاءِ رکي ٿو ويهي جيڪو تمام اهم آهي ۽ هو چاهي ٿـو تہ اهم مسئلو هن جي طرفان ئي حل ڪيو وڃي تہ جيئن هن ڪـي انسان ذات جي ڀلي گهرڻ وارن ۾ ڳڻائي سگهجي. هـن قسم جو جوش ۽ جذبو انسان جو وڏو گڻ آهـي پر طريقن ۽ وسيلن جـي دنيا ۾ هن قسم جي عمل ڪي ڪا جاءِ ناهي. سائنس جي ميدان تـي هن قسم جي سوچ کي غير عملي ۽ وقتائتي سوچ چئبو آهي جنهن جو تعلق نتيجن ۽ عمل سان تمام گهٽ هوندو آهي.

جيڪي ماڻهو ريسرچ جو هنر ڄاڻن ٿا انهن کي خبر آهي تہ جاڪوڙ جو ڪم وڏي صبر وارو، ڌيان رکڻ، سمجهائيندڙ ۽ وڏو وقت وٺڻ وارو آهي. تنهن ڪان سواءِ انَ جو سچو دارومدار اوزارن ۽ طريقن تي آهي جن ۾ انساني جذبن کي تمام ٿوري اهميت حاصل آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ضروري آهي تہ ڪم ڪان اڳ ۾ ئي جاڪوڙ جي نوعيت ۽ طريقي جي باري ۾ ڪجهہ ڄاڻي وڃجي.

(١) ريسرچ انسان ذات جي علم جـي واڌاري جي مقصد سان ڪئي ويندي آهـي. هي واڌارو هوريان هوريان ۽ ذري ذري جي حالت ۾ ٿيندو آهي ان ڪري اهو خيال غلط آهـي تہ هرويرو وڏو جاڪوڙي آهو آهي جيڪو تمام وڏو مسئلو حل ڪري. ريسرچ جي خالت ۾ جاڪوڙيءَ جي حالت انهيءَ ڪوليءَ جهڙي آهـي، جيڪا پنهنجي وات ۾ ننڍو ڇانور يا ڌاري جو ڪٽو ڪٽي پنهنجي

پيرَ ۾ رکندي ويندي آهي ۽ تمام گهٽيون کوليون مڙي ان جو نديڙو کوڙ گڏ ڪري وينديون آهن.

(٢) ريسرچ جو ڪم انفرادي گهٽ ۽ اجتماعي وڌيڪ آهي. وڏا وڏا سوال ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي ڪم سان حل نه ٿيا آهن. هن ڪم ۾ تمام گهڻا ڄاڻو ماڻهو هڪ ئي مسئلي جي ڌار ڌار پاسن تي ڪم ڪندا آهن ۽ سڄي مسئلي جو حل انهن جي گڏيل ڪوشش تي مدار رکندو آهي.

(٣) ريسرچ جي باري ۾ ڪابه ڳالهه اتفاقي نه هوندي آهي. ڳولائو ٿي هر دريافت ۽ حاصلات ڪي ڪن سببن جو نتيجو سمجهندو آهي. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن ڪا ڳالهه اوچتو اميد جي خلاف معلوم ٿي ويندي آهي ته پوءِ ڳولائو ان جا سبب معلوم ڪندو آهي ۽ ان کي پنهنجي مقصد جي لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

ريسرچ هڪڙو هنر به آهي ۽ ڳولائوءَ جي حيثيت هڪ ماهر جهڙي آهي. ڳولائو فقط ڪنهن به هڪ ماهري ۾ ماهر هوندو آهي هن جو علم فقط هڪ انساني ماهري جي باري ۾ هوندو آهي. سٺو ۽ ماهر ڳولائو اهو آهي جيڪو بنيادي ۽ اهم سوال جو هڪ ۽ فقط هڪ ئي حل ڳولي ڪڍي ۽ اهو اهڙو هجي جو ٻيا ماڻهو ان کي آسانيءَ سان سمجهي سگهن ۽ فائدو حاصل ڪري سگهن. ڳولائو ٽڪي باز نه هوندو آ. هو واقف ڪار ۽ ڄاڻو ماڻهوءَ جيان سوچ سمجهه، ڪان پوءِ اهڙي سوال تي پهچي ٿو جنهن جي جواب ڏيڻ سان هن جو مسئلو حل ٿي ٿو وڃي.

تعليمي تحقيق جي حالت ۾ هرڪو ڪم جدا جدا ماهرن جي ماهرن جي گڏيل ڪوشش وسيلي ڪيو ويندو آهي. هن باري ۾ ڪنهن به هڪ جاڪوڙيءَ جي ڪوشش جو ڪوبه نتيجو ڪونه ٿو نڪري ڇو ته تعليمي تحقيق جو سوال انسان جي ذهن، چال چلت، صلاحيت ۽ ان جي ٺهايل نصابن ۽ ڪتابن سان تعلق رکي ٿو. ظاهر آ ڪوبه هڪ ماڻهو ايترن ماهرن ۾ مهارت حاصل ڪري

ڪونہ ٿو سگهي. هن باري ۾ مواد (Data) جمع ڪرڻ ۽ ان کي وڏيڪ ڇنڊڻ ۽ ڇاڻڻ جو ڪم بہ اهڙو ئي آهي جو ڪوبہ هڪ محقق ان جو حق ادا ڪري ڪونہ ٿو سگهي.

Gul Hayat Institute

علم ۽ علم تحقيق

Science and Research

. سائنس انهيءَ علم کي چئجي ٿو جيڪو:

(الف) پنهنجي ڪم جو هڪ مستقل ۽ جدارو (Distinc- tive) رستو اختيار ڪري.

(ب) پنهنجي لاءِ نرالا ۽ وضع ڪيل (Well defined) اوزار يا وسيلا ڪم آڻي.

(ت) پنهنجي ڪم جو ڪوبہ هڪ طريقو (Routine) مقرر ڪري ڇڏي.

(ث) پنهنجي لاءِ ڪو خاص طريقہ ڪار (Approach and point of view) مقرر ڪري.

هن خيال کان علم تحقيق جي عملي حيثيت مقرر ڪرڻ لاءِ ڏسڻو اهو آهي تہ اهو علم هڪ علم (سائنس) وارين تقاضائون پوريون ڪري ٿو يا نہ.

علم تحقيق اهو علم آهي، جيڪو:

١- انسان جي علمي وسيلن جو اڀياس ڪري ٿو.

٢- انهيءَ اڀياس ۾ تجربي ۾ مشاهدي، عقل، استدلال ۽ احساس جا وسيلا ڪم آڻي ٿو.

٣- انهن وسيلن جي مدد سان نيون حقيقتون ۽ اڻ ڄاتل حقيقتون ڳولي ٿو.

٤- انهن حقيقتن مان ڪن چونڊ حقيقتن کي ڪن مسئلن حل ڪرڻ لاءِ ڪم آڻي ٿو.

آخرڪار اهو علم انسان جي علمي دنيا جو ڪونہ ڪو حل طلب مسئلو حل ڪري ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ انسان وڌيڪ متحرڪ ۽ طاقتور بڻجي ٿو ۽ ايندڙ نسل لاءِ هڪ بنياد فراهم

Gul Hayat Institute

ڪري ٿو.

علم تحقيق جي هيءَ وصف جيڪا اسان اُن جي نوعيت ۽ اهميت کي خيال ۾ رکي مقرر ڪئي آهي، تنهن ۾ نوٽ ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون:

(الف) انسان جا علمي وسيلا (Sources of knowledge)

(ب) انسان جا ذاتي وسيلا (Ability Sources)

(ت) نيون ۽ اڻ ڇاڻل حقيقتون (New facts)

(ث) نين حقيقتن جو استعمال (Exploitation of new facts)

(د) مسئلي جو حل (Solution of problem)

(ج) انسان جو طاقتور بڻجڻ (Social Utility of sources)

هن طرح ڏٺو ويو آهي ته علم تحقيق:

(١) پنهنجي ڪم جو جدا رستو (Technique) رکي ٿو. جنهن ۾ اهو انسان جي علمي وسيلن ۾ ذاتي وسيلن جو اپياس ڪري ٿو.

(٢) علم تحقيق انسان جي علمي ۽ ذاتي وسيلن کي ڪم آڻي ٿي. اهي وسيلا سڀ واضح ڪيل ۽ مقرر ڪيل ٿين ٿا.

(٣) علم تحقيق نين ۽ اڻ ڇاڻل حقيقتن کي معلوم ڪرڻ ۽ انهن کي ڪم آڻڻ سان پنهنجي ڪم جو هڪ نرالو ۽ جدارو طريقو مقرر ڪري ٿو.

(٤) اهڙي ريت علم تحقيق پنهنجي سڄي ڪارڪردگيءَ ۾ محقق (Researcher) جي لاءِ هڪ نئون ڪم جو طريقو ۽ Approach ۽ هڪ جدارو مقصد ۽ خيال (Point of view) مقرر ڪري ٿو.

هن طرح اهو ثابت ٿي سگهي ٿو ته علم تحقيق به هڪ سائنس آهي پر هن سوال تي آخري فيصلي ڏيڻ لاءِ اسان پنهنجن دليلن ۽ ثبوتن (Evidences) جي وڌيڪ ڇنڊ ڇاڻ ڪنداسون.

Gul Hayat Institute

ڪي ٻيون وصفون:

”تحقيق“ انهيءَ خبرداري سان اختيار ڪيل (Careful) ۽ تنقيدي جستجوءَ (Critical enquiry) جو نالو آهي يا انهيءَ پرک يا ڇنڊڇاڻ (Examination) جو نالو آهي جيڪا اصولن ۽ حقيقتن کي ڳولي ڏيڻ ۾ مدد ڪري ٿي يا تحقيق ان دماغي ۽ عقلي تلاش کي ٿو چئجي جيڪا ڪنهن شيءِ کي ثابت ڪرڻ لاءِ اختيار ڪئي وڃي.“

ڏٺو ويندو ته هن وصف جي خيال کان به تحقيق اهو علمي طريقو آهي جيڪو نين حقيقتن (Facts) کي ڳولي لهڻ لاءِ اختيار ڪيو ٿو وڃي. هن طرح هيءَ وصف انهن ڳالهين تي اسانجي خيال سان متفق آهي ته تحقيق هڪ علم آهي جيڪو هڪ طريقو ڏئي ٿو. ۽ اهو طريقو اسانکي نين حقيقتن معلوم ڪرڻ ۾ مدد به ڏئي ٿو. پر ان جي حل جي سماجي اهميت ۽ افاديت ۽ ذريعن، وسيلن، مقصدن ۽ مسئلن جي باري ۾ هن نِنڍڙي وصف ۾ ڪوبہ اشارو موجود نہ آهي. ان ڪري هن وصف کي اسين آخري طور تي استعمال يا اختيار ڪري نہ ٿا سگهون.

”لفظ تحقيق جي معنيٰ آهي ڪنهن بہ مضمون يا مامري جو باقاعدي ۽ باضابطي (Systematic) اڀياس ڪرڻ.“

ڏٺو ويندو تہ هن وصف ۾ تحقيق کي رڳو باضابطي اڀياس جي معنيٰ ۾ ڏٺو ويو آهي. هيءَ وصف نہ تحقيق جي مفهوم کي واضح ڪري ٿي نہ مقصد کي ۽ نہ وري وسيلن کي. ان ڪري هيءَ وصف بہ انتهائي محدود آهي ان ڪري هن وصف کي بہ اسان آخري طور تي اختيار ڪري نہ ٿا سگهون.

تحقيق اڀياس جو اهو نمونو آهي يا طريقو (Method) آهي جنهن ۾ ڪنهن مسئلي تي:

١- شاهديون ڪٺيون ڪيون وڃن.

٢- پوءِ انهن ثابتن تي انهيءَ خيال کان غور ڪيو وڃي تہ جيئن بقرر ڪيل مسئلي جي حل تائين پهچي سگهجي.

Gul Hayat Institute

٣- انهيءَ مقصد لاءِ خود انهن شاهدين جي بہ چنڊ ڇاڻ ڪئي ٿي وڃي. هن وصف تي غور ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ:

١- تحقيق هڪ علم (اڀياس جو طريقو) آهي.

٢- هن طريقي ۾ شاهديون ڪٺيون ڪيون ٿيون وڃن.

٣- انهن شاهدين جي وڌيڪ چنڊ ڇاڻ ڪئي ٿي وڃي يعني منطقي اصولن کي ڪم آندو ٿو وڃي.

٤- انهن شاهدين جي وڌيڪ چنڊ ڇاڻ ڪرڻ بعد مقرر ڪيل مسئلي جو حل معلوم ڪيو وڃي ٿو. جنهن ۾ انهيءَ چنڊ ڇاڻ ڪيل شاهدين جي مدد درڪار ٿئي ٿي.

معلوم ٿيو تہ هيءَ وصف اسانجي پهرئينءَ وصف سان گهڻي يا گهٽ اتفاق ڪري ٿي. البتہ هيءَ وصف ايتري ويڪري ۽ همہ گير نہ آهي جيتري پهرئين وصف. ڇو؟ تہ هن ۾ تحقيق جي سماجياتي پهلوءَ ۽ انهيءَ جي وسيلن جي باري ۾ واضح خيال ڏنو ڪونہ ويو آهي. سو هن وصف کي بہ اسان آخري طور تي قبول ڪري نہ ٿا سگهون.

”تحقيق اهو وسيلو آهي جنهن کي انسان ذات هوريان هوريان Gradually ۽ صدين گذرڻ کان پوءِ بہ مس وڃي مڪمل ڪيو آهي ۽ جيڪو اڄ ڪلهہ اسان وٽ علم وڌائڻ جو هڪ پروسي جهڙو وسيلو آهي.“

هن وصف ۾ جن ڳالهين کي شامل ڪيو ويو آهي آهي هيٺ ڏجن ٿيون.

(١) تحقيق هڪ علم يا اڀياس جو وسيلو آهي.

(٢) علم تحقيق جي هاڻوڪي شڪل ان جي هڪ مڪمل شڪل آهي توڙي جو هن علم کي ترقي ارتقائي طور تي حاصل ٿيندي رهي آهي.

(٣) علم تحقيق جو مقصد آهي علم وڌائڻ.

استدلال جي ڪمزوري جيڪا هن وصف ۾ نظر اچي ٿي. اها اها آهي تہ توڙي جو تصور اهو ڏنو ويو آهي تہ جيئن علم

Gul Hayat Institute

تحقيق ارتقائي طور تي وڌندو رهيو آهي، نتيجو اهو ڪڍيو ويو آهي ته ان جي هاڻوڪي شڪل مڪمل شڪل آهي. ڏسي سگهجي ٿو ته هن قسم جي سوچ غير سائنسي آهي ڇو ته ارتقائي شين جي ڪنهن به صورت کي مڪمل نه ٿو چئي سگهجي. جڏهن ان جي هاڻوڪي شڪل نه صدين گذرڻ کان پوءِ تيار ٿي آهي ته ٿي سگهي ٿو ته وڌيڪ صدين گذرڻ کان پوءِ ان ۾ ڪا نمايان تبديلي اچي. هيءَ ڳالهه پروسي ڇهڙي آهي ٻي ڳالهه ته هيءَ وصف تحقيق يا علم تحقيق جو هڪ اهڙو تصور پيش ڪري ٿي جيڪو رکو ۽ محدود آهي. تحقيق جو مقصد علم وڌائڻ به ٿي سگهي ٿو پر اصل ۾ خود علم ۾ واڌاري آڻڻ واري ڳالهه به هڪ وسيلو (Means) آهي جنهن جو مقصد (End) به اهو آهي ته انسان پنهنجي ڪلچر کي وڌائي ۽ پنهنجي لاءِ هڪ بهتر دنيا يا ماحول جي تشڪيل ڪري. پر انهن ڪمزورين جي باوجود به هن وصف ۾ علم تحقيق جي باري ۾ ڪي اهم ڳالهيون ٻڌايون ويون آهن. جيڪي هن ريت آهن:

(١) تحقيق هڪ علم (اڀياس جو وسيلو Instrument) آهي.

(٢) هي وسيلو انسان جي تاريخ ۾ ارتقائي طور تي سڌرندو رهيو آهي.

هن حد تائين هيءَ وصف به اسان جي تائيد ڪري ٿي. پر هن وصف جو دامن به گهڻو سوڙهو آهي ۽ ان ۾ استدلال ۽ علم رجون ڪي ڪمزوريون به آهن ان ڪري اسان هن وصف کي به آخري طور تي اختيار ڪري نه ٿا سگهون.

تحقيق جي هن وصف جي لاءِ اسان سماجي علوم جي انسائيڪلوپيڊيا جو حوالو ڏيئي رهيا آهيون. فاضل عالم لکن ٿا ”تحقيق، شين (Things)، تصورن (Concepts) ۽ اهڃاڻن (Sym-bols جي انهيءَ بندوبست (Manipulation) جو نالو آهي. جنهن جو مقصد آهي ڪليت قائم ڪرڻ ۽ معلومات کي وڌائڻ، درست ڪرڻ ۽ ان جو تجزيو ڪرڻ. پوءِ ڀوڙي اها معلومات ڪنهن نظريي (Theory) قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪندي هجي يا ڪنهن

Gul Hayat Institute

آرٽ جي ماهري ۾ ڪم اچي سگهندي هجي.“

هن وصف ۾ تحقيق جي جن وسيلن جو ذڪر اچي ٿو، سي آهن شيون، تصور ۽ اهڃاڻ. جنهن طريقي جو ذڪر اچي ٿو يا جنهن (Technique) ٽيڪنيڪ کي چاڻايو ويو آهي، سو آهي وسيلن جي بندوبست جو، ۽ جن مقصدن جو ذڪر ڪيو ويو آهي سي آهن: ڪليا قائم ڪرڻ، نظريا قائم ڪرڻ ۽ آرٽ جي ماهرن جي چند ڇاڻ ڪرڻ وارا. جيستائين مقصدن جو تعلق آهي، توڙي جو هنن جو سماجي فائدو نه ڏنو ويو آهي، اسان ڪنهن حد تائين انهن تي اتفاق ڪري ٿا سگهون. پر وسيلن ۽ ٽيڪنيڪ جي خيال کان هي وصف خاصي منجهائيندڙ ۽ ڪنهن حد تائين غير واضح آهي. شيون ۽ اهڃاڻ خارجي وسيلا آهن. اهي انسان جا ذاتي وسيلا نه آهن. انهن ۾ ڪوبه انسان جي صلاحيت جو محتاج نه آهي. تصورن جو وسيلو ذاتي وسيلو آهي پر اهو به وسيلو گهٽ ۽ مقصد وڌيڪ آهي. ڇو ته جيئن فاضل عالم لکن ٿا، تحقيق جو مقصد آهي نظريو قائم ڪرڻ ۽ تصور ۽ نظريي ۾ ڪوبه فرق معلوم ڪونه ٿو ٿئي. هر آهو نظريو جيڪو قائم ڪيو ٿو وڃي سو قائم ڪرڻ واري جو تصور بڻجي ٿو. ان ڪري تصور (Concept) وسيلو ته ٿي نه ٿو سگهي. وري هنن وسيلن جي بندوبست جو تصور به خاصو منجهائيندڙ آهي. اها ڳالهه سمجهائي نه ٿي آهي ته شين، تصورن ۽ اهڃاڻن کي ڪهڙي ريت گڏ ڪري يا بندوبست هيٺ رکي ٿو سگهجي.

فاضل عالم پاڻ اڳتي هلي سائنسي اپياس جي باري ۾ ڇاڻائن ٿا ته ”سائنسي اپياس اهو اپياس آهي جنهن ۾ منطقي ڇيد (Logical analysis) کان ڪم ورتو وڃي ۽ جنهن جي مدد سان ڪونه ڪو نظريو قائم ٿئي.“ فاضل ليکڪ هن قسم جي اپياس جي ڊيٽا (Data) جي باري ۾ لکن ٿا ته اها ٽن قسمن جي ٿئي ٿي:

١— اها جيڪا تجربي ۽ تجزيي جي بنياد تي گڏ ٿئي.

٢— اها جيڪا انگن اکرن جي بنياد تي گڏ ٿئي.

٣— اها جيڪا عقل سليم (Reason) جي بنياد تي گڏ ٿئي.

پر فاضل عالم پوءِ بہ پنهنجي وصف ۾ نہ تہ منطقي ڇيد جو ڪو اشارو ڏين ٿا ۽ نہ تجربي ۽ تجزيي جو. استدلال کان سواءِ انهن عقل سليم جو اشارو بہ ڪونہ ڏنو آهي. پر مٿي قائم ڪيل اسان جي وصف ۾ عقل ۽ استدلال کي تہ تحقيق جي وسيلن ۾ نمايان درجو ڏنو ويو آهي. اهڙي ريت اسان جي وصف ۾ تجربي ۽ تجزيي کي بہ نرالو ۽ اهم مقام ملي ٿو. فاضل عالمن جي وصف جي ڳوڙهي اڀياس مان ظاهر ٿئي ٿو تہ فاضل عالم تحقيق جي باري ۾ جيڪي سمجهن ٿا سو پنهنجي وصف ۾ ڇاڻائي نہ سگهيا آهن. ان ڪري اسان هن آخري وصف کي بہ آخري طور تي اختيار ڪري نہ ٿا سگهون.

ان ڪري اسان تحقيق جي وصف جي باري ۾ استدلال کان پوءِ انهيءَ نتيجي تي ٿا پهچون تہ:-

"تحقيق اهو علمي وسيلو آهي جنهن ۾ محقق ٻين علمي وسيلن کان سواءِ پنهنجو ذاتي تجربو، مشاهدو، عقل، استدلال ۽ احساس ڪم آڻيندي ڪي اڻ ڇاتل حقيقتون ڳولي هٿ ڪري ٿو ۽ انهن کي پيٽي پوءِ پنهنجي مسئلي جي حل ڪرڻ لاءِ ڪم آڻيندي ان کي حل ڪري ٿو ۽ نتيجي طور هو پاڻ وڌيڪ متحرڪ ۽ طاقتور بڻجي ٿو." هن وصف ۾ جن ڳالهين جو خيال رکيو ويو آهي اسان وري آخري طور تي هيٺ ڏيون ٿا:

١- تحقيق هڪ علمي وسيلو (Science) آهي.

٢- ان ۾ محقق ٻين علمي وسيلن کان مثلاً ڪتابن، رسالن ۽ دستاويزات مان فائدي وٺڻ کان سواءِ پنهنجي تجربي (Experience)، مشاهدي (Observation)، عقل (Reason)، استدلال (Reasoning) ۽ احساس (Feelings) جي بہ مدد وٺي ٿو. ۽ اهڙي ريت هو ڊيٽا جو تجربو ٿو ڪري ۽ ان باري ۾ منطقي وسيلا ڪم آڻي ٿو.

٣- هن طرح محقق ڪي اڻ ڇاتل حقيقتون (Facts) معلوم ڪري ٿو ۽ اهڙي ريت ڪليا قائم ڪري ٿو.

Gul Hayat Institute

٤- انهن ڪلين جي مدد سان هو پنهنجو مسئلو حل ڪري سگهي.

٥- نتيجي طور هو وڌيڪ متحرڪ ۽ طاقتور بڻجي ٿو.

ڇا علم تحقيق به هڪ عُلم Science آهي؟

علم تحقيق جي وصفن جي چند ڇاڻ ڪندي، اسان انهيءَ ڳالهه تي جيڪو بحث ڪري رهيا آهيون ته علم (Science) ڇاکي ٿو چئجي ۽ علم تحقيق جي نوعيت ڪهڙي آهي يعني ان جي وصف ڪهڙي ۽ ڪيئن مقرر ڪري ٿي سگهجي، سو هاڻي اسانکي انهيءَ جاءِ تي پهچائي ٿو ته اسان غور ڪريون ته علم تحقيق کي سائنس جو درجو ڏئي سگهجي ٿو يا نه.؟

سائنس جي باري ۾ اسان کي معلوم آهي ته ان کي ٻن درجن ۾ ورهايو ويو آهي.

١- طبعي علوم Physical science or positive science

٢- سماجي علـوم Social science or Normative science

ٻيا جيڪي لفظ سائنس جي قسمن جي باري ۾ ڪم آندا ويا آهن سي آهن:

١- عملي علوم Applied science

٢- فطري علوم Natural science

حياتيات، طبيعيات، علم ڪيميا ۽ ٻين اهڙن علمن کي طبعي يا فطرتي يا مڪمل علوم جو درجو ڏنو ويو آهي ۽ صرفي جي علم اقتصاديات (Economics)، من وديا (Psychology)، علم سياست (Politics)، سماجيات (Sociology) ۽ ٻين اهڙن علمن کي سماجي علوم چيو ويو آهي. ۽ اهڙي ريت عملي علوم (Applied science) جي درجي ۾ علم ٽيڪنيڪ (Technology) کي شامل ڪيو ويو آهي.

بنيادي طور تي جيڪي ڳالهيون سڀني علوم ۾ هڪ جهڙيون آهن سي آهن:

Gul Hayat Institute

(١) قانون (Laws)
(٢) ڪليت (Generalization)
(٣) ڊيٽا (Data)
(٤) تجربو ۽ مشاهدو - (Observation of Experimentation)
(٥) نتيجي جو اظهار (The statement of New facts)

هيٺ اسان علم تحقيق جو اپياس هنن پنجن ڳالهين کي خيال ۾ رکي ڪري رهيا آهيون ته جيئن اهو معلوم ڪري سگهون ته علم تحقيق ڪنهن علم سائنس واريون سڀ تقاضائون پوريون ڪري ٿو يا نه.

علم تحقيق ۽ قانون:

علم تحقيق جي موضوع تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي پر هونئن تحقيق جي موضوع تي دنيا جي سطح تي خاصو غور ويچار ڪيو ويو آهي. (اسان هنن ڪتابن جي هڪ لسٽ هن مضمون جي پويان ڏيئي رهيا آهيون). تحقيق کي هڪ علم جي درجي ڏيڻ لاءِ اسان لاءِ ضروري آهي ته اسان انهن قانونن جي تلاش ڪريون جيڪي علم تحقيق اختيار ڪري ٿو ۽ ٺاهي ٿو سگهي. بنيادي طور تي علم تحقيق ۾ جيڪي ڳالهيون ڪم ڪن ٿيون سي آهن:
(١) روايتي ۽ رواجي حقيقتن جي باري ۾ حق تنڪير يا گهٽ ۾ گهٽ شڪ جي بنياد تي ڊيٽا (Data) مقرر ڪرڻ.
(٢) مقرر ڪيل يا ساديون حقيقتون (Simple facts) جو جائزو وٺڻ ۽ انهن جي بنيادي ڊيٽا مقرر ڪرڻ.
(٣) ڊيٽا جي بنياد تي ڪي مفروضا مقرر ڪرڻ يعني (Data) ڊيٽا کي پرکڻ.
(٤) مفروضن جي باري ۾ وڌيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ استدلال ۽ منطقي ذريعن کي استعمال ڪرڻ.

(۵) آخري طور تي ڪنهن نہ ڪنهن مفروضي کي اختيار ڪرڻ.

(٦) وڌيڪ منطقي ۽ حوالياتي نظريا اختيار ڪرڻ.

(۷) انهن جي بنياد تي ڪليا (Generalization) مقرر ڪرڻ ۽

(۸) آخري طور تي انهن حقيقتن يا حقيقت جو اظهار ڪرڻ جيڪي تلاش جي نتيجي ۾ ڳوليون، لڌيون ويون آهن.

هنن اٺن نقطن ۾ جيڪو تحقيق جي علم جو طرز عمل ڏيکاريو ويو آهي تنهن تي نظر رکڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ تحقيق جو علم پنهنجو ڪم انهيءَ نقطي وٽان شروع ڪري ٿو. تہ هر ڪا چاتل ۽ واضح ڪيل حقيقت (Known and Established fact) جنهن ڪنهن نہ ڪنهن مخصوص مقصد لاءِ چاڙايو ۽ وضع ڪيو ويو آهي؛ تنهن کي هميشه جي لاءِ اختيار ڪيل ۽ سيني مقصدن لاءِ موزون وسيلو سمجهي نہ ٿو سگهجي. هن حقيقت يا قانون جي بنياد تي محقق (Researcher) پنهنجو اهو حق ادا ڪري ٿو، جنهن کي حق تنڪير يا حق تشڪيڪ (Right of denial or right of doubt) چئي سگهجي ٿو ۽ اهو ئي حق آهي جيڪو هڪ سائنسدان بہ استعمال ڪري ٿو، ۽ انهيءَ طرح سان علم تحقيق بہ هڪ واضح ڪيل قانون کي اختيار ڪري ٿو ۽ پنهنجو ڪم شروع ڪري ٿو.

هي ڳالهہ جيڪا علم تحقيق جي نوعيت جي ويچار ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿي سا اها آهي تہ علم تحقيق پٽاندڙ طريقن ۾ ڪنهن کي بہ ڪا نئين ڳالهہ ڳولهڻ لاءِ ضروري آهي تہ ساڏين حقيقتن کي ۽ عام رواجي حقيقتن کي تجربي هيٺ آڻجي ۽ انهن جو تجزيو ڪجي. هن ڳالهہ مان هڪ قانون اهو ٿو مقرر ٿئي تہ سچ (Turth) ۽ حقيقت (Fact) تائين پهچڻ لاءِ تلاش ۽ جستجو (Research) ضروري آهي. هن ڳالهہ کي بہ قانوني طور تي اختيار ڪري سگهجي ٿو ۽ هي قانون بہ اهو قانون آهي جيڪو عام طور تي پيا عالم ۽

پيا علم وارا اختيار ڪن ٿا.

ٽين ڳالهہ جيڪا معلوم ٿئي ٿي سا اها آهي تہ هر ڪنهن تلاش ۽ جستجو ۾ مقرر ڪيل ۽ موزون وسيلا ڪم آڻڻ کپن. هيءَ سادي حقيقت سڀني علمن ۾ هڪ قانون جيان ڪم اچي ٿي.

چوٿين ڳالهہ اها آهي تہ، هر ڪنهن تلاش ۽ جستجو جو نتيجو هڪ "ڪليئي" جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

پنجين ڳالهہ اها آهي تہ سڀ ڳولي لڌل شيون، حقيقتون انسان کي اخلاقي توڙي علمي طور تي وڌيڪ بهتر بڻائن ٿيون ۽ هن طرح علم تحقيق انسان جي ۽ سماجن جي انفرادي طاقت کي وڌائڻ جو هڪ ذريعو بڻجي ٿو.

ڇهين ڳالهہ اها تہ هڪ ڪليو ٻئي ڪليئي کي قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو. سڀني قائم ڪيل ڪلين ۾ هڪ ذريعو (Source) آهي. هن طرح هڪڙي تحقيق ٻي تحقيق جو سبب بڻجي ٿي.

هيٺ اسان علم تحقيق جي سڀني حقيقتن يا قانونن کي جدا لکي رهيا آهيون.

(١) ڄاڻايل ۽ واضع ڪيل (Defined) حقيقت جنهن کي ڪنهن نہ ڪنهن مخصوص مقصد لاءِ ڄاڻايو ۽ وضع ڪيو ويو آهي تنهن کي هميشہ لاءِ اختيار ڪيل ۽ سڀني مقصدن لاءِ موزون وسيلو سمجهي نٿو سگهجي.

(The Partial turth cannot take the place of the whole truths).

(٢) هر ڪا نئين حقيقت پنهنجي راهہ جي اختيار ڪيل تلاش ۽ تحقيق جو نتيجو ٿئي ٿي.

(Every new fact is the outcome of a Research).

(٣) هر ڪا تحقيق يا هرڪو تحقيقي عمل وسيلن ۽ ذريعن جو محتاج ٿئي ٿو.

(A fact finding activity is subject to its resources).

(٤) هرڪو تحقيقي عمل ڪليئي تائين پهچائي ٿو.

Gul Hayat Institute

(A fact finding activity Leads to a generalization).

(٥) هر ڪليو ٻئي ڪلئي ناڏين پهچائي ٿو ۽ هڪ تحقيق ٻي تحقيق جو سبب بڻجي ٿي.

(Every generalized fact becomes a Source in the development of new generalization and every research Leads to a further research).

(٦) سڀ ڳوليل حقيقتون انسان ۽ انسان جي سماج کي وڌيڪ بهتر بڻائين ٿيون.

(All the Established facts Lead to the Social progress).

علم تحقيق جي باري ۾ وضع ڪيل مٿي ڄاڻايل هنن ڇهن حقيقتن تي ويچار ڪبو ته معلوم ٿيندو ته هي حقيقتون صاف، ساديون ۽ انتهائي عمومي (Generalized) حقيقتون آهن ۽ اهو ئي سبب آهي جو هنن کي قانون جو درجو ڏئي ٿو سگهجي.

ساڳئي نموني اسان مٿي اهو به ڏسي چڪا آهيون ته علم تحقيق کي هڪ پنهنجو ۽ جدا طريقو آهي ۽ ان جا ڪي مخصوص وسيلا به ٿين ٿا.

هنن ڳالهين کي خيال ۾ رکي چئي سگهون ٿا ته:

علم تحقيق هڪ علم آهي جيڪو ڪن خاص قانونن جي پيروي ڪندي، نين حقيقتن جي تلاش جي خاطر هڪ پنهنجو ۽ نرالو طريقو اختيار ڪري ٿو ۽ مخصوص وسيلا ڪم آڻيندي، نين حقيقتن تائين پهچي ٿو ۽ هڪ بهتر انساني معاشرو قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

علم تحقيق جي سائنسي حيثيت:

علم تحقيق جي مٿي ڄاڻايل قانونن کي غور سان پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هي قانون طبعي ۽ فطرتي قانونن جهڙا اٽل

Gul Hayat Institute

آهن پر هنن جي نوعيت مختلف آهي. علم تحقيق جا قانون ڪنهن به هڪ موجود فطري يا طبعي صورتحال سان لاڳو ڪونه آهن. اهي قانون ڪنهن به هڪ جسم (Organism) جو اپياس ڪونه ٿا ڪن ۽ اهي قانون ڪنهن به هڪ حياتياتي (Biological) صورتحال سان تعلق ڪونه ٿا رکن. ان ڪري علم تحقيق جو شمار طبعي يا مڪمل سائنس ۾ ڪري نه ٿو سگهجي.

اصل ۾ اها ڳالهه اسان لاءِ وڌيڪ اهم آهي جو ان سان معلوم ٿئي ٿو ته علم تحقيق انسان جي مجموعي تحقيقي ۽ علمي معاملي سان تعلق رکڻ جي ڪري هڪ ”علم العلوم“ آهي جنهن جا قانون سيني سائنس ۽ علوم عمرانيءَ سان هڪ ئي وقت تي لاڳو ڪري ٿا سگهجن. سو اها ڳالهه پڌري آهي ته علم تحقيق هڪ علم آهي جنهن کي عام طور تي ”علم العلوم“ جي نالي سان سڏيو سگهجي ٿو.

علم تحقيق جا قانون انساني معاشري جي انهيءَ صورتحال سان تعلق رکن ٿا، جنهن ۾ انسان هڪ متحرڪ، خالق، اپائينڊڙ ۽ سڌاريندڙ انسان جيان پنهنجو هڪ مقصد مقرر ڪري ٿو پوءِ انهن کي خيال ۾ رکي وسيلا تلاش ٿو ڪري. پوءِ انهن وسيلن جي چنڊ ڇاڻ ڪري ڪي مفروضا مقرر ڪري ٿو ۽ وري انهن ڪلين جي آڌار تي هو پنهنجي مسئلي جو حل ڳولي ٿو ڪڍي.

هن سڄي ڪارڪردگيءَ ۾ انسان پنهنجن وسيلن تي ضابطو رکي ٿو سگهي. پر اهو ضروري نه آهي ته هن جا سڀ ضروري وسيلا هن کي پنهنجي تجزيي ۽ تجربي لاءِ يا استدلال لاءِ موجود ٿي ملن. ڪيترائي وسيلا هڪ تحقيقي خيال کان ناقص ٿين ٿا. ڪي ته موجود ٿي ملي نه ٿا سگهن ۽ گهٽ ڪري سڀ وسيلا هڪ (Test-tube) ٽيسٽ ٽيوب جيان هميشه هڪجهڙا (Universal ۽ مستند ٿي نه ٿا سگهن. ڇو ته انهن جو تعلق انهن ڳالهين سان آهي جيڪي انسان جي ذهن تي مدار رکن ٿيون ۽ ذهن جي ماسري ۾ انسان ۾ انفرادي تفاوت هميشه موجود رهي ٿو.

Gul Hayat Institute

پر علم تحقيق جا قانون ايترا سادا ۽ ايڏي ڪلياتي حيثيت جا مالڪ آهن جو اهي هر ملڪ ۾ هر فرد ۽ هر مسئلي جي حالت ۾ هڪ جهڙو (Universal) ۽ ڪلياتي ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

وري هيءَ حقيقت به ياد رکڻ گهرجي ته علم تحقيق جي حيثيت اهڙي آهي جو هرڪا سائنس ان جي وسيلن تي اعتماد رکي ٿي ۽ ان جي فيصلي، طريقي ۽ نتيجن کي تسليم ڪري ٿي. انڪري هڪ خيال کان علم تحقيق کي گهڻن علمن جو هڪ (Science of Sciences) به چئي ٿو سگهجي. پر هي علم مادي وسيلن جي بجاءِ انسان جي ذهني ۽ علمي وسيلن تي به مدار رکي ٿو ۽ انساني سماج جي بهبوديءَ ۽ بهتريءَ لاءِ ڪم ڪري ٿو ان ڪري هن علم کي سماجي علم (A Social Science) جو درجو ڏيڻ ڏي ڪافي ٿيندو.

پر شايد تحقيق جو علم اڳتي هلي انهيءَ سماجي علم جو درجو رکندو، جيڪو سڀني سماجي علمن کان بهتر هوندو ۽ جيڪو انساني سماج جي وڌ ۾ وڌ خدمت ڪري سگهندو.

سو آخري طور تي چئي سگهجي ٿو ته جيئن علم اقتصاديات انسان جي ضرورتن ۽ انهن جي پوراڻيءَ سان تعلق رکي ٿو، جيئن علم سياسيات انسان جي بڙني شهري ۽ ان جي اجتماعي ڪارڪردگيءَ سان تعلق رکي ٿو ۽ جيئن علم نفسيات ان جي من (Mind) جو اڀياس ڪري ٿو، تيئن علم تحقيق انسان جي انهيءَ صورت حال جو اڀياس ڪري ٿو، جنهن ۾ انسان جي حيثيت اڀاڻيندڙ ۽ سڌاريندڙ جهڙي آهي، جنهن ۾ هن جا مقصد انساني بهتريءَ وارا آهن، جنهن ۾ هن جا وسيلا ذهني ۽ عقلي آهن ۽ جنهن ۾ هن جا نتيجا اعتماد جوڳا ۽ مزيد تحقيق جي لاءِ ڪارائتا ٿين ٿا.

هن طرح مجموعي طور تي علم تحقيق انسان جي انفرادي طاقت وڌائڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي. علم تحقيق انسان جي من جي آنڌ مانڌ کي وڌائي ٿو. علم تحقيق انسان ۾ تلاش ۽ جستجو

جو جذبو پيدا ٿو ڪري ۽ علم تحقيق آخري طور تي انسان کي پُرِاعتماد ۽ سماجي طور تي وڌيڪ مضبوط ٿو بڻائي.

ٽيڪنيڪ ۽ طريقي جي خيال کان ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته علم تحقيق هڪ اهڙو عملي علم (Applied science) آهي جيڪو انسان جي عام رواجي انفرادي توڙي سماجي زندگيءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو. اسان پنهنجي عام رواجي زندگي جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ به ذهني ۽ علمي وسيلن جو باضابطي استعمال ڪريون ٿا. انهيءَ استعمال ۾ به اسان پنهنجو منطق، استدلال، احساس، تجربو ۽ عقل ڪم آڻيون ٿا ۽ انهن جي مدد سان ڪي نتيجا ڪڍون ٿا ۽ پوءِ اطمينان حاصل ڪريون ٿا. هن طرح علم تحقيق اسان جي مدد ڪري ٿو جو آهو انسان جي من جي آند-ماند اُڻ تڻ کي مطمعن ڪري ٿو ۽ لڪل دنيا سان ڪيس روشناس ڪرائي ٿو. ياد رکڻ گهرجي ته هيءَ لڪل دنيا جا تحقيق جي وسيلي انسان جي اڳيان اچي ٿي سا رڳو مادي وسيلن تي ٻڌل نه آهي ان ۾ اسان انسان جي ”ذاتياتي“ امور کي به شامل ڪري ٿا سگهون: مثال طور انسان جو من (Mind) تنهن کي وسيلو بڻائي انسان سماجياتي علم جي باري ۾ قانون تلاش ڪري ٿو ۽ آهو ادب تخليق ڪري ٿو جيڪو قومن کي زنده رکي ٿو ۽ معاشرن کي متحرڪ رکي ٿو. بلاشڪ ڪيتريون ئي قومون رڳو پنهنجيءَ ٻوليءَ جي ڪري ۽ ادب جي ڪري به زنده رهنديون آهن.

علم تحقيق جيّ افاديت ۽ ان جو دائرو (Scope):

هن کان اڳي جيڪي لکيو ويو آهي. ان جي پروسي تي ڏي ايترو چئي ٿا سگهجي ته:

١- علم تحقيق انسان جو هڪ مضبوط اوزار آهي.

٢- ان جي مدد سان انسان جو علم وڌي ٿو.

٣- ان جي مدد سان انسان جو ڪلچر وڌيڪ سڌري ٿو ۽ ان جو ماحول بهتر ٿئي ٿو.

٤- ان جي مدد سان انسان متحرڪ ۽ وڌيڪ مضبوط

ٿئي ٿو.

٥- ان جي مدد سان نيون حقيقتون معلوم ٿين ٿيون ۽ جدا جدا حقيقتن کي ڀيٽڻ ۽ انهن جي تجزيي جي بنياد تي ڪليا (Generalizations) قائم ڪرڻ سان انسان پنهنجا مسئلا حل ڪري ٿو.

٦- مسئلن کي حل ڪرڻ سان انسان کي اطمينان حاصل ٿئي ٿو. ۽ ان جون حالتون بهتر ٿين ٿيون.

اسان مٿي منڍ ۾ انسان جي افرادي طاقت (Man power) تي لکندي اهو به ٻڌائي آيا آهيون ته افرادي طاقت يا Man power انسان کي خالق، اپائيندڙ ۽ سڌاريندڙ بڻائي ٿي. هن جاءِ تي پهچڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته افرادي طاقت جي وڌائڻ ۽ سڌارڻ جو وسيلو به علم تحقيق آهي ڇو ته هن ئي علم جي مدد سان تجربو، مشاهدو، عقل، استدلال ۽ احساس پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ هن ئي علم جي مدد سان انسان جي دنيا ۾ ٻين علمي وسيلن جو استعمال ٿئي ٿو.

علم تحقيق جي نوعيت جيڪا اسان مٿي بيان ڪري آيا آهيون. ان مان هڪ اها ڳالهه به معلوم ٿئي ٿي ته علم تحقيق طبعي ۽ عمراني علوم (Natural and social sciences) کان سواءِ آرٽس ۾ به ڪم اچي ٿو. ادب، آرٽس، فائن آرٽ ۽ شاعري ۾ اهي انساني وسيلا ڪم ڪن ٿا جيڪي تحقيق ۾ ڪم ڪن ٿا. تجربو، مشاهدو، عقل، احساس ۽ استدلال وارا وسيلا ادب توڙي آرٽ ۾ پنهنجو بهترين ڪردار ادا ڪن ٿا. ان ڪري علم تحقيق خود انهن ميدانن تي به ڪم اچي ٿو. علم تحقيق انسان جي اقتصادي (Economic) زندگي ۾ به ڪارائتو آهي. جديد دور جي صنعت ۾ تحقيق جي عمل جي ڪري تمام وڏو واڌارو آيو آهي. ۽ اهڙيءَ ريت انسان جي معاشي دنيا بهتر ٿي آهي. ٽيڪنالاجيءَ جو سڄو واڌارو رڳو علم تحقيق جي ڪري آهي. نيون نيون ڪوجنائون علم تحقيق جي مدد سان ٿين ٿيون. فن ۽ حرفت ۾ جنهن تجربي،

عقل ۽ احساس جو هٿ آهي، سو علم تحقيق جي ڪري ٿي وڌي ٿو.

علم تحقيق جو تاريخي جائزو:

اسان مٿي واضح ڪيو آهي ته علم تحقيق جي مدد سان انسان جا مسئلا حل ٿين ٿا ۽ نيون نيون حقيقتون معلوم ٿين ٿيون. هي دعوي علم تحقيق جي تاريخي جائزي جي مدد سان ثابت ڪري ٿي سگهجي. اسان هي جائزو هيٺ پيش ڪري رهيا آهيون.

تحقيق جي تاريخي ڪردار ۾ جن ڳالهين جو وڏو هٿ رهيو آهي سي آهن:

١- حق تنڪير يا انڪار ڪرڻ جو حق (Heresy)

٢- نين حقيقتن جي ڳولي لهڻ جو اُدم ۽ عزم.

حق تنڪير:

انڪار جي حق جي تاريخ تمام پراڻي آهي. هن تاريخ جي ابتدا سان معلوم ٿئي ٿو ته ٽوليمي (Ptolemy) انهن پهرين انڪار ڪرڻ وارن "منڪرن" مان هو، جن روايتن ۽ سندن (Authorities) جو انڪار ڪيو هو. هن ٻڌايو هو ته "تارن جي چرپر جو سبب آسماني طاقتن (Supernatural power) جي مداخلت نه آهي. پر رياضي جون حقيقتون آهن. اهڙي ريت ٽوليمي انسان جو هڪ وڏو سوال حل ڪري ورتو هو.

گئليلو ته، نه رڳو روايتي (Traditional truth) سچ جو انڪار ڪيو پر هن ته منطق جي مقرر ڪيل حدن جو به انڪار ڪيو ۽ هن جي انڪار انسان ذات جو هڪ وڏو مسئلو حل ڪيو.

چارلس ڊارون انسان جي وجود ۽ نسلن جي واڌاري جي باري ۾ پاڻ کان اڳ وارن سيني مقرر ڪيل راين جو انڪار ڪيو هو.

تيرهين صدي ۾ راجر بيڪن (Roger Bacon) هڪ منڪر جيان پاڻ کان اڳ وارين روايتي حقيقتن جو انڪار ڪيو هو.

Gul Hayat Institute

سورهين صدي ۾ عظيم عالم ڪوپرنيڪس (Copernicus) کي به ڪافر ڪوٺيو ويو هو. مذهب جي طرفدارن هن کي اذيتون ڏنيون هيون ڇو ته هن علم جي افلاڪي وسيلن جو انڪار ڪيو هو.

غور سان ڏٺو ويندو ته معلوم ٿيندو ته:

١- تحقيق جو جذبو انهن ماڻهن پيدا ڪيو هو جيڪي انقلابي هئا ۽ سچا انسان دوست هئا ۽ اهي روايتن جا مقلد نه پر منڪر هئا. آهي ان ڪري

٢- انسان جي ڪنهن به راهه، اعتماد جي ڪنهن به مسند ۽ روايت جي ڪنهن به تقدس جا انڌا پوئلڳ ٿي نه سگهيا آهن.

انڪار جي حق استعمال ڪرڻ وارن عالمن جي انقلابي قوت (Radicalism) هر دور ۾ مخالف ۽ دشمني ۽ کي للڪاريندي رهي آهي. گويا ۽ تلاش جو سچو روح ڦٽڪندو ۽ پريشان ٿيندو آهي.

سيئي سيلهه ٿيام، پڙهيام جي پاران
اڪر اڳيان اپري، واڳون ٿي وريام (شاهه)

انساني تاريخ جو هر دور اهڙي روح کي قيد ڪرڻ ۽ قتل ڪرڻ جون سازشون سٽيندو رهيو آهي پر هي روح ڦٽڪندو ڏڪندو، منڊڪائيندو سور سهندو اڳتي وڌندو رهيو آهي.

Gul Hayat Institute

نين حقيقتن کي ڳولي لهڻ جو ادم:

ڇيو وڃي ٿو ته پهرئين وڏي ۾ وڏي دريافت جيڪا تلاش ۽ جستجو جي نتيجي ۾ حاصل ٿي، سا هئي ڪئلينڊر جي.

مصر جا پاوا ۽ پادري پهريان رياضيدان هئا. مصر وارن کان پوءِ علم ۽ تحقيق جو جهنڊو يونانين جي هٿ ۾ هو. هنن ڪيترن ئي علمن جو بنياد وڌو ۽ انسان جا اڪيچار مسئلا حل ڪيائون. يونانين کان پوءِ علم ۾ وارو آيو رومين جو. رومي انجنيئر ۽ قانون دان هئا. پر عيسائي تهذيب ۾ تحقيق کي ڪفر سمجهيو ويو هو. ان وقت جو يورپ پاپائيت جو شڪار هو. ان دور ۾ سيڪيولرزم جي بجاءِ روح کي آخرت ۾ سرخرو ٿيڻ جي تربيت ملي رهي هئي.

يورپ ۾ تحقيق جو ڪم سترهين صديءَ کان اڳ ٿي نه سگهيو هو. هن صديءَ ۾ تحقيق جي ڪم جا تفصيلات هيٺ ڏجن ٿا.

(۱) لاگردم Logarithm نيپئر ۱۶۱۴ ۾ ڏنو.
(۲) رت جو دورو هاروي سمجهايو.
(۳) ڏهائي جو طريقو برگس (Briggs) ۱۶۱۷ ۾ ڳولي لڌو.
(۴) بيڪن (Bacon) (Noum arganum) جو تصور ۱۶۲۰ ۾ ڏنو.
(۵) نيوٽن ۽ بئائل- ڪشش جا قائدا- ۱۶۷۹ ۾ ڏنا.

ارڙهين صدي ۾ ارضيات ۽ حياتيات تي تحقيقون ٿيون.

اڻويهين صدي ۾ چارلس ڊارون انسان جا طبعي دنيا جي باري ۾ سڀ تصور ٽوڙي ڇڏيا. نفسيات ۽ آرڪيالاجي جي باري ۾ نيون حقيقتون مليون.

باقاعدي تحقيق جو پهريون ادارو ۱۷۰۰ع ۾ قائم ٿيو. ان جو نالو هو پروشين اڪيڊمي آف سائنس (Prussian academy of Sciences) ان کان پوءِ سن ۱۷۴۳ع ۾ فلاسافيڪل سوسائٽي جو بنياد عمل ۾ آيو. سن ۱۷۸۰ع ۾ سوسائٽي آف آرٽس ۽ سوسائٽي آف سائنس قائم ٿيون.

پر خصوصي مهارت (Specialization) جي بنياد تي ادارن جو قيام اڻويهين صديءَ ۾ عمل ۾ آيو هو.

هن طرح ڏٺو ويندو ته انسان جي تحقيق جي جذبي جي ڪري انسان جا تمام گهڻا مسئلا حل ٿيا آهن. انسان وڌيڪ طاقتور ٿيو آهي.

تحقيق جي ڪم ۾ يونيورسٽي جو ڪردار:

سن ۱۸۷۶ع ۾ بالٽيمور ۽ هاپڪنس (Hopekins) يونيورسٽي جي قيام سان يونيورسٽين ۾ تحقيق جو ڪم شروع ٿيو. هن طرح تحقيق جي باضابطي ڪم ڪرڻ کي اڃا رڳو هڪ سؤ سال گذريا هئا. پر آمريڪا ۾ ٿي ۱۸۲۲ع ۾ ورجينا يونيورسٽي

Gul Hayat Institute

(Virginia univer:) قائم ٿي هئي. هن يونيورسٽي کي مشهور مدبر ۽ انسان دوست جيفرسن جي اصولن تي قائم ڪيو ويو هو. هنن اصولن ۾ عملي جستجوءَ جي مڪمل آزاديءَ جي ضمانت ڏني ويئي هئي. تحقيق جو ڪم ان دور ۾ ييل (Yale) ڪولمبيا ۽ هارورڊ جي يونيورسٽين ۾ به ٿيندو هو. جرمنيءَ ۾ تحقيق جو ڪم تڏهن شروع ٿيو هو، جڏهن اتان جي يونيورسٽين پاپائيت کان آزادي حاصل ڪئي هئي ۽ سڪيولر تحقيق جو ڪم ڪيو هئائون. جرمنيءَ ۾ تحقيق جو هي ڪم ان دور ۾ ٿي رهيو هو، جنهن دور ۾ آڪسفورڊ ۽ ڪيمبرج به اڃان پاپائيت جي خدمت ۾ سرگرم هيون. جرمنيءَ جون تحقيقي روايتون آمريڪا ۾ ١٨٥١ع ۾ هينري ٽپن (Henery Tappan) جي ڪوشش سان آيون هيون. ٽپن مچيگان يونيورسٽيءَ جو پريزيڊنٽ هو پر وري به هاپڪنس جي قيام تائين آمريڪا جي تحقيق ۾ لبرلزم اچي نه سگهيو.

هاپڪنس يونيورسٽيءَ جي ترقيءَ جو ذميوار ڪئاٽ گلمن (Cait Gitman) هو، جيڪو ييل جو شاگرد هئو ۽ اڳ ۾ ئي ڪيليفورنيا جو صدر هو. گلمن تحقيق جي ڪم جي لاءِ ماحول ۽ مالي امداد مهيا ڪئي. هن يونيورسٽي ۾ حياتيات جي انسٽيٽيوٽ جي افتتاح جي موقعي تي هينري هڪسلي کي تقرير ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو. هنري هڪسلي لبرل ۽ سڪيولر تحقيق جو حامي هو. ان ڪري هن کي عام طور تي ڪافر ڪوٺيو ويندو هو.

جان هاپڪنس (John Hopkins) جنهن هن يونيورسٽيءَ جي قيام لاءِ ٣٥٠٠،٠٠ (پنجٽيهه لک ڊالر ڏنا هئا. تنهن جي روايت تي هلندي هڪ ٻئي علم دوست واپاريءَ جنهن جو نالو ڪلارڪ هو تنهن به ڪلارڪ يونيورسٽيءَ لاءِ ڇهه لک ڊالر گرانٽ طور ڏنا، ۽ هڪ لک ڊالر ڪتابن لاءِ جدا ڏنائين. وڏي ڳالهه ته ڪلارڪ هن يونيورسٽيءَ جي صدارت لاءِ انهيءَ ماڻهوءَ جو انتخاب ڪيو هو، جيڪو مشهور استاد ۽ خيالن جو پڪو همت وارو هو. هي ماڻهو اسٽنلي هال (Stanley hall) هو. ١٨٩٩ع ۾ ڪلارڪ

يونيورسٽي جي هڪ تقرير ۾، جا هن هڪ تقريب ۾ ڪئي، مسٽر هال چيو ته ”ڪاليج ٻي ڳالهه آ ۽ يونيورسٽي ٻي ڳالهه آ. ڪاليج ۾ تربيت ۽ تعليم جو هڪ عام ۽ ويڪرو ميدان ٿئي ٿو. پر يونيورسٽيءَ ۾ هر ڪنهن ڪم جو هڪ مقرر معيار ٿئي ٿو. ڪاليج انسان جي ذهن کي ويڪرو ڪري ٿو ۽ يونيورسٽي انهن کي تيز ڪري ٿي. ڪاليج روايتي علم ۽ معلومات تي پاڙي ٿو. پر يونيورسٽي تحقيق ۽ ايجاد جي وسيلن سان نوان علم پيدا ڪري ٿي. (شايد هن لفظن ۾ اسان جي لاءِ به ڪجهه موجود آهي)

تحقيق جا مالي وسيلا

تحقيق جي مالي وسيلن جو ڪاٿو لڳائڻ هن مضمون جي دائري کان ٻاهر آهي. پر انهيءَ ڳالهه کي سمجهائڻ لاءِ ته علم دوست انسان ڪيئن نه علم جي خدمت جي لاءِ وڏيون وڏيون رقمون ڏين ٿا. اسان رڳو ڪي مثال هيٺ پيش ڪري رهيا آهيون. هاپڪنس ۽ ڪلارڪ يونيورسٽين جو ذڪر اسان اڳ ۾ ڏئي ڪيو آهي. ١٩٣٢ع ۾ آمريڪا ۾ تحقيق جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ وارن ادارن (Foundations) جو تعداد ١٢٥ هئو ۽ هنن ادارن جي ڪل موڙي ٠٠٠،٠٠٠،٠٠٠،١ ڊالر هئي. ١٩١٧ع ۾ برطانيه جي حڪومت صنعت ۽ سائنس جي تحقيق جو کاتو قائم ڪيو ۽ ١٩٣٢ع ۾ هن کاتي جو ڪل خرچ ٥٣٤٧٠٠ پائونڊ هو. ڪئناڊا، آسٽريليا، فرانس ۽ جرمني ۾ تحقيق جو وڏو خرچ حڪومتون برداشت ڪري رهيون آهن. روس به انهن ملڪن جي قطار ۾ شامل آهي. ١٩٣٢-٣٤ع واري عرصي ۾ جڏهن دنيا معاشي طور تي تباهه حال هئي، تڏهن روس ۾ ٤٠٠ کان ٤٨٠ تائين ته رڳو تحقيقي ادارا هئا. ١٩٣٣ع ۾ هنن ادارن ۾ ٣٥٠٠٠ هزار محقق تحقيق جو ڪم ڪري رهيا هئا.

تحقيق جي ڪم جو خرچ صنعتون به برداشت ڪنديون

Gul Hayat Institute

رهيون آهن ڇاڪاڻ ته تحقيق صنعتي ترقيءَ جي ضمانت ڏئي ٿي. آمريڪا ۾ صنعت جي مالي امداد جو انگ ١٩٣٠ع ۾ ١٠٠٠٠٠٠٠٠٠ ڊالرن جيترو ڏيکاريو ويو آهي. ١٩٣٤ع ۾ بيل ٽيليفون ليبارٽريز جو تحقيق تي ڪل خرچ ١٥٠٠٠٠٠٠ ڊالر هو. ان اداري ۾ ساڳئي سال ملازمين جو تعداد چار هزار هئو.

تحقيق جا علمي وسيلا

هن پڇاڙان اسان هاڻي انهيءَ مرحلي ۾ داخل ٿي ويا آهيون جتي اسان ڪي تحقيق يا علم تحقيق جي ڪن نوس ڳالهين جو ذڪر ڪرڻو آهي. هل وي (Hillway) صاحب يا بيا عالم تحقيق جي وسيلن کي ٻن حصن ۾ ورهائين ٿا. اهي هي آهن:

(١) بنيادي وسيلا (Primary Resources)

(٢) ثانوي وسيلا (Secondary Resources)

هي عالم انهن وسيلن جو ذڪر ڪونه ٿا ڪن، جن جو تعلق انسان جي افرادي قوت (Man power) سان آهي ڇو ته هنن صاحبن جي راين ۾ تحقيق جو سماجي رڪارڊ شامل نه آهي. اسان مٿي هنن صاحبن جا رايا ڏئي چڪا آهيون. اسان جي پنهنجي طريقي ۾ تحقيق جو عمل سماجياتي ۽ سماجي عمل آهي ان ڪري اسان جي لاءِ تمام وڏي اهميت انهن وسيلن جي آهي، جن جو تعلق افرادي قوت سان آهي. هنن وسيلن کي اسين افرادي قوت سمجهون ٿا. اسان هنن وسيلن جي هڪ لسٽ مٿي به ڏيئي آيا آهيون ۽ اسان هنن وسيلن جي اهميت تي به اشارو ڪيو آهي. هيٺ اسين هاڻي ٽن وسيلن تي ويچار ڪنداسون.

(الف) بنيادي وسيلا (Primary Resources)

هي وسيلا اهي آهن جن جي معلومات پهرئين ۽ بنيادي

معلومات آهي. هنن وسيلن ۾ ڊائريون، دستاويز، عهدناما، خط، سرڪاري فائيل، محفوظ ڪيل شيون، حڪومتن ۽ پارليامينٽ جا رڪارڊ، خانداني شجره، ڇم ۽ موت اُجا سرڪاري توڙي خانداني رڪارڊ، هٿ سان لکيل مسوده ۽ گڏ ڪيل نوٽس، لکيل يادگيريون، هينڊ بوڪ، اٽلس ۽ گزيٽئر ۽ ٻيا اهڙا وسيلا بنيادي وسيلن ۾ شامل آهن.

(ب) ثانوي وسيلا (Secondary Resources)

هن وسيلي ۾ پهرين نمبر تي حوالياتي ڪتاب (Refrence Books) اچن ٿا. انسائيڪلوپيڊيائن، الميناڪ، ييئر بوڪ (Year Book)، تحقيقي مقالا، رسالا، مضمون، مخزنون، ۽ ڪتاب هن وسيلي ۾ شامل آهن.

نوٽ (Note): هن جاءِ تي اسان لاءِ اهو ضروري آهي ته اسان ڏسون ته تحقيق جي ڪم جي ميدان تاهڻ لاءِ اسان ڇا ڪري رهيا آهيون. ڪي ذڪر ڪرڻ جهڙا اقدام سنڌالاجي ۽ سنڌي اديبن ڪنيا آهن. سنڌالاجي ڪتابن جو رڪارڊ شايع ڪيو آهي جنهن ۾ رسالن جو به ذڪر آهي. سوسائٽي "ڪتاب نامي" جي نالي سان لکيل مسودن جي هڪ لسٽ شايع ڪري رهي آهي. هن قسم جون ڪوششون اسان جي تحقيق جي ڪم جي چڻ شروعات آهن. پر اڃان وڏيڪ ڪم رهيو پيو آهي. ڪتابن ڪان سواءِ انهن ٻين وسيلن جو رڪارڊ به شايع ڪرڻو آهي جن ڪي اسان مٿي وسيلن جي ذڪر ۾ ڄاڻايو آهي. پر اڃان به وڏو مسئلو سنڌي اصطلاحن ۽ ٽڪنيڪي لفظن جو آهي. اڃان اسان ڪي سائونڊ لئبرري، ٻوليءَ جو تحقيقاتي مرڪز (Language Laboratory) قائم ڪرڻو آهي ۽ ڪلچري وسيلن جو رڪارڊ به رکڻو آهي. اسان ڪي آهي سڀ تحقيقي مقالا ۽

Gul Hayat Institute

مونو گرام بہ شايع ڪرڻا آهن ۽ ان ڪان سواءِ خالص ادب، تنقيد، ادبي تاريخ، فلسفي، سماجيات، نفسيات ۽ سياست تي بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکڻا ۽ لکائڻا آهن.

ڪم آيل ڪتابن جي لسٽ ڪي ببليوگرافي (Bibilio graphy) چيو ويندو آهي ۽ حواليتي ڪتاب مان نقل ڪيل ٽڪري کي ”حوالو“ چيو ويندو آهي.

(ت) افرادي وسيلا

١. تجربو (Expirence)
٢. مشاهدو (Observation)
٣. عقل (Reason)
٤. استدلال (Reasoning)
٥. احساس (Feelings)

(١) تجربو (Expirence)

عام لفظن ۾ تجربو انسان جي عمل ۽ ردعمل جو اهو نتيجو آهي جيڪو انسان کي وڌيڪ مضبوط ۽ ڏاهو بڻائي ٿو. پوئين دور جون حالتون پنهنجن اڳين دورن جي حالتن ڪان وڌيڪ سڌريل ۽ بهتر ٿين ٿيون. سڌريل ۽ بهتر حالتون سڌريل ۽ بهتر انسان پيدا ڪن ٿيون. سڌريل ۽ بهتر انسانن ۾ اثر وجهڻ جي طاقت بهتر ٿئي ٿي. موٽ ۾ اهڙي طاقت وري ٻيهر سڌريل ۽ بهتر حالتون پيدا ڪرڻ تي ۽ وري اهڙيءَ ريت ساڳيو عمل مڪمل ٿئي ٿو. پر ياد رکڻ گهرجي تہ عمل ۽ ردعمل جي هن چڪر ۾ هڪ ”ٽيون“ بہ موجود آهي، جنهن کي عام طور تي ٺاهه ڪرائيندڙ عمل (Synthesis) چيو ويو آهي. انساني تاريخ جو هن قسم جو اڀياس جنهن جو تعلق انسان جي تجربي سان آهي، سو تاريخ جي جدلياتي

Gul Hayat Institute

ماديت جي نظريي ۽ حياتيات جي ارتقا جي فلسفي جي مدد سان سمجهايو ويو آهي. تجربي جـي هن ذڪر مان معلوم ٿئي ٿـو ته تجربو بهتر حالتن پيدا ڪرڻ جو وسيلو آهي. بهتر حالتن پيدا ڪرڻ جو معاملو علم تحقيق ۾ رهيو آهـي. انسان نيون حقيقتون ڳولي ٿو ۽ انهن مان فائدو حاصل ڪري ٿـو. هـن طرح عمل تحقيق ۾ تجربو هڪ نمايان ڪردار ادا ڪري ٿو.

(٢) مشاهدو (Observation)

انسان-جهان بين آهي پر اهو جمشيد جـي انهيءَ ڪهاوتـي پيالي جهڙو نه آهي، جنهن ۾ سڄو جڳ ڏسبو هو پر پاڻ پيالي کي ڪجهه به معلوم نه هوندو هو. جهان بيني اصل ۾ انهيءَ مشاهدي جو نالو آهي، جيڪو عقل استدلال ۽ احساس کان سواءِ حواسياتي وسيلن جو محتاج آهـي. هـن قسم جو مشاهدو انسان کي ثبوت، دليل، دعويٰ ۽ استدلال مهيا ڪري ٿو ۽ هن طرح مشاهدو تحقيق بڻجي ٿو.

(٣) عقل (Reaosn)

عقل جي ميڪانيت (Mechanism) کي سمجهڻ-لاءِ نفسيات جي عالمن ذهن (Intelligence) تي وڏيون تحقيقون ڪيون آهن. ذهن جي باري ۾ هيڏي وڏي ذڪر جو مقصد هن مقالي ۾ موجود ٿي نه ٿو سگهي. ذهن اسان جـي پهرين ۽ بنيادي صلاحيت آهـي. هوموساپينس جيڪو انسان جو پهريون نسل هئو سو به ذهن جي ڪري پنهنجن ٻين نسلن کان نرالو هو. ذهن انسان کي سوچڻ جي طاقت ڏئي ٿو ۽ ان کي پنهنجن حالتن سان ٺاهه ڪرڻ (Adopta-tion) جي قوت ڏئي ٿو. سوچڻ جي طاقت سان انسان مسئلا حل ڪري ٿو، سکي ٿو، سوڪاري ٿـو، نظريه قائم ڪري ٿو، ۽ ڪليا ٺاهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو عقل يا ذهن جو تعلق علم تحقيق

جيِ سوال سان ڳنڍيل آهي ۽ عقل کي به اسان تحقيق جي افرادي وسيلن ۾ شمار ڪريون ٿا.

(ع) استدلال (Reasoning)

عقل جي ڪم جو هڪ نمونو استدلال ۾ ڏسي سگهجي ٿو. استدلال جا عام طريقا به ٽين ٿا: هڪ کي ڊڊڪٽو (Deductive) ۽ ٻئي کي (Inductive) چيو ويو آهي. استدلال جو پهريون طريقو يونانين ڏنو هو. يونانين پاڻ هي طريقو جاميٽريءَ ۽ طبعي سائنس ۾ اختيار ڪيو هئو. هن طريقي کي جنهن نموني سان سمجهايو ويو آهي اُن کي سلاجزم چيو ويو آهي. منطق جي هن وسيلي جادوءَ جي انهيءَ برتري جو موت آندو جنهن ۾ عقلي جواز جو موجود ڪري ڏيڻ ضروري نه هئو. هن طرح سان منطق "حق تنڪير" جو اهو پهريون وسيلو هو جنهن ۾ انسان روايت جو انڪار ڪيو هو. ارسطو عظيم جيڪو ڊڊڪٽو طريقي جو وڏو عالم هئو، سو چاتل حقيقتن جي آڌار تي اڻ چاتل حقيقتن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هئو. هن طريقي کي سمجهائڻ لاءِ هڪ عام مثال هي آهي:

چاتل حقيقتون (١) .... هرڪو انسان مري ويندو.

(٢) .... ارسطو به هڪ انسان آهي.

اڻ چاتل حقيقتون (٣) .... ان ڪري ارسطو به مري ويندو.

نوٽ: مون چاتي واٽي روايتي سلاجزم ۾ ڪم آيل لفظ سقراط بجاءِ ارسطو جو نالو لکيو آهي.

مٿي ڊيڪارٽ طريقي ۾ پهريون به سٿون ڏيٺا جو ڪم ڪن ٿيون ۽ ٽين ست ۾ به ڳالهيون موجود آهن:

(١) استدلال.

(٢) ڪليو.

استدلال اسان کي لفظن ”ان ڪري“ ۽ ”ٻ،“ ۾ ملي ٿو ۽ ڪليو اهو آهي ته ”ارسطو مري ويندو“ سنڌي زبان جي خيال کان استدلال ۾ ڪم ايندڙ لفظ اسان هيٺ ڏيون ٿا:

سو، تنهنڪري، هن ريت، هن طرح، تنهن ڪري، انڪري، ٻ، چو ته، چاڪاڻ ته، وري ۽ ٻيا اهڙا لفظ. هي لفظ ڪهڙي ريت استدلال ۾ ڪم اچن ٿا ۽ انهن کي ڪم آڻڻ جو طريقو ڪهڙو آهي. هي سوال نرالو آهي ۽ اسان جي هن مضمون کان ٻاهر آهي.

نوٽ: اميد آهي ته سنڌي ڊپارٽمنٽ مان ڪو نه ڪو عالم سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ”ٻولي ۽ منطق“ جي اڀياس ۽ اصولن جي آڌار تي ڪندو. هن باري ۾ جيڪي عام سوال اسان جي اڳيان ايندا سي هي آهن:

(۱) منطق ۽ ٻوليءَ جا منطقي طريقا.
(۲) استدلال ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لغت.
(۳) سنڌي ٻوليءَ ۾ وصف ڏاهڻ جو طريقو.
(۴) سنڌي ٻوليءَ ۾ دليل بازي جو طريقو.
(۵) سنڌي ٻوليءَ مان دليل بازيءَ جا مثال.
(٦) سنڌي ٻوليءَ مان قانوني ٻوليءَ جا مثال.
(۷) سنڌي ٻوليءَ مان دعوي ۽ دليل جا مثال.
(۸) منطقي طريقن جو نثر ۾ استعمال.
(۹) جاميٽري، رياضي، طبعيات ۽ قانون ۽ منطقي ٻوليءَ جو استعمال.

منطقي ٻوليءَ جي خيال کان پهرئين سٽ ۾ آيل مواد کي ”حجت ڪبري“ (Major Premise) چئجي ٿو ۽ ٻي سٽ ۾ آيل مواد کي ”حجت صغري“ (Minor Premise) چئجي ٿو. (سنڌي ۾ وڏي دعوي ۽ ننڍي دعوي جا لفظ ٻ، اختيار ڪري ٿا سگهجن.) سلاجزم ۾ آيل هنن دعوائن کان ٻوءِ منطق جي هڪ شاگرد لاءِ ضروري آهي ته هو هنن ٻن دعوائن ۾ آيل مواد جي حقيقتن کي پاڻ ۾ پيٽي ۽ پوءِ جيڪو ڪليو نڪري سو ٽين سٽ

۾ رکي.

ارسطو جي هن طريقي ۾ بعد ۾ کي ڪمزوريون به ڳولي لڌيون ويون هيون. اهي اسان هيٺ ڏيون ٿا:

(۱) پهرين ٻن دعوائن جي درست هئڻ جو ڪو ثبوت ڏئي نه ٿو سگهجي.

(۲) ڪن حالتن ۾ ممڪن آهي ته ٻنهي دعوائن جو باهمي لاڳاپو غير منطقي هجي.

(۳) هن طريقي ۾ وڏو ڀروسو لفظي اهڃاڻن (Word Symbol) جي معنيٰ تي رکيو ويو آهي. اسان کي علم معنيٰ اهو ٻڌائي ٿو ته لفظن جي معنيٰ هرويرو لفظن جي لفظي صورتن تي مدار ڪونه ٿي رکي. ان ڪري هن طريقي کي اڻ پورو ۽ ڪمزور سمجهي سگهجي ٿو.

اهي سبب هئا جن جي ڪري سورهين صدي عيسويءَ ۾ فرانسز بيڪن (Francis Bacon) يوناني استدلال جي طريقي کي رد ڪري هڪ نئون طريقو ڏنو هئو. فرانسز بيڪن پنهنجيءَ تنقيد ۾ چيو هو ته:

يوناني اڳ ۾ ڪليو مقرر ٿا ڪن پوءِ انهن کي خيال ۾ رکي، هو جزئي ۽ هٿراڌو دعوائون تيار ٿا ڪن.

Gul Hayat Institute

بيڪن

بيڪن جيڪو پنهنجو طريقو ڏنو ان کي انڊڪٽو طريقو چيو ويو آهي. هن طريقي ۾ جز جي مدد سان ڪل کي سمجهيو ويندو آهي جڏهن ته ارسطوءَ جي طريقي ۾ ڪل جي مدد سان جز کي سمجهيو ويندو هو.

بيڪن جي هن طريقي جا خاص مرحلا هيٺ ڏجن ٿا:

۱. سند (Authority) جي برتري قبول نه ڪجي.

۲. فطرت جو مشاهدو غور سان ڪيو وڃي.

٣. تجربا ڪيا وڃن.
٤. ضروري نتيجا ڪڍيا وڃن.
٥. نتيجن جي مدد سان ڪليا مقرر ڪجن.
٦. ننڍن ڪلين جي مدد سان وڏا ڪليا مقرر ڪجن.

بيڪن شايد پهريون ماڻهو هو جنهن ذري ء ر ڪي استدلال جي برتري جو انڪار ڪيو ۽ هن مشاهدي جي تلقين ڪئي. بيڪن علم تحقيق جي راهه ۾ هڪ وڏو قدم اهو کنيو جو هن چيو ته مفروضو ان وقت تائين مقرر نه ڪيو وڃي، جنهن وقت تائين ڊيٽا سڄي نه هٿ ڪئي وڃي. هن طرح هن علم تحقيق جي هڪ ڪمزوري ڏانهن اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي. اسان هن نقطي کي مٿي به بيان ڪيو آهي. پر سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته انهيءَ ڳالهه کي ڪيئن ثابت ڪجي ته ڪهڙيءَ ضروري ڊيٽا سڄي حاصل ٿي ويئي آهي. تنهن کان سواءِ عملي طور تي هي قدم ممڪن به نظر نه ٿو اچي.

ارسطو ۽ بيڪن جي طريقن جو اپياس چارلس ڊارون به ڪيو هئو. ڊارون هنن ٻنهي طريقن جي آڌار تي جيڪي تجربا ڪيا هئا انهن جو ذڪر فرانسز ڊارون ڏنو آهي.

فرانسز ڊارون جي حوالي سان معلوم ٿئي ٿو ته ڊارون ٻئي طريقا گڏجي ڪم آندا هئا.

سائنسي طريقو:

استدلال جي ٽئين طريقي کي سائنسي طريقو سڏيو ويو آهي. هن طريقي جا مرحلا هيٺ ڏجن ٿا:

١. اتفاق (Chance)
٢. ادم ۽ پَل (Trial and Error)
٣. ڪليا مقرر ڪرڻ.

اتفاق

اتفاق به علم حاصل ڪرڻ جو هڪ طريقو آهي. انسان ڪي ياهم جي ڄاڻ به ڇيو ويو آهي ته اتفاق سان حاصل ٿي هئي.

ادم يا پيل

انهيءَ ڳالهه معلوم ڪرڻ لاءِ ته ڪهڙيون شيون زهريليون آهن، انسان اڳ ۾ زهر وارين شين ڪي چکيو هو. هن قسم جو چکڻ هڪ ادم هو، جنهن جو مقصد هو نيون حقيقتون معلوم ڪرڻ. پر ان ادم ۾ هڪ غلطي هئي ته زهر چکڻ سان نقصان جو امڪان به هو.

ڪليا مقرر ڪرڻ

مٿي آيل ٻن طريقن جي نتيجن ۾ انسان تجرباتي طور تي ڪي ڪليا مقرر ڪيا. هن طرح معلوم ٿئي ٿو ته بنيادي طور تي انسان جي علمي ۽ عملي زندگيءَ جو وڏو تعلق تجربي سان آهي. هن تجربي کي (Experince) ۽ پر (Experiment) ڇيو ويو آهي. پر حقيقت ۾ هنن ٻن لفظن ۾ ڪوبه فرق ڪونه آهي.

احساس (Feelings)

استدلال جي طريقن ۾ خود انسان جي محسوس ڪرڻ جي طاقت ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي. اهو سوال خاصو اهم آهي. انسان جي عمل جو ڪوبه اهڙاس تيستائين مڪمل ڪونه ٿو ٿئي، جيستائين احساس جي ڪردار کي پوري ريت نه ٿو سمجهيو وڃي. احساس کي نظرانداز ڪرڻ جو وڏو سبب جيڪو ڪن عالمن جي

اڳيان آيو آهي، سو اهو آهي ته احساس جو تعلق وجدان (Intuition) سان آهي ۽ وجداني ڪيفيتون، عقلي ڪيفيتن کان جدا ۽ نراليون هونديون آهن. پر هيءَ ڳالهه سورهن آنا صحيح نه آهي. وجداني ڪيفيتون به عقلي ڪيفيتن جهڙو ڪم ڪن ٿيون. پر اهو ضروري آهي ته وجدان جي ڪردار کي به استدلال سان سمجهايو وڃي. زهريلي شيءِ واپرائڻ کان پوءِ تجربو پڌائي ٿو ته ماڻهو بيمار ٿئي ٿو ۽ مري وڃي ٿو. هن حد تائين تجربو رهنمائي ڪري ٿو پر جڏهن انسان کي بيماري ۽ موت جي خيال کان اهو فيصلو ڪرڻو ٿو پوي ته:

١. اڳتي زهر ڪڏهن به نه کائبو.
٢. هر ڪا زهريلي شيءِ ناس ڪري ڇڏجي.
٣. زهر کان بچاءَ جا طريقا ڳولهي لهبا.
٤. عام ماڻهن کي پڌائبو ته هي شيون زهريليون آهن.

ٿڌهن احساس جو ڪردار وڌيڪ صاف ٿي سامهون اچي ٿو. سائنسي طريقن ۾ انهيءَ ڳالهه جو خاص خيال رکيو ويو آهي ته احساس جي ڪا اهميت ڪانهي، پر جناب هل وي لکي ٿو:

”اسان انهيءَ امڪان کي ٿڏي نه ٿا سگهون ته علم ۾ ڪي اهم اضافا رڳو وجدان جي ’اڻ ڪٿيل وظيفن‘ جي مدد سان به ٿيندا آهن.“

(واڪ جي نشانين ۾ آيل لفظ والٽر بي. ڪئنن جا آهن)

هل وي جو خيال آهي ته وجداني حقيقتون غيرجانبدار تجزيي سان پرکي ڏسجن.

سماجي علمي طريقا (Social Sciences)

گهڻو ڪري سنڌي يا اردو ٻولين ۾ انگريزي لفظ سائنس جي لاءِ لفظ ”علم“ ڏنو ويندو آهي. اڳ يانيان ٿو ته علم لفظ سائنس لفظ جي معنيٰ ڪونه ٿو ڏئي. علم جو واسطو مواد سان آهي ۽ مواد

Gul Hayat Institute

رڳو سائنس جي پرک ۽ تپاس لاءِ هڪ ميدان ڏاهڻ جو ڪم ڏئي ٿو. مواد (Subject matter) سائنس تڏهن بہ نہ ٿو ٿي سگهي. سچي ڳالهہ اها آهي تہ سائنس علم نہ آهي پر علم حاصل ڪرڻ جو هڪ طريقو (Method) آهي. علم گهڻن ئي طريقن سان حاصل ڪري ٿو سگهجي ۽ سائنس بہ انهن طريقن مان هڪ طريقو آهي ان ڪري سائنس لاءِ موزون لفظ علم نہ پر علمي طريقو آهي.

انهيءَ سوال جو جواب تہ ريڊيو ڇا آهي. سنڌيءَ ۾ صفحي يا اڌ صفحي لکڻ سان بہ ڏئي ٿو سگهجي، اهو صفحو يا اڌ صفحو مواد آهي ۽ اسان جي علم جو رڪارڊ آهي ۽ ان ڪري اهو صفحو يا اڌ صفحو علم تہ آهي پر اهو صفحو يا اڌ صفحو سائنس نہ آهي. سائنس اها شيءِ آهي، جنهن جي وسيلي اسان انهيءَ سوال جي جواب لکڻ جي لائق ٿيون، تہ ريڊيو ڇا آهي؟ ان ڪري ريڊيي جي باري ۾ اسان جو جيڪو علم آهي، ان کي پيدا ڪرڻ جي ذميواري هڪ طريقي تي آهي ۽ اهو ئي طريقو آهي جنهن کي اسان سائنس ٿا سڏيون.

ان ڪري جڏهن اسان جو استاد ڪلاس ۾ اهو ٿو ٻڌائي تہ مادي جون خاصيتون ڪهڙيون آهن، تڏهن هو سائنس ڪونہ ٿو پاڙهي. جڏهن هو اهو ٿو ٻڌائي تہ گل جا پاڳا ڪهڙا آهن، تڏهن بہ هو سائنس ڪونہ ٿو پاڙهي. جڏهن هو اهو ٿو ٻڌائي تہ گرميءَ جا درجا ڪهڙا ۽ ڪيترا آهن، تڏهن بہ هو سائنس ڪونہ ٿو پاڙهي.

اسان جو استاد سائنس رڳو ان وقت ٿو پاڙهي جڏهن هو اوزارن جي وسيلي مادي جون خاصيتون لهڻ لاءِ تجربو ٿو ڪري. جڏهن هو آتشي ۽ وڏو ڪري ڏيکاريندڙ شيشن جي وسيلي گل جا جا ننڍا جزا چوڪرن کي ڏيکاري ٿو ۽ جڏهن هو گرمي ماپڻ وارن اوزارن جي وسيلي گرميءَ جا درجا ڏسي ٿو ۽ اوزارن ۾ پاري کي لهندي ۽ چڙهندي ڏيکاري ٿو.

جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي، سائنسي طريقي جو بنياد آهي ئي تجربي تي. ان ڪري جا ڳالهہ اوزارن ۽ شين جي مدد

ڪان سواءِ ڇٽي ٿي وڃي تنهن جو واسطو سائنس سان نہ آهي.

اهو ئي سبب آهي جو سائنس جي وڌي ۾ وڌي ترقي مادي شين ۽ جنسي شين ۽ ڇهڻ جهڙين شين کي سمجهڻ ۾ صرف ٿي آهي. مادي دنيا اسان جي ڪلچر جو رڳو هڪ حصو آهي. انسان جي ڪلچر ۾ مادي شين کان سواءِ ٻيون کي اهڙيون شيون اچي ٿيون وڃن، جيڪي مادي (Physical or Material) نہ آهن هنن شين جو واسطو ماڻهوءَ جي پنهنجي چال چلت، اٿڻ ويهڻ، عادتن، ريتن ۽ طريقن سان آهي. هاڻي جيڪڏهن سائنس جي طريقي جو مقصد آهي، انسان جي وڌي ۾ وڌي ڀلائي تہ پوءِ هن طريقي سان انسان جي مادي ڪلچر کان سواءِ انسان جي غير مادي ڪلچر کي بہ سمجهڻو پوندو. ٻي حالت ۾ انسان جي ڀلائي وارو ڪم اڌورو ٿيندو.

انسان جي غير مادي ڪلچر جو مامرو ڏاڍو منجهيل ۽ ڏاڍو وڏو ۽ ويڪرو آهي. انسان دنيا جي سڀني شين کان وڌيڪ طاقتور، سمجهدار ۽ عملي طاقت جو مالڪ آهي. تنهن کان سواءِ انسان جي پنهنجي حيثيت بہ گوناگون خوبين سان ڀريل آهي. هن کي انيڪ طاقتون ڏنيون ويون آهن. وري هيءَ ڳالهہ بہ سمجهڻ جهڙي آهي تہ هرڪو ماڻهو پنهنجي جاءِ تي نرالو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ ڪيتريون ئي ڳالهيون اهڙيون آهن جن ۾ هڪ ٻئي کان ماڻهو نرالا آهن ۽ ان ڪري ڪنهن بہ هڪ ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ جي ذات جو نمائندو ڪري وٺڻ ممڪن نہ آهي. ان ڪري انسان جو غير مادي ڪلچر جي مامري ۾ سائنس جو استعمال ڏاڍو ڏکيو آهي. پر تہ بہ اهڙو استعمال ناممڪن نہ آهي. ايتري ڳالهہ تہ بيشڪ سچي آهي تہ اهي اصول جيڪي انسان جي مادي ڪلچر (Physical Culture) کي سمجهڻ کان پوءِ مقرر ڪيا ويا آهن. هي انسان جي غير مادي ڪلچر (Non Physical Culture) سان لاڳو ڪري نہ ٿا سگهن پر ان جو مطلب رڳو اهو آهي انسان جي غير مادي ڪلچر کي سمجهڻ لاءِ جدا اصول مقرر ڪرڻ گهرجن.

Gul Hayat Institute

هن باري ۾ به ڪم ٿيندو رهيو آهي. اڄ اسان وٽ انسان جي غير مادي ڪلچر جي باري ۾ وڏي خبر چار موجود آهي. نفسيات، عمرانيات، سماجي نفسيات، رياست ۽ حڪومت، تعليم ۽ اقتصاديات جا علم انسان جي غير مادي ڪلچر سان واسطو رکن ٿا. پر اڃ اسان انهن جي وسيلي انسان جي غير مادي ڪلچر کي وڏي حد تائين سمجهي چڪا آهيون. ڪم اڃا جاري آهي ۽ ڪاهوڙي پنهنجن تجربن کي وڌيڪ حقيقي ۽ پختو بنائڻ لاءِ انسان جو اپياس ڪري رهيا آهن. انسان جي غير مادي ڪلچر کي سمجهڻ لاءِ سائنس استعمال ڪرڻ وارو ڪم ڏاڍو اهم آهي. ڇو ته انسان جو غير مادي ڪلچر، انسان جي مادي ڪلچر کان وڌيڪ اهم آهي ۽ ان جو اپياس انسان کي مادي ڪلچر جي اپياس کان وڌيڪ سهوليتون موجود ڪري ڏيندو آهي. تحقيق جو هي ميدان تمام ويڪرو ۽ تمام وڏو آهي. ان ڪري هن ميدان ۾ قدم رکڻ لاءِ وڌيڪ محنت ۽ وڌيڪ جاکوڙ جي ضرورت پوندي. اهائي محنت ۽ مشاڪت، جاکوڙ ۽ هٺ آهي، جنهن کي اهان ريسرچ چوندا آهيون.

اهو رڳو انهيءَ ڪري آهي جو اسان ريسرچ ڪندا رهيا آهيون. اها ئي ڳالهه آهي ته اسان پنهنجي ريسرچ کي اڃا تائين سائنس جي طريقن وسيلي ترقي نه وڌائي آهي.

پيداوار ۾ اضافو، بيمارين کان ڇوٽڪارو، بهتر غذا، سماج ۽ فرد جو بهتر اپياس ۽ پنهنجي دنيا جو بهتر اپياس اهي سڀ ڳالهيون اسان کي ريسرچ جي مدد سان حاصل ٿيون آهن.

تعليم جي ميدان ۾ ريسرچ جا فائدا به آهن: (۱) سکڻ ۽ سيکارڻ جي نظام (Teaching - learning process) جو بهتر اپياس. (۲) انهن حالتن جو اپياس جن جي تحت اهو نظام بهتر طريقي سان ڪم ڪري سگهي.

ريسرچ جو مقصد آهي عام ۽ ڪارائتا اصول ڳولهڻ ۽ ٺاهڻ. ريسرچ سوچيل سمجهيل ۽ اڳ ۾ لکيل ۽ هٿ ڪيل مواد جي ترتيب کي ڪونه ڇٽي سگهبو. ريسرچ ۽ نيون حقيقتون

ڳولڻ لاءِ بنيادي طور تي سوار هٿ ڪرڻ جو ڪم ڪرڻو هوندو آهي. ان مواد (Data) هٿ ڪرڻ کان پوءِ ان کان اهو پاڳو ڪڍي ڇڏبو آهي، جيڪو اڳ ۾ ئي لڌو ويو هو باقي بچيل پاڳي کي سائنسي طريقن جي وسيلي اهڙي طرح ڇنڊبو ۽ ڇاڻبو آهي، جو ان مان ڪي پڌريون حقيقتون نڪري نروار ٿين. ڇنڊ ڇاڻ جو اهو ڪم پنهنجي ماهري ۽ مقصد کي خيال ۾ رکي ڪبو آهي ته جيئن فقط اهي حقيقتون ليون جن جي لهڻ لاءِ سڄو ڪم هٿ ۾ کنيو ويو آهي. ڇنڊ ڇاڻ جي انهيءَ ڪم ۾ پنهنجن وهمن ۽ ڀرمن ۽ گمانن جي اثر کان بچڻ لاءِ اوزار ۽ ٻيون اهڙيون مشينون ڪم آئيون آهن جيئن نتيجا اهڙا نڪرن جو انهن کي اٽل ۽ اڻ ڏر سمجهي سگهجي. اهي نتيجا جيڪي پنهنجن عقيدن ۽ گمانن جي مدد سان ڏاهي رکيا، سي هر هنڌ ۽ هر وقت سچا ۽ پورا ثابت ٿي نه سگهندا، ڇو ته انفرادي حيثيت ۾ ماڻهو ماڻهوءَ کان نرالو آهي.

مشينون ۽ اوزار ڪنهن جو منهن ڪونه ڏسنديون آهن.

اهي حقيقتون جيڪي ڪمپيوٽرن ۽ ٻين اهڙن اوزارن جي مدد سان لڀن ٿيون، سي پوري دنيا جي ماڻهن لاءِ سچيون ۽ پختيون ثابت ٿي سگهن ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو اڄ سائنسدان ڪنهن به هڪ مسئلي تي حاصل ڪيل مواد کي اعتماد سان پنهنجي لاءِ استعمال ڪري ٿو سگهي ۽ دنيا جا سڀئي سائنسدان پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ هڪٻئي جي مدد وٺي ٿا سگهن.

ريسرچ جي ڪم ۾ سوچ کان پوءِ وڏي ۾ وڏي ضرورت صبر ۽ لڳاتار محنت ۽ جاکوڙ جي آهي. ڇاڪاڻ ته اٽل حقيقتون انسان جي جذبن جي هٿ وس نه آهن ان ڪري انسان جي تڪڙ ۽ بي صبريءَ جي ڪري ڪوبه نتيجو ڪونه نڪرندو.

ريسرچ جو ڪم وڏي همت جو ڪم آهي. ڇو ته ريسرچ ۾ جي نتيجا نڪرندا آهن، انهن مان ڪي اهڙا به هوندا آهن جيڪي مڃيل اصولن ۽ سماج جي منظور ڪيل نظرين جي خلاف هوندا آهن. اهڙي حالت ۾ ڪاهوڙي تي سماج جو ڏمر ٿيندو آهي

۽ خير ڪٽنديي ويچاريي جا هٿ سڙڻ لڳندا آهن.

هتراڏو مذهبي اڳواڻن پولينڊ جي هڪ ڪاهوڙي ڪاپرنيڪس (Copernicus) تي ڏمر نازل ڪيو هو.

ريسرچ جو ڪم قربانيءَ جو ڪم آهي. ڇو ته ڪاهوڙيءَ کي اها خبر ڪانه هوندي آهي ته هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندو يا نه ٿيندو. اهڙي حالت ۾ هو ويچارو پنهنجي پوري عمر ۽ وقت جي قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ٿي پوءِ ڪم ۾ هٿ وجهندو آهي. ريسرچ جي ڪم ۾ ڪيترن نيڪ ماڻهن پنهنجيون جانيون به قربان ڪيون آهن. سر رونالڊ روس پنهنجي جسم کي جدا جدا مڇرن کان ڏنگرايو ۽ سفلس بيماريءَ جي دوا لهڻ واري پنهنجي جسم ۾ بيماريءَ جا جزا وڌا هئا ته جيئن ڪيس معلوم ٿئي ته اهڙن جيوڙن جو انسان جي جسم تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو.

ريسرچ ڪرڻ واري ماڻهوءَ لاءِ اهو تمام ضروري آهي ته هو ريسرچ ڪرڻ جي تربيت حاصل ڪري. بي هنر ڪاهوڙي انسان جي سماج جو سڌريل فرد ٿي نه ٿو سگهي. انهيءَ خيال کان ريسرچ ڪرڻ واري ماڻهوءَ جي لاءِ خيال جي اونهائي ۽ فڪر جي صفائي تمام ضروري آهي.

ريسرچ جي ڪم ۾ وڏي ڳالهه آهي انهن شين جو اونهو ۽ ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ جن تي ريسرچ ٿي رهي آهي. هي اڀياس لڳاتار ڪرڻو پوندو آهي ۽ ان اڀياس جي ذري، ذري ۽ نتيجن جي تر تر کي رڪارڊ ڪرڻو پوندو آهي. هن باري ۾ ٿوري ويسر، ڀل چڪ يا بي پرواهي سڄي ڪم کي ڊاهي ۽ خراب ڪري ٿي سگهي.

ريسرچ جي ڪم ڪرڻ واري جو وڏي ۾ وڏو گڻ اهو آهي ته هو سچ ۽ حقيقت جي اٽل ۽ لازوال هجڻ ۾ ويساهه رکندو هجي. هو سچ جو سچو عاشق هجي ۽ حقيقتن جو پوئلڳ هجي. هن جي زندگيءَ جو مقصد وصل نه پر تلاش هجي. هن جي تلاش فاني شين لاءِ نه پر ازلي ابدي حقيقتن لاءِ ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ

Gul Hayat Institute

هجي. سچو ڪاهوڙي سچو مجاهد آهي، جيڪو الله جي مخلوق ۾ حقيقتن کي ڳولي ٿو ۽ انهيءَ تلاش جي رستي ۾ ئي پنهنجي جان قربان ٿو ڪري.

خالص ۽ بنيادي تحقيق

تحقيق جي باري ۾ هن وقت تائين جو ڪجهه چيو ويو آهي، ان مان پڌرو آهي ته تحقيق جي رستي پارکو اصول ڳاهي ٿو ۽ پوءِ انهن اصولن کي ساڳي طرح سڀني خالتن ۾ هيئت ساڳئي نموني جي شين سان لاڳو ڪري ٿو. هن قسم جي تحقيق کي خالص بنيادي تحقيق چيو وڃي ٿو.

سماجي نفسيات (Social Psychology) ۽ تعليم جي ميدانن ۾ جا تحقيق ويجهڙائي ۾ ٿي آهي اها هن قسم جي خالص يا بنيادي تحقيق نه آهي. ڏٺو ويو آهي ته خالص تحقيق (Pure Research) جي وسيلي جيڪي اصول ڳاهيا ٿا وڃن اهي علمي طور تي ڪلاس روم جي اندر تعليمي معيار کي وڌائڻ ۽ مٿي کڻڻ ۾ مدد ڪونه ٿا ڪن. تعليم جي باري ۾ ريسرچ جو مقصد ته صرف ايترو ۽ اهو آهي ته پاڙهڻ ۽ سيکارڻ جو معيار مٿي ڪجي ته جيئن تعليمي قابليت وڌي ۽ تعليم وٺڻ وارو وڌيڪ ڪارائتو ملڻو ٿئي. انڪري جا تحقيق تعليم جي ميدان ۾ ڪري سگهجي اها خالص تحقيق نه آهي پر عملي تحقيق (Action Research) آهي.

عملي تحقيق جو خيال سڀ کان اڳي مسٽر اسٽيفن ڪوري ۽ (Stephen M. Correy) ڏنو هئو. (ڏسو ڪوري صاحب جو ڪتاب).

(Action Research to improve School Practice: P: 7)

عملي تعليم جو مقصد اصول ڳاهڻ ۽ نظريا ڏيڻ نه آهي پر ان جو وڏو مقصد آهي ترت عمل ڪرڻ (Immediate application).

ان جو وڏو زور مسئلي جي حقيقي هئڻ سان آهي. هن تحقيق

جا نتيجا بہ فقط مقامي حالتن سان لاڳو ڪري ٿا سگهجن. پوري دنيا جي حالت ۾ هي نتيجا عمل ڪري نہ سگهندا. اهو ئي سبب آهي جو آمريڪا ۾ صلاحيت ۽ قابليت (Aptitude) جون آزمايل ٽيسٽون هت اسان جي ملڪ ۾ يا ڪنهن ٻئي هنڌ پر آمريڪا کان ٻاهر ڪم اچي نہ ٿيون سگهن. ڇو تہ انهن جي عملوت جو تعلق فقط آمريڪا سان آهي. هن قسم جي تحقيق جو مقصد آهي اسڪولن جو معيار مٿي ڪرڻ ۽ ان سان گڏ انهن استادن جي پيشہ ورانہ قابليت جو معيار بہ مٿي ڪرڻ، جيڪي اسڪولن ۾ ڪم سان لڳا پيا آهن. هن قسم جي تحقيق سان هڪ طرف کان تعليم جو معيار مٿي ٿو ٿئي تہ ٻئي طرف کان استادن جي پيشہ ورانہ قابليت وڌي ٿي.

 پر ياد رکڻ گهرجي تہ عملي تحقيق بہ آخر هڪ تحقيق آهي ۽ جيستائين تحقيق جا پنهنجا اصول استعمال نہ ڪبا، عملي تحقيق بہ ڪري ڪونہ سگهبي. حقيقت ۾ هر تحقيق جا لازمي شرط رکيو بہ آهن: هڪ تپاس ۽ سوچ ويچار (Observation) ۽ ٻيو ترتيب (Description) جنهن ۾ تپاس جي وسيلي ڪيڏيل نتيجا. هن خيال کان عملي تحقيق بہ تحقيق آهي.

تعليمي تحقيق جا نمونا

Gul Hayat Institute

تعليمي تحقيق جا سهوليت لاءِ ٽي نمونا پڌايا ويا آهن جي هي آهن:

١- تاريخي تحقيق ٢- اظهاري تحقيق ٣- تجرباتي تحقيق.

(١) تواريخي تحقيق (Historical Research)

هن نموني ۾ تحقيق جو ڪم چئن ڏاڪن ۾ ورهايو ويو آهي: هڪ تپاس (Investigation)، ٻيو رڪارڊ تي آڻڻ (Recor-ding)، ٽيون چند ڇاڻ ڪرڻ (Analysis)، چوٿون نتيجا ڪيڻ (Interpretation). هن قسم جي تحقيق جو مقصد آهي اهڙا اصول

ڏاهڻ جن جي مدد سان حال وارين حالتن کي سمجهي سگهجي ۽ ايندڙ حالتن جو اڳواٽ جائزو وٺي سگهجي. تاريخي تحقيق جو زور آهي تبديل (Change) تي. هن تحقيق جو مواد اصلي يا بنيادي حالتن سان ورتو ويندو آهي. ان ڪري تاريخي تحقيق اهو ٻڌائي ٿي ته حالتون ماضيءَ ۾ ڪيئن هيون.

(٢) اظهاري تحقيق (Descriptive Research):

هن قسم جي تحقيق ۾ مٿي ڏيکاريل چارئي ڏاڪا هوندا آهن. پر هن جو مقصد هوندو آهي فقط حال وارين يا موجود حالتن کي بيان ڪرڻ. هن طريقي ۾ ڏٺو ويندو آهي ته ڪو فرد يا ٽولي موجود حالتن ۾ ڪيئن ٿو عمل ڪري. هن طريقي ۾ ڀيٽ يا مقابلي جي گنجائش به هوندي آهي.

(٣) تجرباتي تحقيق (Experimental Research):

هن قسم جي تحقيق جو لاڳاپو ايندڙ حالتن سان هوندو آهي ۽ هن جي وسيلي ڏٺو ويندو آهي ته تجربي جي هيٺ رهڻ واريون حالتون اڳتي هلي ڪهڙو رخ اختيار ڪنديون ۽ ڪيئن عمل ڪنديون. (وڌيڪ اڀياس لاءِ ڏسجن)

(1) "The Modern Research" by Barzun, Jaqnes,and Henry Graff. chapt. I and X

(2) "Class Room Teachers can use Research" by Buswell, Suy T.

(3) "The Impact of Research on Education" by Cooper, Dan-H.

(4) The Methodology of Educational Research" by Good and Douglas.

Gul Hayat Institute

ريسرچ ۽ سائنسي طريقا:

هاڻي اهو ڏسڻو آهي ته ريسرچ جو سائنس جي طريقي سان ڪهڙو لاڳاپو آهي ۽ اها ڪهڙي ريسرچ آهي جنهن کي سائنسي ريسرچ ٿو چئجي. سائنس جي ميدان تي ريسرچ جي معنيٰ آهي اها جاکوڙ، اها محنت ۽ اها ڇڪاس ۽ تپاس، جيڪا رسمي طور تي ڪنهن نه ڪنهن مقرر ڪيل ۽ آزمايل سرشتي پٽاندر انهيءَ ڪري ڪئي وڃي ته جيئن سائنس جي طريقي کي ڪم ڪرڻ ۾ سهولت ٿئي. ڏٺو ويندو ته ريسرچ هن خيال کان سائنس جي طريقي کي ڪم ڪرڻ لاءِ ميدان ۽ مواد فراهم ڪري ٿي ڏئي. آن ڪري ڪنهن به ملڪ ۽ سائنس جي طريقن سان علم حاصل ڪرڻ لاءِ ريسرچ کان سواءِ ترقي حاصل نه ٿي آهي. ريسرچ ۾ جنهن تپاس ۽ ڇڪاس (Investigation) تي زور ڏنو ويندو آهي. انهيءَ لاءِ مقرر ڪيل اصولن ۽ ڪنهن نه ڪنهن نظام (System) جي قاعدن تي عمل ڪرڻو پوندو آهي ۽ پنهنجي تجربن جو هڪ رڪارڊ به رکڻو پوندو آهي.

هيءَ ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته خود ريسرچ ۾ به سائنسي قسم جي سوچ ۽ سائنس جي طريقن جي وڏي ضرورت آهي. اها ريسرچ جيڪا سائنس جي طريقي سان نه ڪئي وڃي ٿي، سا سائنس جي ڪم جي نه آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪن اڪابرن ريسرچ ۽ سائنس کي هڪ ئي شيءِ سمجهيو آهي. جيتري ضرورت سائنس کي ريسرچ جي آهي، اوتري ئي ضرورت ريسرچ کي سائنس جي آهي.

انهن قومن ۾ جيڪي سائنس جي طريقن کي استعمال ڪرڻ جي لائق اڃان نه ٿيون آهن ۽ جيڪي پنهنجي تجربن جو بنياد ريسرچ کي نه پر وهمن، نظرين، عقيدن ۽ گمانن کي سمجهن ٿيون، تن ۾ ڪاهوڙي يا ريسرچ ڪرڻ واري ماڻهوءَ (Researcher) جو جيڪو تصور آهي، آهو اِهو آهي ته هن قسم جو ماڻهو اڌ مغزي،

رکو ۽ سگھي کاٺ جهڙو آهي ۽ هو اجايو سجايو سچو ڏينهن شيشن ۽ ڪيميائي شين سان ويٺو ڏو حرڪتون ڪري. پر حقيقت اها نہ آهي. ريسرچ ڪا حيرت جهڙي ۽ عجيب ڳالهہ نہ آهي. عام رواجي زندگيءَ ۾ روزمره هزارين ماڻهو اڪيلي سر يا ٽولن ۾ کوجنا ۽ تپاس جو ڪم ڪندا ٿا رهن. اهو ڪم اسڪولن ۾ بہ ٿئي ٿو تہ تجربي گاهن ۾ بہ ٿئي ٿو. اهو ڪم ٻنيءَ ۾ بہ ٿئي ٿو تہ ڪارخانن ۾ بہ.

حقيقت ۾ اسان جي ڪلچري ترقي (Cultural Development) جو راز بہ انهيءَ ڳالهہ ۾ آهي تہ اسان ڄاڻي واڻي يا بي خياليءَ ۾ ريسرچ ڪندا ٿا هلون. ريسرچ جو مقصد آهي جهالت جي اونداهي کي پوئتي هٽائي نوان سچ ۽ نيون حقيقتون هٿ ڪرڻ. آهي سچ ۽ آهي حقيقتون انسان جي ذهن وسيلي ۽ سوچ ۽ ويچار سان هر هنڌ لڀي رهيون آهن. اڄ ڪان ڏهہ سال اڳ واري هاريءَ کان اڄوڪو هاري وڌيڪ ڏاهو آهي ۽ اڄ ڪان رڳو پنج سال اڳ واري استاد کان اڄوڪو استاد وڌيڪ هنرمند آهي.

مسئلي جي چونڊ (Selection of Problem):

جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي، هر ريسرچ جو مقصد آهي مسئلا حل ڪرڻ ۽ انسان جي علم جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ نيون راهون کولي ڏيڻ. ان ڪري جاکوڙ ڪرڻ واري (ريسرچر) لاءِ اهو ضروري آهي تہ انهن سوالن جي مقصد کي چڱيءَ طرح سمجهي جيڪي انسان ذات کي حل ڪرڻا آهن ۽ انهن سوالن مان اهڙا سوال چونڊي جيڪي تمام جلد حل ڪرڻا آهن ۽ پوءِ انهن سوالن مان اهو سوال چونڊي ڪڍي جنهن کي هو پاڻ حل ڪري سگهڻ جي طاقت ساري سگهندو هجي. سوالن کي سمجهي انهن مان اهم سوال چني ڌار ڪرڻ ايترو سولو نہ آهي. جيترو سمجهيو وڃي ٿو. مسئلي يا سوال جي چونڊ جي باري ۾ جيڪي ڏکيايون يا مشڪلون سامهون اچن ٿيون، اهي ڪيترن ئي قسمن جون آهن. اختصار سان

انهن جو بيان هيٺ ڏجي ٿو:

(١) عموماً جيڪي مسئلا انسان ذات جي اڳيان اچ ٻه موجود آهن، انهن مان هرهڪ جا ڪيترا ئي پهلو آهن ۽ هر هڪ پهلو يا پاسي اڪي سمجهڻ جي لاءِ هڪ جدا تعليم ۽ هڪ جدا تربيت جي ضرورت آهي ان ڪري ڪنهن به مسئلي (Problem) تي ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ان جي جدا جدا پاڱن يا حصن جو اڀياس ڪرڻو پوندو آهي ۽ انهن سڀني پاڱن مان فقط اهو پاڱو پنهنجي لاءِ رکيو ويندو آهي، جنهن کي حل ڪرڻ جي تربيت ۽ تعليم جاکوڙيءَ کي حاصل هوندي آهي.

(٢) جاکوڙ جي باري ۾ وسيلن جي موجود هئڻ جو سوال به ڏاڍو اهم آهي. اڄ ڪلهه جي دنيا ۾ ڪابه جاکوڙ وسيلن کان سواءِ ڪامياب ٿي نه ٿي سگهي ڇو ته هيءَ دنيا آهي ئي طريقن ۽ وسيلن جي دنيا. وسيلن ۾ خاص ۽ اهم آهن: قابل رهبر (Able guide)، ڪتاب (Books)، پئسو (Money)، اوزار (Apparatus). خيالن جي ڏي وٺ جا ذريعا، جنهن ۾ جاکوڙي پنهنجي مسئلي جي باري ۾ ٻين جاکوڙين سان صلاح مشورو ڪري سگهي.

مسئلي جي چونڊ، ۽ ذريعن جو صحيح استعمال پاڻ به وڏا مسئلا آهن. اهڙن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ريسرچر کي خاص ڪم جي تربيت هجي. ٻي حالت ۾ جاکوڙيءَ جي ڪم جا نتيجا خاطرخواه ڪونه نڪرندا.

Gul Hayat Institute

مسئلي جي چونڊ جي باري ۾ گولائيءَ کان ڪي هيون غلطيون به ٿي سگهن ٿيون مثلاً:

(١) جاکوڙ جي نوعيت ۽ ڪم جي طريقي کي نه سمجهڻ جي حالت ۾ هو اهڙو مسئلو به مقرر ڪري ٿو وجهي جو تمام ويڪرو ۽ گهڻ پٽاڙو (Vasigated) or (Imprehensive) آهي.

(٢) ڪڏهن ڪڏهن هيئن به ٿئي ٿو ته جاکوڙي شوق ۾ يا جوش ۽ جذبي کان ڪو اهڙو مسئلو پنهنجي لاءِ رکي ٿو ويهي جيڪو تمام اهم آهي ۽ هو چاهي ٿو ته اهو اهم مسئلو هن جي

طرفان ڏي حل ڪيو وڃي ته جيئن هن ڪي انسان، ذات جي ڀلي گهرڻ وارن ۾ مٿاهين جاءِ ملي سگهي. هن قسم جو جوش ۽ جذبو انسان جو وڏو گڻ آهي پر طريقن ۽ وسيلن جي دنيا ۾ هن قسم جي عمل کي ڪا به جاءِ نه آهي. سائنس جي ميدان ۾ هن قسم جي سوچ کي غير عمل ۽ بي وقتائتي سوچ چئبو آهي، جنهن جو تعلق نتيجن ۽ عملن سان تمام گهٽ هوندو آهي.

جيڪي ماڻهو ريسرچ جو هنر ڄاڻن ٿا، انهن کي خبر آهي ته جاکوڙ جو ڪم وڏي صبر وارو، ڏکيو، رکو، منجهائيندڙ ۽ وڏو وقت وٺڻ وارو آهي. تنهن کان سواءِ ان جو سڄو دارومدار اوزارن ۽ طريقن تي آهي، جن ۾ انسان جي جذبن کي تمام ٿوري اهميت حاصل آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ضروري آهي ته ڪم کان اڳ ۾ ئي جاکوڙ جي نوعيت ۽ طريقي جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻي وٺجي.

(١) ريسرچ انسان جي علم جي واڌاري جي مقصد سان ڪئي ويندي آهي. هي واڌارو هوريان هوريان ۽ ذري ذري جي حالت ۾ ٿيندو آهي. ان ڪري اهو خيال غلط آهي ته هروڀرو وڏو جاکوڙي اهو آهي، جيڪو تمام وڏو مسئلو حل ڪري. ريسرچ جي حالت ۾ جاکوڙيءَ جي حالت ان ڪوليءَ جهڙي هوندي آهي، جيڪا پنهنجي وات ۾ ننڍو چانور يا ڏاري جو ڪڻو کڻي پنهنجي ٻير ۾ رکندي ويندي آهي ۽ تمام گهڻيون ڪوليون ملي آن جو ننڍڙو کوڙ يا ڍڳ گڏ ڪري وٺنديون آهن.

(٢) ريسرچ جو ڪم انفرادي گهٽ ۽ اجتماعي وڌيڪ آهي. وڏا وڏا سوال ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي ڪم سان حل نه ٿيا آهن. هن ڪم ۾ تمام گهڻا ڄاڻو ماڻهو هڪ ئي مسئلي جي ڌار ڌار پاسن تي ڪم ڪندا آهن ۽ سڄي مسئلي جو حل انهن جي گڏيل ڪوشش تي مدار رکندو آهي.

(٣) ريسرچ جي باري ۾ ڪا به ڳالهه اتفاقي نه هوندي آهي. کوليندڙ هر دريافت ۽ حاصلات کي ڪن سببن جو نتيجو سمجهندو آهي. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن ڪا ڳالهه اوچتو اميد

جي خلاف معلوم ٿي ويندي آهي ته پوءِ کولاڻو ان جا سبب معلوم ڪندو آهي ۽ ان کي پنهنجي مقصد جي لاءِ استعمال ڪندو آهي.

ريسرچ هڪ هنر آ ۽ کولاڻو جي حيثيت هڪ ماهر جهڙي آهي. کولاڻو فقط ڪنهن ماهري ۾ ماهر هوندو آهي. هن جو علم فقط هڪ انساني ماهري جي باري ۾ هوندو آهي. هن جو علم فقط هڪ اهم سوال جو هڪ حل ڏي ڪڍڻ لاءِ هوندو آهي، جنهن کي ٻيا ماڻهو آسانيءَ سان سمجهي سگهن ۽ فائدو حاصل ڪري سگهن. سٺو ماهر ۽ کولاڻو اهو آهي، جو ڏڪي باز نہ هجي. هر واقفڪار ماڻهوءَ جيان سوچ سمجهہ ڪان پوءِ اهڙي سوال تي پهچي ٿو، جنهن جي جواب ڏيڻ سان هن جو مسئلو حل ٿي وڃي ٿو.

تعليمي تحقيق جي حالت ۾ هرڪو ڪم جدا جدا ماهرن جي ڪوشش سان ڪيو ويندو آهي. هن باري ۾ ڪنهن به هڪ جاکوڙيءَ جي ڪوشش جو نتيجو ڪوبہ نہ ٿبو نڪري. چو تہ تعليمي تحقيق جو سوال انساني ذهن، چارجت، صلاحيت ۽ ان جي بنايل نصابن ۽ ڪتابن سان تعلق رکي ٿو. ظاهر آ ڪوبہ هڪ ماڻهو ايترن ماهرن ۾ مهارت حاصل ڪري ڪونہ ٿو سگهي. هن باري ۾ مواد (Data) جمع ڪرڻ ۽ ان کي وڏيڪ چنڊ ڇاڻ جو ڪم بہ اهڙو آهي جو ڪوبہ هڪ محقق، ان جو حق ادا ڪري ڪونہ ٿو سگهي. هن باري ۾ وڏيڪ ويچار ۽ لوچ لاءِ ڪي ڳالهيون اڳتي ڏجن ٿيون.

Gul Hayat Institute

تحقيق ۾ تعاون جو مقام

Place of Co-operation

اسان پڙهائي آيا آهيون ته تحقيق جو ڪم ٽڪائيندڙ سست رفتار ۽ رڪجندڙ ٿيندو آهي. هن خيال ڪان تحقيق ۾ وڏي افرادي قوت ۽ پئسو گهرجي ٿو. پر تحقيق پنهنجو سڄو قرض لاهي ٿي سگهي يا پنهنجي خرچ ڪان وڌيڪ ڪمائي ٿي سگهي.

تحقيق نوان نوان مسئلا حل ڪري هڪ وڏو علمي خزانو بنائي ٿي. هن طرح تحقيق جو مثال انهي ڪوليءَ جهڙو آهي، جيڪا ڪڻو ڪري هڪڙو ڏير ناهي ٿي.

هن طرح تحقيق هڪ تعاوني جدوجهد (Co-operative Endeavour) آهي، جنهن ۾ هڪڙو محقق فقط مشين جي هڪ پرزي جهڙو آهي. سڄي مشين ۾ تحقيقي ادارو، سربراهه پروفيسر، ڪتبخاني جو سنڀاليندڙ، واسطيدار محقق ۽ پروفيسر، اعلي تعليم جو بورڊ (Board of Higher Studies)، تحقيق جي مالي امداد ڪندڙ ادارو ۽ يونيورسٽيءَ جو اهو شعبو شامل آهن، جنهن سان مسئلي جو خاص تعلق ٿئي ٿو. سو نظر اچي ٿو ته عمل تحقيق هڪ گهڻ پاسائون، ڪشادو ۽ تعاوني (Co-operative) عمل آهي، جنهن ۾ تمام گهڻن ماڻهن ۽ ادارن جو دخل رهي ٿو. هڪ کان وڌيڪ ماڻهن جي شموليت جو فائدو هي ٿو ٿئي جو انهن مان هر هڪ مسئلي جي جدا جدا رُخن تي "حملو ڪري ٿو" يا سڀ گڏجي پنهنجا وسيلا (يعني افرادي وسيلا) ڪم آڻين ٿا ۽ نتيجن ۾ ڀائيچارو رکن ٿا. تحقيق جا وڏا وڏا ڪم گهڻو ڪري تعاون جو نتيجو آهن. جنهن ۾ وڏو وقت صرف ٿيو آهي. اهڙا وڏا ڪم ڪنهن به هڪ محقق جي ڪم جو نتيجو ٿي نه ٿا سگهن.

مونوگراف ۽ ٽرم پيپر (Manograph and Term Paper)

سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ گهڻو ڪري ٻين پاڪستاني يونيورسٽين ۾ به تحقيق جي ڪم کي جدا جدا ڏاڪن تي رکيو ويو آهي. ماسٽريءَ جي ڊگريءَ جي حالت ۾ مضمون ۽ مونوگراف لکايو ٿو وڃي. مضمون ماسٽريءَ جي ڪورس جي پوئين امتحان ۾ هڪ پيپر جي جاءِ تي لکايو ويندو آهي ۽ مونوگراف به اهڙيءَ ريت هڪ پيپر جي جاءِ تي پيش ڪيو ويندو آهي. ميڪانيت جي خيال کان مضمون ۽ مونوگراف ۾ فرق ٿئي ٿو. مضمون جو پيپر ٿئي ٿو ۽ اهڙيءَ ريت اهو امتحان ٽن ڪلاڪن ۾ ختم ڪرڻو ٿو پوي ۽ ان جي موضوع جي باري ۾ اڳواٽ ڪوبه علم ڪونه هوندو آهي. مونوگراف * جي حالت ۾ شعبي جي طرفان هڪ مسئلو مقرر ڪري شاگرد کي ڏنو ويندو آهي يا شاگرد جي پنهنجيءَ چونڊ کي خيال ۾ رکي هڪ مسئلو مقرر ڪيو ويندو آهي ۽ ان کي حل ڪرڻ جي لاءِ وقت مقرر ڪري ڏنو ويندو آهي. هن طرح مونوگراف ۾ وقت وڌيڪ ٿو ڏنو وڃي ۽ مسئلي جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جو موقعو وڌيڪ ٿو ملي. ظاهر آ ته هن حالت ۾ مونوگراف مضمون کان وڌيڪ وڏو ٿيندو آهي يا تحقيقي خيال کان بهتر ٿيندو آهي. مضمون جي حالت ۾ تحقيق جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي ڇو ته مضمون لکڻ واري وٽ امتحان جي هال ۾ افرادي وسيلن کان سواءِ ڪجهه به موجود ڪونه هوندو آهي. پر مضمون کي به تحقيقي عمل جو هڪ ڏاڪو چئي ٿو سگهجي ڇو ته ان ۾ فن تحرير جي پابندين ۽ حوالي جي گنجائش موجود هوندي آهي.

مضمون ۽ تحقيقي مقالي کان پوءِ اسان جي انتظام جي حالت ۾ انهيءَ تحقيقي ڪم جو درجو آهي، جنهن لاءِ اسان لفظ ”تحقيقي ڪتاب“ به ڪم آڻي ٿا سگهون. هن طرح اسان جي تحقيقي عمل ۾ ٽي ڏاڪا ٿين ٿا:

* مونوگراف کي سنڌيءَ ۾ اسان ”تحقيقي مقالو“ چوندا رهيا آهيون.

(١) مضمون يا مقالو
(٢) تحقيقي مقالو
(٣) تحقيقي ڪتاب

ڪن حالتن ۾ اسان وٽ ريسرچ فيلو جي پابندين ۾ به اها ڳالهه شامل آهي ته تحقيقي ڪتاب پيش ڪيو وڃي. هن حالت ۾ اهڙي ڪتاب کي اسين فيلوشپ مقالو چئون ته بهتر ٿيندو. هن حالت ۾ فيلوشپ مقالو اسان جي تحقيقي عمل جو چوٿون ڏاڪو ٿيندو.

(تحقيق جي هن عمل کي ڪاميابي سان هلائڻ لاءِ اسان وٽ تربيتي پروگرام يا تعليمي مضمون ڪونه آهي. جڳهائي اڻين ته اسان تمام جلد هڪ نصاب تيار ڪري هڪ ڪتاب لکي هڪ ڊگري ليول تي پاڙهيون. هن باري ۾ نصاب ڪميٽي مقرر ڪئي وڃي، جيڪا نصاب سان گڏ تدريس جو هڪ عملي پروگرام به تيار ڪري).

ڊگريءَ جي ليول تي اسان وٽ ڪوبه تحقيقي ڪم ڪيو ڪونه ٿو وڃي. هن سطح تي اسان صرف تدريسي ڪم ڪري رهيا آهيون. يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڊگريءَ جي سطح تي به تحقيق جو ڪم ڪيو ويندو آهي. ان ڪري آمريڪا ۾ گريجوئيٽ اسڪولن کي خاص مقام حاصل آهي. هن قسم جا اسڪول اسان جي ڪاليجن جو درجو رکن ٿا. بيسٽ (Best) لکي ٿو: ”شاگرد جو پهريون تحقيقي پروگرام اهو آهي، جيڪو هو ڪاليج ۾ پورو ڪري ٿو. هن تحقيق جو مقصد آهي ڊگريءَ جي نصاب جي هڪ حصي جي پورائي ڪرڻ يا ڪنهن مٿانهين ڊگريءَ کي حاصل ڪرڻ. هن حالت ۾ ضروري ناهي ته شاگرد کي باضابطي تحقيقي عمل ۾ شريڪ ڪيو وڃي پر اهو ضروري آهي ته شاگرد کي اهڙي عمل ۾ اڳتي هلي شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار ڪيو وڃي.“

هن طرح تحقيق جي مربوط (Unified) نظام ۾ تحقيق جون ڪل پنج منزلون مقرر ڪري ٿيون سگهجن.

Gul Hayat Institute

١- تحقيق جو ابتدائي پروگرام (هي پروگرام تربيت جي حد تائين هجي).
٢- مضمون يا مقالو
٣- تحقيقي مقالو
٤- فيلو شپ
٥- تحقيقي ڪتاب

هنن پنجن منزلن ڪي ڪاميابيءَ سان پوري ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته علم تحقيق جي تعليم کي به جدا جدا پنجن حصن ۾ ورهايو وڃي. هر حصي ۾ تحقيق جي معيار ۽ شاگرد جي صلاحيت ۽ لوڙ تعليمي نصاب جو خيال رکيو وڃي. علم تحقيق جو مضمون سائنس توڙي آرٽس جي سڀني مضمونن ۾ لازمي اختيار ڪيو وڃي ۽ علم تحقيق کي هڪ الڳ مضمون جي حيثيت ڏيڻي ان کي مهارت جي لاءِ رکيو وڃي. هن حالت ۾ ڊگري سطح تي علم تحقيق کي خاص مضمون جي حيثيت سان پاڙهي سگهجي ٿو. پر هن لاءِ ضروري آهي ته علم تحقيق جو هڪ عملي ۽ برجسته نصاب مقرر ڪيو وڃي.

هن باري ۾ هڪڙو وڏو سوال انهن مسئلن جي هڪ لسٽ جو آهي، جنهن کي ڪنهن نه ڪنهن مقرر ٿيل معياد اندر هر هڪ ڏاڪي تي پراجيڪٽن جي حيثيت سان اختيار ڪري سگهجي. مسئلن يا سوالن يا موضوعن يا پراجيڪٽن جي هيءَ لسٽ به نصابي ڪميٽيءَ جي ذميوارين ۾ شامل آهي. بهتر تحقيقي پروگرام جي ملائڻ جو دارومدار آهي:

١- بهتر تربيت
٢- بهتر رهبري
٣- بهتر نصاب
٤- نصاب جي بهتر ورڇ
٥- مسئلي جي چوند ۾ خبرداري
٦- مسئلن جي ورڇ

٧- محقق جي اخلاقي تربيت

محقق جي اخلاقي تربيت سان گڏوگڏ محقق جي رهبر پروفيسر جي ذهني بلوغت ۽ عقلي صحت جو سوال به خاصو اهم آهي. هنن ڳالهين کان سواءِ رهبر پروفيسر جي پيشيائي قابليت ۽ تحقيقي معيار کي به درگذر ڪري نه ٿو سگهجي. پر جڏهن محقق شاگرد پاڻ تربيت يافته آهي ته پوءِ رهبر پروفيسر جو ڪم ڪافي گهٽ ٿي سگهي ٿو.

مسئلي جي چونڊ جا بنياد

اسان اڳيئي مسئلي جي چونڊ جي باري ۾ ڪن عام ڳالهين جو ذڪر ڪري چڪا آهيون. هت اسان انهيءَ ڳالهه تي ويچار ڪنداسون ته مسئلي جي چونڊ ڪهڙين ڳالهين تي آهي. هي ڳالهيون اسان هيٺ ڏيون ٿا:

رهبر استاد جو پيشيائي تجربو

رهبر استاد پنهنجي تعليم ۽ تحقيق جي ڪم يا پنهنجيءَ تعليم ۽ تربيت جي دور ۾ ڪيترن ئي مسئلن کان واقف ٿئي ٿو، جيڪي هو پاڻ هڪدم حل ڪري نه ٿو سگهي، پر هو انهن جي باري ۾ هڪ رايو قائم ڪري ٿو يا انهن کي هڪ هنڌ نوٽ ڪري ٿو ڇڏي. هن حالت ۾ جڏهن محقق شاگرد سندس رهنمائيءَ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ٿو ڪري ته هو چاهي ٿو ته انهن مسئلن مان ڪو به هڪ هن جي نظر هيٺ حل ڪيو وڃي. هن مسئلي جي چونڊ جو هڪ بنياد مقرر ٿئي ٿو.

Gul Hayat Institute

ٽيڪنيڪي ۽ سماجي تبديليون
(Social and Technical changes)

هر دور ۾ ڪي ٽيڪنيڪي ۽ ڪي سماجي تبديليون رونما ٿين ٿيون. پاڪستان ۾ ١٩٥٨ع کان پوءِ اهو سوال سامهون آيو ته لائق ۽ قابل اليڪٽورل ڪاليج ڪيئن قائم ڪجي. يعني جمهوريت جي عمل (جمهوري عمل) کي تيز ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ ووٽر جي تربيت جو پروگرام ڪهڙو رکيو وڃي. هن باري ۾ بنيادي جمهوريت جي نظريي کي هڪ تربيتي پروگرام طور اختيار ڪيو ويو هو. اهڙيءَ ريت هر دور جا ڪي اهم سوال هوندا آهن ۽ ڪي وڏا چئلنج هوندا آهن ۽ انهن جو جواب تعليمي ادارن کي ئي ڏيڻو پوندو آهي.

تعليمي تجربو (Graduate Academic Experience)

شاگرد پنهنجي تعليم واري دور ۾ سيمينارن، پئنل، مباحثن ۽ ليڪچرن ۾ شرڪت ڪري ٿو. شرڪت جي وقت ۾ هو ڪي سوال ڏاهي ٿو ۽ انهن کي نوٽ ڪندو ٿو وڃي. انهن مان ڪي سوال وڏو وقت ۽ گهڻي مئاڪٽ گهرڻ وارا هوندا آهن. اهڙن ئي سوالن کي شاگرد تحقيق جي عمل لاءِ اختيار ڪري ٿو.

صلاح مشورو

عام طور تي مسئلي جو موضوع استاد، پروفيسرن يا وڏيڪ سينئر پروفيسر جي صلاح سان چونڊيو ويندو آهي. هن حالت ۾ صلاح ڏيڻ واري پروفيسر جي تعليمي قابليت کان سواءِ ان جسي صلاح جي طريقي جي به وڏي اهميت آهي. جڳائي ائين ته مسئلن پڌائڻ جي بجاءِ شاگردن جو ذهن صاف ڪيو وڃي. هن جي اڳيان

سوچڻ جي لاءِ ڪي سوال رکيا وڃن ۽ انهن ڳالهين ۾ شاگرد جي صلاحيت، ذهن، تعليم ۽ تربيت جو لحاظ رکيو وڃي.

مسئلي جي چنڊ ڇاڻ

هيٺ اسان وڌيڪ غور جي لاءِ مسئلي جي چنڊ ڇاڻ جا ڪي نقطا ڏيون ٿا:

١- مسئلو اهڙو هجي، جنهن کي تحقيق جي تعليم رستي اثرائتي نموني ۾ حل ڪري سگهجي.

٢- مسئلو ڪا نه ڪا اهڙي اهميت رکندو هجي جو ان کي حل ڪرڻ ضروري ٿي پيو هجي.

٣- مسئلو اهڙو هجي، جو ان تي اڳ ۾ ڪنهن به محقق ڪم نه ڪيو هجي.

٤- مسئلو اهڙو هجي، جنهن کي عملي طور تي شاگرد حل ڪري سگهي- يعني جنهن جي حل ڪرڻ لاءِ شاگرد وٽ تعليم، افرادي وسيلا، وقت، مالي وسيلا ۽ صبر ڪرڻ جي طاقت موجود هجي.

Gul Hayat Institute

تحقيق جي ڪم جي سٽاءَ
(The Agenda or Research Proposal)

سٽاءَ جي باري ۾ اهو خيال درست نه آهي ته مقرر ڪيل سوال سڀ حل ڪري سگهبا يا هرهڪ تي هڪ ياڳو لکي سگهبو يا هرهڪ جي لاءِ ضروري ڏيٺا ۽ وسيلا موجود ٿي سگهندا. سٽاءَ فقط انهيءَ خيال سان تيار ڪري سگهجي ٿي ته ڪم شروع ڪرڻ لاءِ هڪ رخ مقرر ٿي سگهي. عام طور تي ڏٺو ويو آهي ته مڪمل مسودو بنيادي سٽاءَ کان ڪي قدر مختلف ٿئي ٿو. اصل تجربو ڪم ڪندي حاصل ٿئي ٿو. ڪي موضوع ڇڏي ڏيڻا پون ٿا ۽

ڪي ڪهڙيءَ طرح مقرر ڪرڻا ٿا پون. سٽاءَ جي باري ۾ وڏو سوال وسيلن جي موجود هئڻ جو آهي. بهترين سٽاءَ آهي آهي، جنهن جي تيار ڪرڻ لاءِ حقيقت پسنديءَ کان ڪم ورتو وڃي. يعني انهيءَ ڳالهه جو خيال رکيو وڃي ته رهبر استاد ۽ محقق شاگرد هن باري ۾ ضروري صلاحيت رکن ٿا يا نه، ۽ وٽن ضروري وسيلا موجود ٿي سگهن ٿا يا نه ـــ فقط آها ئي يونيورسٽي تحقيق جي ڪم کي بهتر طريقي سان هلائيندي، جنهن وٽ بهتر استاد ۽ بهتر وسيلا موجود هوندا.

(هن باري ۾ هن خيال کان پاڪستان جي يونيورسٽين جو هڪ جائزو پيش ڪري، اهو ثابت ڪري ٿو سگهجي ته اسان جي ملڪ ۾ تحقيق جي صلاحيت ڪيتري آهي).

پر تنهن هوندي به اسان هيٺ سٽاءَ جي تيار ڪرڻ لاءِ ڪي مشورا ڏيئي رهيا آهيون.

٣- سڄي سوال کي اهڙي ريت لکجي، جو ان جا جدا جدا حصا ڪري سگهجن. مثال طور ”خيرپور جي ميرن جي دور جي ادبي، ثقافتي ۽ سياسي تاريخ“ جي موضوع تي ويچار ڪبو ته معلوم ٿيندو ته هن موضوع کي جدا جدا حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. مثال طور:

١- خيرپور ضلعو ــ هڪ جاگرافيائي اڀياس
٢- خيرپور جا ٽالپر
٣- خيرپور جي ٽالپرن جو دور
٤- ان دور ۾ ادب جي ترقي
٥- ان دور جي ثقافت جي حالت
٦- ان دور ۾ سياست جا رجحان ۽ ملڪ جي سياسي حالت.

هن طرح ڇهن وڏن نقطن کي لکڻ کان پوءِ هرهڪ نقطي تي ڪم شروع ڪرڻ لاءِ وسيلن جي هڪ لسٽ تيار ڪرڻ گهرجي. ان لسٽ کان پوءِ هر هڪ نقطي جي باري ۾ هڪ مفروضو مقرر ڪيو وڃي. مثال طور پهرئين نقطي جي باري ۾ اهو مفروضو مقرر ٿي سگهي ٿو ته ”ڇا جاگرافيائي خيال کان خيرپور جو ضلعو هڪ

الڳ ادبي، ثقافتي ۽ سياسي يونٽ هئو؟" يا ”ڇا ميرن جي صاحبي ۾ خيرپور جي ضلعي جي هڪ الڳ ادبي، ثقافتي ۽ سياسي حيثيت هئي؟ يا اهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن، جن جي ڪري چئي سگهجي ٿو ته ادبي، ثقافتي ۽ سياسي حيثيت سان ميرن جي دور ۾ خيرپور ضلعي کي هڪ نرالي (Distinctive) حيثيت حاصل هئي. اهڙي ريت هر نقطي لاءِ تحريري طور تي هڪ مفروضو مقرر ڪرڻ تمام ضروري آهي. هي مفروضو سوال جي شڪل ۾ به لکي سگهجي ٿو. جيئن اسان مٿي لکيو آهي. پر هي مفروضو، مفروضي جي زبان ۾ به لکي سگهجي ٿو. مثال طور: خيرپور جي ميرن ادب جي ترقيءَ لاءِ وڏو ڪم ڪيو. يا خيرپور جي ميرن ادب جي باري ۾ ڪو نمايان ڪم ڪونه ڪيو.

هن طرح هرهڪ نقطي جي باري ۾ مفروضن يا مفروضي مقرر ڪرڻ کان پوءِ وري هڪ دفعو وسيلن جو جائزو وٺڻ گهرجي ۽ جڏهن اطمينان ٿئي ته هر مفروضي جي حل جي لاءِ موزون ۽ ضروري وسيلا موجود آهن، تڏهن پڙهڻ ۽ نوٽ وٺڻ ۽ هن حالت ۾ بنيادي وسيلن جي تلاش جو ڪم شروع ڪرڻ گهرجي.

ڏٺو ويندو ته سٽاءَ جي تياري لاءِ هيٺ ڏنل مرحلا ضروري آهن:-

١- مسئلي جي تحريري صورت.

٢- مسئلي جي تحريري صورت جي آڌار تي ان جا جدا جدا ڀاڱا ڪرڻ.

٣- هرهڪ ڀاڱي يا نقطي جي باري ۾ مفروضو يا مفروضا مقرر ڪرڻ.

سڀ سٽاءَ اُها آهي، جا صاف، سڌي سنئين، وسيلن آهر تيار ڪيل ۽ موزون مفروضن ۾ ورهايل آهي.

ٽائيم چارٽ (Time Chart)

ڪي پروفيسر يا تعليمي ادارا هرهڪ تحقيق جي ڪم جي

Gul Hayat Institute

بـاري ۾ هڪ ٽائيم چارٽ بنائڻ ضروري ٿا سمجهن. ٽائيم چارٽ سڀئي جي تيار ڪرڻ کان پوءِ بنائي ٿو سگهجي. ٽائيم چارٽ ۾ اول تحقيقي ڪم جي سڄي وقت جو تعين ڪيو ويندو آهي. ان کان پوءِ ڪم جي هرهڪ حصي جي لاءِ وقت مقرر ڪيو ويندو آهـي ۽ هن طرح اهو ڏيکاريو ويندو آهي ته سڄو ڪم، جيڪو سڀئي ۾ ٿي شامل ڪيو ويندو آهـي. پر ڪن حالتن ۾ ٽائيم چارٽ جـدا ناهيو ۽ رکيو ويندو آهي ۽ ان جي هڪ ڪاپي تعليمي اداري يا شعبي وٽ، هڪ پـروفيسر رهبر وٽ ۽ هڪ شـاگرد وٽ رهندي آهـي. هن طرح ڪم جـي تياريءَ جي مرحلن جـي تپاس ڪري سگهبي آهي.

واڌاري جي رپورٽ (Progress Report)

عام طور تي شاگرد محقق، استاد پروفيسرن کـي هرهڪ سيمسٽر کان پوءِ رپورٽ پيش ڪندو آهـي ته ڪم ڪهڙي منزل تي پهتو آهي. ان حالت ۾ رهبر پروفيسر شعبي کي يا اداري کي ساڳي رپورٽ پاڻ پيش ڪندو آهي. هن طرح محقق جي لاءِ مرحلي-وار ڪم کي اڳتي وڌائڻ ۽ مقرر وقت اندر ڪم پوري ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. واڌاري جي رپورٽ ۾ ڪن حالتن ۾ انهن جي مسئلن ۽ مونجهارن جو ذڪر به ڪري ٿو سگهجي، جيڪي ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪيون ٿيون وڃن. هن طرح ڪم جي طريقن کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي.

گڏيل تحقيقي پروگرام (A Joint Research Programme)

گڏيل تحقيقي پروگرام اهو پروگرام آهي، جنهن ۾ ڪنهن به هڪ مسئلي جي جدا جدا پاسن تي هڪ کان وڌيڪ محقق شاگرد ڪم ڪن. هن حالت ۾ سڀئي مفروضا ساڳيءَ ريت تيار ڪيا،

جنهن ريت وڏي تحقيق جي حالت ۾ ڪيا ويندا. پر جدا جدا مفروضن تي ڪم ڪرڻ لاءِ جدا جدا شاگرد رکيا ويندا. گڏيل تحقيق جو پروگرام هڪ ئي شعبي ۾ جدا جدا استادن جي مدد سان هلايو ويندو آهي. ٽائيم چارٽ ۽ واڌاري جي رپورٽ هن حالت ۾ آڻڻ کپي. گڏيل تحقيقي پروگرام جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

١- سنڌي ادب جي تاريخ

هن حالت ۾ ڏنو ويندو ته هڪ کان وڌيڪ پروفيسرن ۽ محققن جي ضرورت پوندي ڇو ته سڄو موضوع ايترو گهڻو آهي جو اهو ضروري آهي ته ان کي ورهائجي. ورهاڱي جي حالت ۾ هن پروگرام جا جدا جدا حصا (Aspects) هيٺينءَ ريت ٿين ٿا:

١- ادب

٢- تنقيد

٣- ادبي تاريخ

هن خيال کان هن پروگرام تي گهٽ ۾ گهٽ ٽي پروفيسر يعني ادب جو، تنقيد ۽ ادبي تاريخ جو پروفيسر ڪم ڪري سگهن ٿا. پر جي اڃان به وڌو پروگرام تيار ڪبو ته هنن ٽن کان سواءِ شاعري (Poetry)، مضمون نويسي، تاريخ، ثقافت ۽ ڪلچر، فن

Gul Hayat Institute

نوٽ: سناءِ، ٽائيم چارٽ ۽ واڌاري جي رپورٽ جا فارم اسان هن ڪتاب جي پوين ڏئي رهيا آهيون.

تحرير، سنڌ الاجي ۽ ٻوليءَ يا سنڌي ٻوليءَ جا پروفيسر وڌيڪ شامل ٿيندا.

هن حالت ۾ پروگرام جو هلائڻ هڪ ٽيڪنيڪي مسئلو آهي ڇهڙي پروگرام جو هلائڻ (Arrangement) هڪ اهڙو مسئلو آهي، جنهن کي فقط اهو استاد يا پروفيسر منهن ڏيئي سگهندو، جيڪو ادبي تاريخ جي گهڻو ڪري سڀني مسئلن کان واقف هوندو. هن حالت ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ (Co - ordination) جو هڪ جدا پروگرام تيار ٿيندو. گڏيل تحقيق جو هي پروگرام سڀني شعبن جو

گڏيل (Inter-Departmental) پروگرام آهي، جيڪو هڪ شعبي جا جدا جدا پروفيسر گڏ پورو ڪن ٿا. پر هي پروگرام ڊپارٽمينٽ جي صدر جي نظرداري هيٺ يا ڪنهن به هڪ پروفيسر جي نظرداري هيٺ جدا جدا شاگرد به پورو ڪري سگهن ٿا. هن قسم جا تحقيقي پروگرام ڪن حالتن ۾ هڪ بورڊ جي معرفت هلايا ويندا آهن. ان بورڊ کي اهڙيءَ ريت تيار ڪيو ويندو آهي، جو ان ۾ جدا جدا شعبن ۾ مهارت رکڻ وارن ماڻهن کي شامل ڪيو ويندو آهي.

ڪتب خاني کي استعمال ڪرڻ جي تربيت

علم تحقيق جي نصابي پروگرام ۾ انهيءَ ڳالهه کي شامل ڪرڻ گهرجي ته شاگردن کي ڪتب خاني جي استعمال جي تربيت ڏني وڃي. يونيورسٽين جي ڪتب خانن ۾ اڪيچار ڪتاب ٿين ٿا ۽ رکيو هڪ برانچ ۾ يا سيڪشن جا ڪتاب به ايترا ٿين ٿا جو هڪ شاگرد کي پنهنجي ضرورت جو ڪتاب ڳولهي لهڻ وڏو مشڪل ڪم آهي. هن مسئلي جي حل جي لاءِ عملي قدم به کنيا وڃن. عام طور تي هر هڪ شعبي جي هڪ سيمينار لئبرري ٿئي ٿي، جنهن ۾ شعبي سان واسطو رکڻ وارا اهم ڪتاب رکيا ويندا آهن.

Gul Hayat Institute

هن باري ۾ هڪ طريقو اهو به ٿي سگهي ٿو ته هر هڪ شعبي وٽ پنهنجي شعبي جو ڪئٽالاگ به موجود هئڻ گهرجي، جيئن واسطيدار پروفيسر کي اهو معلوم هجي ته سنڌس لئبرري کان سواءِ هن شعبي جي لاءِ يونيورسٽيءَ جي وڏي لئبرري ۾ ٻيا ڪهڙا ڪتاب رکيا ويا آهن. هن حالت ۾ شاگرد محقق سيمينار لئبرري، ان لئبرريءَ جي هلائڻ واري پروفيسر جي مدد حاصل ڪري سگهي ٿو. پر اصل ۾ هن قسم جو بندوبست سڄي مسئلي جو حل پيش نه ٿو ڪري.

سچي مسئلي جو حل هن ڳالهه ۾ آهي ته شاگردن کي ڪتب خانو استعمال ڪرڻ جي تربيت ڏني وڃي. هن تربيتي پروگرام ۾ شاگرد کي جن ڳالهين جي واقفيت ڏيڻ گهرجي، سي هيٺ آنجن ٿيون:

۱- يونيورسٽيءَ جي ڪتب خاني جي اسٽاف سان واقفيت.
۲- يونيورسٽيءَ جي ڪتابن جي بندوبست جو سرشتو.

Gul Hayat Institute

علم تحقيق ۽ ان جون منزلون

The Process

’هل وي‘ پنهنجي ڪتاب ۾ تحقيق جي عمل جي منزلن ۽ مرحلن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: ”تحقيق جي هڪڙي وڏي اداري جي طرفان پنهنجن ماڻهن جي لاءِ تحقيق جا هيٺيان مرحلا مقرر ڪيا ويا آهن:

١- مسئلي يا موضوع جي مقرري.
٢- مسئلي سان واسطو رکندڙ ضروري حقيقتن کي گڏ ڪرڻ.
٣- عارضي طور تي ڪن مفروضن جو مقرر ڪرڻ.
٤- انهن مفروضن جي وڌيڪ جنڊ ڇاڻ.
٥- آخري طور تي وڌيڪ صحتمند مفروضي جي مقرري ۽ آخري طور تي حل جو ڳولي لهڻ.

اهي ٻي آهي مرحلا آهن، جيڪي اڄڪلهه عام طور تي تحقيق جي عمل ۾ اختيار ڪيا وڃن ٿا.“

اسان مٿي انهن مرحلن ڏانهن اشارو ڪرڻ کان سواءِ سائنسي طريقي جو اڀياس ڪيو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته هي مرحلا انهيءَ ئي سائنسي طريقي جا مرحلا آهن. سائنسي طريقي ۾ پهريون خيال اهو ڏيکاريو ويو آهي ته احساس جي جاءِ ڪهڙي مقرر ڪجي.

آخري فيصلو هن باري ۾ اهو ڪيو ويو آهي ته احساس جي وسيلي حاصل ڪيل حقيقتن کي وري به استدلال ۽ منطقي طريقن جي مدد سان پرکي ڏسجي.

سائنسي طريقي جي ٻي خصوصيت اها ٻڌائي وئي آهي ته ان طريقي ۾ ڪنهن به سند (Authority) کي مڃڻ جو ڪيستائين ڪو جواز پيدا ڪونه ٿو ٿئي، جيستائين محقق ان جي سڌريل

حقيقتن کي پاڻ درست نہ ٿو ثابت ڪري. هن طرح تحقيق جي ڪنهن بہ ارادي ۾ وڏي ۾ وڏي اهميت محقق جي انهيءَ عقلي راهہ جي آهي، جيڪا شاهدين (Evidences) جي بنياد تي قائم ڪئي ويئي آهي.

هن باري ۾ مشهور محقق گئليلو جو مثال ڪافي آهي. گئليلو کان اڳ ۾ عام خيال اهو هئو تہ ”ڳوريون شيون هلڪين شين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تڪڙيون ڪرنديون“ پر گئليلو ان وقت تائين انهيءَ راهہ تي ڀروسو نہ ڪيو، جنهن وقت تائين هن (Pisa) جي مناري تان ڳوريون ۽ هلڪيون شيون پاڻ ڪيرائي نہ ڏٺيون.

گئليلو جي هن طريقي کي جيڪا ٽين خصوصيت ملي آها اها هئي تہ منطقي توڙي مستند وسيلن جي مدد سان مليل حقيقتن کي بہ وري توري، تڪي ڏسجي ۽ انهن جي غلط ۽ برابر هئڻ جي باري ۾ ڪو نہ ڪو فيصلو ڪجي.

سائنسي طريقي جي چوٿين خصوصيت جي باب ۾ چيو ويو آهي تہ دليل جيڪو بہ ڏنو وڃي اهو منطقي اصولن تي هئڻ گهرجي. ”منطق کي استدلال جي ٻولي ڪوٺيو ويو آهي.“

هن طرح سائنسي طريقي جون خصوصيتون اسان هيٺ هڪ هنڌ ڏئي رهيا آهيون:

۱- وجداني طريقا ان وقت تائين اهميت نہ ٿا رکن، جنهن وقت تائين انهن جي دريافتن کي عقل ۽ استدلال جي تائيد حاصل نہ آهي.

۲- سند کي اکيون ٻوٽي قبول نہ ڪيو وڃي.

۳- منطقي طريقن سان اڳي مقرر ڪيل حقيقتن کي بہ وري جانچي ڏسجي. (گئليلو جو مثال)

۴- استدلال جي لاءِ منطق جا طريقا ڪم آندا وڃن.

هن کان اڳتي اسان سائنسي طريقي ۽ ان جي مرحلن تي وڌيڪ بحث ڪنداسون.

Gul Hayat Institute

(١) مسئلو سوال يا موضوع.

سڀ کان اڳي محقق کي پنهنجيءَ معلومات يعني:
الف ـ تجربي
ب ـ مشاهدي
ج ـ عقل جي آڌار تي اهو فيصلو ڪرڻو آهي ته سنڌس سماج ۾ يا سنڌس علمي دنيا ۾ يا سنڌس دور ۾ اهو ڪهڙو مسئلو يا علمي سوال آهي، جنهن کي هو پاڻ حل ڪري ته سگهي يا جنهن جي حل ڪرڻ جي ضرورت عام طور تي محسوس ڪئي ٿي وڃي يا جنهن جي حل ڪرڻ سان ڪچو نه ڪو مسئلو حل ٿي ويندو يا جنهن جي حل ڪرڻ سان عام طور تي پين ماڻهن جي انفرادي قوت به بهتر ٿي سگهندي ۽ جنهن مان وڌيڪ تحقيق جا موقعا ملي سگهندا.

(هن قسم جي سوچ کي خيال ۾ رکبو ته معلوم ٿيندو ته سنڌي ٻوليءَ، ادب، شاعريءَ، سماج ۽ تاريخ جا اڄ سوڏا ڪيترا مسئلا اهڙا آهن، جن جي پنهنجي اهميت تي اسان ڪونه سوچيو آهي).

هن مرحلي تي تعليمي ۽ تحقيقي ادارا يا انهن جا سربراهه يا ڊپارٽمينٽس جا سربراهه محقق شاگرد جي مدد ڪري ٿا سگهن پر اصل سوال اهو آهي ته خود تحقيق ڪرڻ وارو به اهو يقين رکندو هجي ته هن جي سامهون آيل سوال يا مرحلو واقعي حل ڪرڻ جهڙو آهي ۽ ان جي حل ڪرڻ سان علمي طور تي ڪو نه ڪو فائدو ٿيندو. مسئلي جي چونڊ لاءِ وڌيڪ جن ڳالهين جي ضرورت پوي ٿي، اسان انهن کي هيٺ ڏيکاري رهيا آهيون:

١ ـ مسئلا جيڪي انسان اڳيان موجود آهن، انهن مان هرهڪ جا ڪيترا ئي پهلو آهن ۽ هر پهلو کي سمجهڻ لاءِ هڪ جدا تعليم ۽ جدا تربيت جي ضرورت پوي ٿي. ان ڪري ضروري آهي ته مسئلي جي چونڊ جي وقت مسئلي جي جدا جدا ڀاڱن **(Parts)** جو اونهو

ايپاس ڪيو وڃي. اهڙي سوچ جي نتيجي ۾ اهو معلوم ٿي ويندو ته مسئلي جو اهو ڪهڙو پاڱو آهي، جيڪو محقق پنهنجي تحقيق جي لاءِ رکي سگهي ٿو. ظاهر آ ته هي مسئلو آهو ئي هوندو جنهن جي باري ۾ تحقيق ڪرڻ جي تربيت ۽ تعليم محقق حاصل ڪري چڪو هوندو.

٢- ٻيو سوال جيڪو مسئلي جي چونڊ وقت اڳيان رکڻو آهي آهو اهو آهي ته گهربل وسيلا مهيا ٿي سگهندا يا نه. هيءَ دنيا وسيلن جي دنيا آهي. انهن وسيلن مان اهم وسيلا آهن:

لائق استاد (Able Guide)

ڪتاب (Book)

پئسو (Money)

اوزار (Apparatus)

خيالن جي ڏي وٺ جا ذريعا، ته جيئن محقق پنهنجي مسئلي جي باري ۾ ٻين محققن سان صلاحون ڪري سگهي.

مسئلي جي چونڊ جي باري ۾ اڳ ڪي وڌيڪ ڳالهيون اسان هيٺ ڏئي رهيا آهيون:

(١) موزون تربيت ۽ تعليم

(٢) تحقيق جي علم کان واقفيت

(٣) شوق ۽ جذبي جي تقاضائن کان واقفيت ۽ انهن جي دخل کان پاسو ڪرڻ.

جيڪي ماڻهو ريسرچ چاهن ٿا، انهن کي خبر آهي ته تحقيق جو ڪم وڏي صبر وارو، ڏکيو، منجهائيندڙ ۽ وڏي وقت وٺڻ وارو ٿئي ٿو. تنهن کان سواءِ اُن جو سڄو دارومدار اوزارن ۽ طريقن سان آهي. ان ڪري ضروري آهي ته ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ تحقيق جي طريقن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪجي.

حقيقتن کي رڪارڊ تي آڻڻ (Data)

معلوم حقيقتون اهي حقيقتون آهن، جيڪي مسئلي سان واسطو

Gul Hayat Institute

رکن ٿيون ۽ مسئلي جي حل ڪرڻ ۾ مدد ڏيئن ٿيون. جيڪڏهن هنن حقيقتن مان ڪا به ويچار هيٺ نه رکي وئي ته ٿي سگهي ٿو ته مسئلي جو حل ملي نه سگهي يا ان جي حل ڪرڻ ۾ دشواريون پيش اچن.

مفروضو (Hypothesis)

معلوم حقيقتن کي رڪارڊ تي آڻڻ کان پوءِ جڏهن انهن تي غور ڪجي ٿو تڏهن مسئلي جا ڪي "ممڪن حل" (Possible Solutions) سامهون اچن ٿا. هي سيئي حل درست ٿي نه ٿا سگهن ۽ ائين به ٿي سگهي ٿو ته هنن سيني مان ڪو به درست نه هجي. مفروضي مقرر ڪرڻ جو هڪڙو فائدو اهو ٿئي ٿو ته شاهدين هٿ ڪرڻ جي راهه کلي ٿي پوي.

آخري حل (Conclusion)

جڏهن شاهدين جي آڌار تي مفروضن جي چند ڇاڻ ڪجي ٿي، تڏهن ڪنهن نه ڪنهن مفروضي کي آخري طور تي قبول ڪجي ٿو. يا ٻنهي، ٽنهين مفروضي جي ضرورت پيش اچي ٿي. ٽئين مفروضي جي حالت ۾ وري ساڳيءَ ريت مفروضي مجڻ يا ڇڏي ڇڏڻ جو مرحلو پار ڪرڻو پوي ٿو ۽ آخرڪار آخري حل تي پهچي وڃجي ٿو.

Gul Hayat Institute

تحقيق جي علم جي اخلاقيات (ETHICS)

مٿي اسان اشاري طور تحقيق جي راهه ۾ پيش ايندڙ دشوارين جو ذڪر ڪيو آهي. محقق هڪ ڪاهوڙي آهي، جيڪو سڄي عمر ٿڙندو ۽ ٿاپڙندو، شڪستون ۽ ڪاميابيون ڏسندو وڃندو رهي ٿو. اهڙي قسم جي زندگيءَ جي ڪاميابيءَ لاءِ هڪ تربيتي، تعليمي ۽ اخلاقي نظام گهرجي. تربيت کان سواءِ تحقيق ڪرڻ وارو بي-ثمري مسافر جهڙو آهي، جنهن جا هڏا پڻ تي لڏا ويندا آهن. تحقيق جي دشوارين کي خيال ۾ رکي، اسان محقق جي لاءِ هڪ اخلاقي نظام ڏاهي ۽ هلائي سگهون ٿا. اهڙي قسم جي اخلاقي نظام جا ڪي پهلو اسان هيٺ ڏيون ٿا:

١- ذهني طور تي محقق کي حقيقت پسند هئڻ گهرجي. ان ڪري محقق جي اخلاقي تعليم ۾ سوچ جا سائنسي طريقا موجود هئڻ گهرجن ته جيئن تحقيق اجاين پرمن ۽ پرمن سان جڪڙيل نظامن جي خلاف محاذ قائم ڪري سگهجي.

٢- محقق جي لاءِ ضروري آهي ته ان ۾ محنت ۽ پورهئي جو جذبو هجي. هن ڳالهه کي قائم رکڻ لاءِ اسان جي تحقيقي ادارن ۾ انتظام کي سڌارڻ گهرجي. ڪم جا موقعا موجود ڪري ڏنا وڃن ۽ سڌريل رهبري به مهيا ڪئي وڃي.

٣- محقق جي لاءِ ضروري آهي ته اهو صبر (Patience) وارو هجي. هن ڳالهه کي خيال ۾ رکي، محقق کي هڪڙو تربيتي نظام موجود ڪري ڏجي جو هو پاڻ ۾ هڪڙي سٺي رانديگر (Sports Man) جو جذبو پيدا ڪري سگهي. محقق کي آرام ۽ عيش وارين وندر کان پاسي رکجي. هن طرح ادارن جي لاءِ اهو به ضروري آهي ته ڏسن ته محقق ڪهڙا ڪتاب پڙهي ٿو ۽ ڪهڙا

شغل اختيار ڪري ٿو.

٤- محقق جي لاءِ ضروري آهي ته هو عام انساني مسئلن ڪان واقفيت رکڻ سان گڏ انسان دوستيءَ جو جذبو به رکندو هجي ڇو ته تحقيق ڪئي ئي انهيءَ لاءِ ٿي وڃي ته ان مان انسان ذات کي فائدو پهچي. هن طرح محقق جي تربيتي نظام ۾ اخلاقيات سان گڏوگڏ انسان جي سماجي، معاشي ۽ معاشرتي مسئلن جو نصاب به شامل هئڻ گهرجي.

٥- محقق جو ماهرو هڪڙي ماهر (Expert) جو ماهرو آهي ان ڪري محقق جي وڏي ۾ وڏي خوبي آهي ان جي مهارت جو اعليٰ معيار. هر ڪو پڙهيل ماڻهو ماهر ڪونه ٿو ٿئي. تمام ٿورڙا پڙهيل ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن ماهري ۾ ماهر ليکبا آهن. محقق جي مهارت جو دارومدار ان جي هيٺين ڳالهين تي آهي:

١. علم تحقيق ڪان واقفيت.

٢. پنهنجي مضمون ۾ وڏي چاڻ.

٣. صبر ۽ سڪون سان لاڳيتي ڪم ڪرڻ جي عادت.

٦- محقق جي سوچ ۽ عام پڙهيل ماڻهوءَ جي سوچ ۾ فرق هوندو آهي تحقيق جو هڪ ضابطو هوندو آهي ۽ ان جي تحرير جي صورت ان ضابطي کي ظاهر ڪندي آهي. سوچڻ جي هن طريقي کي پيدا ڪرڻ لاءِ به تربيتي نظامن کان مدد وٺي ٿي سگهجي. هن باري ۾ منطق جي تعليم اسان جي مدد ڪري ٿي. منطق جي ابياس ڪرڻ سان انسان جي سوچ جو هڪ نظام ٺهي ٿو. رياضي، قانون ۽ ٻيا اهڙا علم به سوچ جي سڌارڻ ۾ مدد ڏين ٿا ۽ سوچ جي سڌارڻ جو ڪم ڪن ٿا.

هن طرح اسان هڪ محقق جي تربيتي نظام جي لاءِ ڇهن نقطن وارو هڪ تربيتي نظام ۽ نصاب تيار ڪري ٿا سگهون. انهن ڇهن نقطن کي اسان هيٺ وري لکي رهيا آهيون:

(١) حقيقت پسندي

(٢) محنت ۽ پورهيو
(٣) صبر ۽ سڪون
(٤) مسئلن ڪان واقفيت
(٥) پيشوائي مهارت
(٦) ضابطي واري سوچ

معلوم ٿئي ٿو ته هنن ڇهن ڳالهين کي خيال ۾ رکي اسان هڪ اهڙو ادارو قائم ڪري ٿا سگهون، جيڪو اسان جي بهتر مستقبل جي لاءِ محققن جي هڪ ٽيم کي تيار ڪري. هن اداري جي قيام جو خيال خواب جهڙو نه آهي. هن اداري جو تصور هڪ حقيقت آهي ۽ اسان کي اميد آهي ته هي ۽ حقيقت هڪ ڏينهن ثابت ٿي وينديءَ.*

علم تحقيق ۾ ثبوت (Proof or Evidence)

محقق کي هڪ تربيت ورتل پوليس جي آفيسر سان ڀيٽيو ويو آهي. اهڙي پوليس آفيسر جا فرض ٻه ٽي آهن ته:

١- ڏوهين کي هٿ ڪرڻ يعني ثبوتن، شاهدين ۽ عقلي وسيلن جي وسيلي ڏوهن جي جاچ ڪري ڏوهين کي پڪڙڻ.

٢- ڏوهين کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ يعني عدالتي امور کان واقفيت جي بنياد تي ڪيس تيار ڪرڻ ۽ ڏوهين کي عدالت

---

* جيڪڏهن اسان مان ڪو به هن اداري جي قيام ۽ هن تربيت جي نظام جي نصاب ۾ دلچسپي رکي ٿو ته ان جو فرض آهي ته تحقيق جي هنن سوالن کي سامهون رکي هو هن نصاب جو ڪم هٿ ۾ کڻي. نصاب جو ڪم تعليمي ۽ تربيتي ڪم آهي.

هن باري ۾ نفسيات جا ڪي مضمون، منطق جا ڪي مضمون، راند ڙوند جا پروگرام، عام واقفيت جا پروگرام، علم تحقيق جو نصاب ۽ عمراني علوم جو هڪ پروگرام ڪافي ٿيندو.

Gul Hayat Institute

جي حوالي ڪرڻ. محقق ۽ پوليس آفيسر جي فرضن ۽ طريقن کي سمجهائڻ لاءِ هڪ وي! پنهنجي ڪتاب ۾ محقق ۽ پوليس آفيسر جي باري ۾ هڪڙو مثال پيش ڪيو آهي. هي مثال هيٺ ڏيکاريل ڪيس ۾ جاڻائي رهيا آهيون.

(١) صورتحال جو مشاهدو:

هڪ پوليس آفيسرن ڏٺو ته هڪ بي گاڏي تمام وڏي رفتار سان هڪ گهٽيءَ کان ڊوڙڪندي اڳتي وڃي رهي هئي ۽ آخر ٿابڙجي پٿرن سان ٽڪر کائيندي اونڌي ٿي پيئي.

(٢) مسئلي جي چونڊ:

پوليس آفيسرن جي فرض ۾ اها ڳالهه هئي ته هو تيز رفتاريءَ کي روڪن ۽ حادثن جا سبب معلوم ڪن. ان ڪري هن پنهنجي لاءِ اهو مسئلو مقرر ڪيو ته آخر گاڏي ايتري رفتار سان ڇو هلي رهي هئي.

صورتحال جو وڌيڪ احساس ته جيئن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪي مفروضا مقرر ڪجن.

پوليس آفيسر ڏٺو ته:

١- گاڏيءَ جي انجڻ اڃا هلي رهي هئي.

٢- گاڏيءَ جا ڦيٿا ڦري رهيا هئا.

٣- گاڏيءَ جي اندر عورت جو لاش پيو هو.

٤- لاش جي پيشانيءَ تي تمام گهڻا زخم هئا.

پوليس آفيسرن هڪدم اهو مفروضو رد ڪري ڇڏيو ته هي ڪيس آمدرفت جو ڪيس هئو ڇو ته شاهديون انهيءَ مفروضي جي خلاف هيون. پوليس آفيسرن هي شاهديون هن طرح نوٽ ڪيون:

١- گاڏيءَ جي انجڻ هلي رهي هئي ۽ ڊرائيور عورت گاڏي

روڪڻ ۾ ناڪام ٿي هئي. يعني هيءَ اها ڪوشش ڪري نه سگهي هئي يعني انهيءَ ڳالهه جو امڪان هو ته عورت ڪي زخم حادثي کان اڳ رسيا هئا.

(۲) رت جا نشان ان جاءِ تي موجود هئا، جتي عام حالت ۾ موجود ٿي نه ٿي سگهيا. هن باري ۾ ڊاڪٽر سان مشورو ڪيو ويو. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته زخم ڪنهن به اهڙي اوزار جا نه هئا، جيڪو حادثي جي وقت گاڏيءَ ۾ موجود هئو. هن جو مطلب هئو ته عورت، کي حادثي کان اڳ ۾ مار ڏني ويئي هئي.

(۳) مثلاً عورت جو پرس (Purse) گاڏيءَ ۾ ڪونه هو. هن جو مطلب ته عورت کي ڦريو ويو هئو. زخمن مان ثابت ٿيو ته عورت کي مار ڏئي يا قتل ڪري پوءِ ان جو پرس کڻي ڪو ڀڄي ويو هو.

هنن شاهدين ۽ دليلن جي بنياد تي پوليس جيڪو ڪيس ناهيو ان ۾ مفروضو اهو هئو ته موت حادثي جي ڪري نه ٿيو پر عورت کي قتل ڪيو ويو هئو ۽ فوتيءَ کي قتل ڪرڻ کان اڳ ۾ ڦريو ويو هو ان ڪري قتل جو ارادو موجود هئو.

ٻيو سرحلو:

هاڻي سوال اهو هئو ته ڪيئن ڏوهي هٿ ڪري ڪورٽ ۾ پيش ڪجي. هن باري ۾ هيٺيان مفروضا مقرر ڪيا ويا:

۱- ڏوهه ٿيڻ جي وقت قاتل شهر ۾ ۽ ڏوهه جي جاءِ جي آس پاس هوندو ۽ هن ڏوهه جو ثبوت خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي.

۲- ڏوهي ضرور ڪو اهڙو ماڻهو هوندو، جو مقتولا جي ذاتي زندگيءَ سان تعلق رکندڙ هوندو. يعني هو يا ته عورت جو دوست يا مڙس يا سندس گهر جو ٻيو ڪو عزيز يا ياتي هوندو. جڏهن ڪو به اهڙو شخص حادثي جي جاءِ جي قريب معلوم

نہ ٿيو تہ اهو مفروضو ترڪ ڪيو ويو. باقي اهو مفروضو رکيو ويو تہ عورت جو قتل سندس واقفيت وارن مان ڪنهن ڪيو آهي. وڏيڪ جاچ تي هي مفروضو قائم ڪيو ويو ۽ پوءِ ڪيس تيار ڪيو ويو. ڪيس کي عدالت ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ ڇهن ڳالهين جي ضرورت هئي. (هي ڪيس آمريڪي قانون پٽاندر تيار ڪيو ويو) اسين اهي چار ڳالهيون هيٺ ڏيون ٿا:

١- موت جو ثبوت

رڳو عورت جي گم ٿي وڃڻ جي ڪري اهو ثابت نہ ٿي سگهيو تہ عورت کي قتل ڪيو ويو هئو. امڪان اهو بہ موجود هئو تہ عورت پنهنجي مرضيءَ مري ويئي هجي. ان ڪري اڳ ۾ عورت جي سڃاڻپ ڪرائي ويئي ۽ ان جي آڌار تي ان جو نالو ۽ پتو لکيو ويو تنهن کان پوءِ ڊاڪٽر جي رپورٽ تي اهو ثابت ڪيو ويو تہ اها عورت مري چڪي هئي يعني ڊاڪٽر کان اهو اعلان ڪرايو ويو تہ ساڳي عورت زنده نہ هئي.

٢- موت جو سبب

موت جون حالتون جيڪي نوٽ ڪيون ويون هيون انهن مان ثابت ٿي رهيو هئو تہ موت جو سبب قتل هو.

٣- جوابدار جو قتل سان واسطو

جاچ مان معلوم ٿيو هو تہ عورت جو مڙس ڪنهن ٻي عورت تي عاشق هئو ۽ ان ڪري پنهنجي زال کي قتل ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيو هو. جيڪڏهن جوابدار جي لاءِ اهو ثابت ٿئي ها تہ هو قتل جي وقت شهر کان ٻاهر هئو تہ جوابدار

ڇڏي وڃي ها پر معلوم ٿيو ته جوابدار ان وقت شهر ۾ موجود هئو.

۴- قتل جو ارادو

قانون ۾ ايئن آيو آ ته ڪوبه قتل، قتل جي ارادي کان سواءِ قتل نه ٿو ٿئي، ان ڪري هن حالت ۾ قتل جو ارادو به ثابت ڪرڻو هئو. چاڪاڻ ته مرد کي عورت کان نفرت هئي ان ڪري دشمني جو ثبوت موجود هئو. ان ڪري ارادي جو ثبوت به موجود هئو. هن ڪيس جي علمي اپياس سان ثابت ٿئي ٿو ته:

۱- هن ڪيس جي متاڪت جو مطلب هئو مسئلي کي ايمانداري ۽ صفائي سان حل ڪرڻ.

۲- هن ڪيس ۾ ثابت ڪرڻ جي ذميواري تحقيق ڪرڻ وارن جي سٽي تي هئي.

۳- شاهديون سڀ موزون ۽ پختيون هيون.

۴- هن ڪيس جو بنياد راهه تي نه پر شاهدي (Evidence) تي هو.

ساڳي ريت جناب 'هل وي' صاحب جي خيال ۾:

(۱) علمي ڪيس ۾ به صفائي ۽ ايمانداري جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي.

(۲) پنهنجيءَ ذاتي راهه جي بجاءِ شاهدين جي آڌار تي ورتي وڃي.

(۳) شاهدي اهڙي پيش ڪجي، جنهن جو تعلق اصل مسئلي سان هجي جنهن سان اصل مسئلي کي حل ڪري سگهجي، جنهن جو بنياد پروسي جهڙن وسيلن تي هجي ۽ جنهن کي منطقي اصولن جي پٺ ڀرائي حاصل هجي.

(۴) محقق کي ياد رکڻ گهرجي ته محض راءِ کي شاهديءَ طور پيش ڪري نه ٿو سگهجي.

Gul Hayat Institute

تحقيق جي غور ۽ فڪر جو مقام (Place of Refliction)

بنيادي ڳالهه اها آهي ته تحقيق جيڪا انساني ۽ افرادي وسيلن جي مدد سان ڪئي وڃي ٿي، تنهن ۾ غور ۽ فڪر کان بي نيازي حاصل ڪرڻ ممڪن ئي نه آهي. تحقيق مفروضن مقرر ڪرڻ، دليل بازي اختيار ڪرڻ، منطقي اصولن کي ڪم آڻڻ ۽ نتيجن ڪيڻ سان به مڪمل ڪانه ٿي ٿئي. تحقيق جي ڪم ۾ اڄان به وڏي اهميت محقق جي انهيءَ طريقي کي آهي جنهن ۾ هو سوچي ٿو ۽ غور ۽ فڪر ٿو ڪري. غور ڪرڻ جي طريقن کي ڪيترا ئي نالا ڏنا ويا آهن. مثال طور:

١- سائنسي سوچ
٢- تنقيدي سوچ
٣- فطري سوچ
٤- خبرداري واري سوچ

سوچ جو جيڪو به طريقو اختيار ڪبو ان ۾ اها ڳالهه ضرور ڏسبي ته محقق جي سوچ عام رواجي پڙهيل ماڻهوءَ جي سوچ کان وڌيڪ باريڪ ۽ ڳوڙهي ٿئي ٿي. جنهن شيءِ کي اصل ۾ "مهارت جي سند" (Expert's Authority) چيو وڃي ٿو سا به سوچ جي انهيءَ خاص طريقي جي نتيجي ۾ پيدا ٿئي ٿي، ماهر اهو ماڻهو آهي، جيڪو هڪ ئي مسئلي تي گهڻو وقت خاص طريقي سان سوچي ٿو ۽ آخرڪار ڪا راءِ قائم ڪري ٿو.

اسان هيٺ 'جان ڊيوي' جهڙي عالم جي اها راءِ نوٽ ڪريون ٿا، جيڪا هن غور ۽ فڪر جي باري ۾ قائم ڪئي هئي.

"غور و فڪر انهيءَ سوچ جو نالو آهي، جيڪا:

١- خبرداري سان ڪئي وڃي.
٢- جيڪا غلط خيالن جو مقابلو ڪري سگهي.

غور ۽ فڪر جو واسطو ڪنهن نه ڪنهن اعتقاد يا علمي وسيلي سان ٿئي ٿو. غور ۽ فڪر جو واسطو انهن بنيادن ۽ شاهدين

Gul Hayat Institute

سان نہ رهي ٿو، جيڪي ڪنهن مفروضي کي سچو ثابت ڪن ٿيون ۽ انهن نتيجن سان به رهي ٿو، جن کي اهو مفروضو حاصل ڪرڻ گهري ٿو.

(ترتيب جان ڊيوي جي نہ آهي.)

هن طرح غور ۽ فڪر انهيءَ سوچ جو نالو آهي، جنهن سان ڪو مسئلو حل ٿئي.

غور ۽ فڪر جو ڪردار

سوچ جو جيڪو طريقو اختيار ڪيو ان ۾ اها ڳالهہ ضرور ڏسبي تہ محقق جي سوچ اسان جي عام رواجي سوچ کان وڌيڪ ڳوڙهي ٿئي ٿي. سوچڻ جي باب ۾ ٿي ”مهارت جي سند“ (Exp- ert Opinion) جو ذڪر ٿئي ٿو. جو تہ ماهر بہ انهيءَ ڪري سند جي حيثيت رکي ٿو، جو ان ڪنهن مسئلي تي باضابطي ۽ گهڻي وقت کان وٺي غور ڪيو آهي ۽ ڪي ڳالهيون ثابت ڪيون اٿس.

غور ۽ فڪر جي هڪ وصف اسان کي مشهور عالمِ ’جان ڊيوي‘ (John devey) وٽان ملي ٿي. هو لکي ٿو: ”غور ۽ فڪر (Reflection) انهيءَ سوچ (Consideration) جو نالو آهي جيڪا خبرداريءَ سان ڪئي وڃي ٿي ۽ جيڪا مقابلو ڪرڻ جي طاقت رکي ٿي. غور ۽ فڪر جو واسطو ڪنهن نہ ڪنهن پروسي (Belief) يا ڪنهن نہ ڪنهن علمي حقيقت سان رهي ٿو. غور ۽ فڪر جو واسطو انهن بنيادن يا شاهدين سان بہ رهي ٿو، جيڪي ڪنهن اعتقاد کي سچو ثابت ڪن ٿيون ۽ انهن نتيجن سان بہ رهي ٿو، جن کي اهو پروسو يا اعتقاد ثابت ڪرڻ گهري ٿو.“

هن طرح غور ۽ فڪر انهيءَ سوچ جو نالو آهي، جنهن سان ڪو نہ ڪو مسئلو حل ٿئي ٿو.

نوٽ: سوچ جي هنن طريقن تي نفسياتي بحث هن مضمون ۾ ڪري نہ ٿو سگهجي. پر علمِ تحقيق جي مڪمل ڪتاب جي لاءِ هي بحث ضرور ڪرڻو پوندو.

Gul Hayat Institute

تحقيق جا وسيلا (Source material)

عام طور تي تحقيق جي وسيلن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويندو آهي، آهي هيٺ ڏجن ٿا:

١- بنيادي وسيلا (Primary resources)
٢- ثانوي وسيلا (Secondary resources)

بنيادي وسيلا

بنيادي وسيلا اهي وسيلا آهن، جن جي معلومات پهريون ۽ اصلي معلومات آهي. هنن وسيلن ۾ ڊائريون، دستاويز، عهدناما، خط، سرڪاري ليٽر، آفيس جا فائيل، محفوظ ڪيل شيون، خانداني شجره، ڄم ۽ موت جا سرڪاري توڙي خانگي رڪارڊ، هٿ سان لکيل مسودا، گڏ ڪيل نوٽس، يادگيريون ۽ ٻيا وسيلا شامل آهن.

ثانوي وسيلا

ثانوي وسيلن ۾ اول نمبر تي حوالياتي ڪتاب يا (Refrence) اچي وڃن ٿا. حوالياتي ڪتابن ۾ لغتون ۽ انسائيڪلوپيڊيائون شامل آهن. موضوع تي لکيل ڪتاب به جيڪڏهن تحقيق جي بنياد تي لکيا ويا آهن ته اهي به حوالياتي آهن ۽ ثانوي وسيلن ۾ شامل ٿين ٿا.

ڪم آيل ڪتابن جي لسٽ کي تحقيق ۾ (Bibliography) چيو ويندو آهي ۽ حوالياتي ڪتابن مان نقل ڪيل ٽڪري کي حوالو چيو ويندو آهي.

ڪتابن جي لسٽ جو طريقو

١. مصنف جو پورو نالو (پويون نالو اڳ ڏجي)
٢. ڪتاب جو پورو نالو

۳. جلد نمبر (جيڪڏهن هجي ته)
۴. اِشاعت گهر يا شايع ٿيڻ جو هنڌ
۵. شايع ڪندڙ ادارو يا پريس يا ڪمپني
۶. شايع ٿيڻ جو سن.

پر تحقيق جي ڪم جي آخر ۾ جيڪڏهن ڪتابن جي لسٽ ڏيڻي آهي ۽ حوالا اڳ ۾ اچي ويا آهن ته پوءِ ڪتابن جي لسٽ ۾ رڳو مصنف جو نالو ۽ ڪتاب جو نالو ڏي ڪافي ٿيندو.

حوالي جو طريقو

مثال: ڪتاب جي حالت ۾

شمٽ جوزف، پولي ۽ پوليون، بڊاپيسٽ، ۱۹۲۳ صفحو ۱۱۶

يا ريوين، جي. اوريجن اينڊ پري هسٽري آف لينگوئيج، لانگمن گرين اينڊ ڪمپني، لنڊن، ۱۹۰۶ صفحو ۵۵

مثال: رسالي جي حالت ۾

بٽرنگٽن، مارگريٽ، ”دي سنسرشپ ان آير“ ڪامن ويل، جلد ۳۴، آگسٽ ۱۵–۱۹۴۷، صفحو ۴۲۹–۴۳۲.

ڪتب خانو (Library)

Gul Hayat Institute

ڪتابن جو وڏي ۾ وڏو وسيلو ڪتب خانا آهن. ڪتابن کي ڪم آڻڻ جي لاءِ ڪتابن جي ورڇ (Classification) جو طريقو معلوم هئڻ تمام ضروري آهي. اڄڪلهه ڪتابن جي ورڇ جا ٻه طريقا موجود آهن اهي هي آهن:

ڊيووي جو ڏهائي وارو طريقو
(The Devey Decimal System)

ڪانگريس جي ڪتب خاني وارو طريقو
(The Library of Congress System)

ڊيووي جو ڏهائي وارو طريقو

هي طريقو ميلورل ڊيووي ڏنو هو. ڊيووي آمريڪا ۾ هڪ ڪتب خاني جو سپرينٽينڊنٽ هو. ڊيووي ڪتابن کي هيٺ ڏيکاريل سرخين ۾ ورهايو آهي:

(General work)	عام معلومات	٠٠٠ —
(Philosophy)	فلسفو	١٠٠ —
	مذهب	٢٠٠ —
	سماجيات	٣٠٠ —
	علم لغت	٤٠٠ —
(Natural Sciences)	فطري علوم	٥٠٠ —
(Useful Arts)	ڪارائتا آرٽس	٦٠٠ —
	فائن آرٽس	٧٠٠ —
	ادب	٨٠٠ —
	تاريخ	٩٠٠ —

ڪانگريس جي ڪتب خاني جو طريقو

هن ڪتبخاني ۾ ڪتابن کي ويهن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. جڏهن ته ڊيووي جي طريقي ۾ انهن ڳالهين کي ڏهن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو هو. ويهه ڀاڱا هن ريت آهن.

A. General work	— عام معلوماتي ڪتاب
B. Philosophy and Religion	— فلسفو ۽ مذهب
C. General History	— جنرل هسٽري
D. Foreign History	— ٻين ملڪن جي تاريخ
E&F. American History	— آمريڪا جي تاريخ
G. Geography & Authropology	— جاگرافي ۽ علم الانسان
H. Social Sciences	— عمراني علوم
I. Political Sciences	— سياسيات

K. Law — قانون

L. Education — تعليم

M. Music — موسيقي

N. Fine Arts — فائن آرٽس

P. Language and Literature — ٻولي ۽ ادب

Q. Sciences — سائنسون

R. Medicine — طب

S. Agriculture — زراعت

T. Technology — ٽيڪنالوجي

U Military Science — علم افواج

V. Naval Science — علم بحريه

Z. Library Science and Biblio-graphy. — ڪتاب ۽ ڪيٽالاگ

(نوٽ: پر ڪتب خاني جو استعمال هن باري ۾ اڃان به وڌيڪ معلومات گهري ٿو. محقق کي گهرجي ته علم ڪتب خاني جي ڪنهن ماهر يا ڪتبخاني جي ڪنهن سنڀاليندڙ کان مدد وٺي.)

علم تحقيق جا ٽي نمونا

Gul Hayat Institute

١. حقيقتن کي هٿ ڪرڻ وارو نمونو (Fact Finding)

٢. تنقيدي تشريح وارو نمونو (Critical Inter)

٣. مڪمل تحقيق (Complete Research)

١. هن حالت ۾ حقيقتن جي هٿ ڪرڻ جو مقصد ڪليا مقرر ڪرڻ نه هوندو آهي ۽ اهڙي حالت ۾ اهڙي طرح مسئلي جو حل ڳولهڻ به ضروري نه هوندو آهي. هن حالت ۾ مقصد رڳو واسطيدار حقيقتن کي گڏ ڪرڻ هوندو آهي.

٢. هن حالت ۾ خيالن جي آڌار تي منطقي استدلال کي انهيءَ مقصد لاءِ ڪم آندو ويندو آهي ته مسئلن جا حل ڳولي لهجن.

۳. هن حالت ۾ تحقيق جا سڀ مرحلا طئي ڪرڻا پوندا آهن ۽ هر مرحلي تي ضروري ڳالهين تي عمل ڪيو ويندو آهي. اهي ضروري ڳالهيون هي آهن:

۱. نوٽس ڪيئن وٺجن
۲. حوالو ۽ فوٽ نوٽ
۳. ڪتابن کي فوٽ نوٽن ۾ آڻڻ جا نمونا
۴. سنڌيءَ ۾ لفظن جي مخفف جو مسئلو
۵. رهنما اصول

تحقيق جا ڪي اهم وسيلا

۱. ڪاغذات (Documents)
۲. تجربو (Experiment)
۳. تپاس (Survey)
۴. انگ اکر (Statistics)
۵. صورتحال جو اڀياس (The Case Study)
٦. اتفاقي معلومات (Role of Accident)

هنن وسيلن مان هرهڪ کي ڪم آڻڻ جو طريقو نرالو ٿئي ٿو. ان ڪري هنن تي تفصيل سان بحث ڪيو ويندو.

آخري مسودو تيار ڪرڻ

هن باري ۾ به تفصيلي بحث جي ضرورت آهي.
وسيلن جي مسودي لکڻ جي باري ۾ تفصيلي بحث اڳتي ڏجي ٿو.

Gul Hayat Institute

مسودو ۽ ان سان لاڳو مسئلا

مسودي جي باري ۾ وڌيڪ نقطا

جنهن حصي کي اسان مسودو سڏيون ٿا، سو اصل ۾ انهيءَ رپورٽ جو مسودو آهي، جنهن ۾ اسان پنهنجي تحقيق کي پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. عام طور تي اهو سمجهيو ٿو وڃي ته مسودو اها شيءِ آهي، جنهن ۾ تحقيق جي سڄي ڪم کي رڪارڊ ڪجي. بيشڪ تحقيق جو مسودو اها شيءِ آهي جنهن ۾ تحقيق جي ڪم کي رڪارڊ ڪجي ٿو يا لکي پورو ڪجي ٿو. پر مسودي جو هي تصور تحقيق جي وصف ۽ ان جي نوعيت کي سمجهائي نه ٿو سگهي. تحقيق صرف ايتري نه آهي، جيتري ڪتاب ۾ آڻجي ٿي. لکت ۾ آيل تحقيق ته عمل تحقيق جي انهن تمام گهڻن ننڍين عملن (Sub Activities) جي تعداد مان رڳو ڪن ٿورن عملن کي پيش ڪري ٿي. اصل وڏي ۽ مڪمل تحقيق انهن مقصدن، مسئلن، مفروضن، علمي وسيلن ۽ افرادي وسيلن ۽ منطقي ڇنڊ ڇاڻ جي اها صورت آهي، جنهن جي آڌار تي اسان تحقيقي ڪم جي هڪ رپورٽ تيار ڪري پيش ڪريون ٿا. هن طرح مسودو صرف استدلال ۽ نتيجن جي اها تحريري صورت آهي، جنهن ۾ محقق ڪنهن نه ڪنهن حل (Solution) تائين پهچي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو مسودي جي باري ۾ علم تحقيق جي، خدن کان ٻاهر به غور ڪري سگهجي ٿو. مسودو تحقيق جي عمل جي تحرير واري حصي جي هڪ شڪل آهي ان ڪري مسودي (Script) جي باري ۾ فن تحرير جي ڪن اصولن کي به بحث هيٺ آڻڻو پوندو آهي. فن تحرير جي انهن اصولن جي اڀياس کان سواءِ اسان تحقيق ته ڪري سگهون ٿا، پر تحقيق جي هڪ بهتر رپورٽ تيار

Gul Hayat Institute

ڪري نہ ٿا سگهون. انهيءَ ڪري اهو بہ تمام ضروري آهي تہ محقق يا تحقيق ڪرڻ وارو لکڻ جو تجربو بہ رکندو هجي. لکڻ جي تجربي جي آڌار تي اسان پنهنجيءَ تحقيق کي سهڻي نموني سان پيش ڪري ۽ سينگاري سگهون ٿا. تحقيق جو اهو پروگرام جنهن ۾ فن تحرير جو نصاب شامل نہ آهي، سو هميشہ رکو ۽ اڻ پورو هوندو.

مسودي جي لکڻ لاءِ فنِ تحرير جي هڪ تربيتي پروگرام جي باري ۾ ڪي نقطا اسان هيٺ ڏئي رهيا آهيون:

١. ليکڪ ۽ ان جي تربيت ۽ تعليم

٢. پڙهندڙ يا علمي حلقو، جنهن جي وچ ۾ لکڻ جو ڪم ٿي رهيو آهي

٣. تحرير يا فن تحرير جون ڪي پابنديون:

(i) ٽون ۽ ان جا قسم

(ii) تاڪيد، بيان، طنز ۽ مزاح

(Exhortation, Narrative, Irony and Satire)

(iii) جذباتيت (Sentimentality)

(iv) رعب ۽ ٺٽ

(v) پنهنجي شخصيت جو اظهار (High browism)

(vi) بي پرواهي (Flippancy)

٤. نثر جي ٽيڪنيڪ جون ڪي پابنديون:

(i) جملو ۽ ان جي جوڙ جڪ

(ii) پئراگراف ۽ ان جا ڪي اصول

(iii) منطقي اصول ۽ انهن جو اڀياس

(iv) لفظن جو استعمال

(v) عڪسيت جا ڪي اصول

(الف) پيٽ ۽ هڪجهڙائي

(ب) تشبيهہ

(ت) استعارو

Gul Hayat Institute

(ث) استعاري جا ڪي مسئلا
٥. ايڊيٽنگ جو هنر
٦. گرامر
٧. جوڙ جڪ (Structure) جو سوال
٨. نشان، ليڪون، اعراب ۽ هجي جا مسئلا (Orthography)
٩. اعراب جو پروگرام (Punctuation Programme)

علم تحقيق جي تربيتي پروگرام ۾ هنن سڀني ڳالهين جو هڪ پروگرام تيار ڪري تربيت جي لاءِ ڪم آڻڻو آهي. هرڪو پڙهيل مرد يا عورت لکڻ جي هنر جي ضرورت کان واقف آهي. زمانو اهو نه آهي، جڏهن انجنيئر ۽ ڊاڪٽر صرف دفتري چاڻ جي بنياد تي ڪم هلائي سگهندا هئا. هر اهلڪار ۽ ڪاميءَ کي لکڻ سان واسطو پوي ٿو. شاگرد جي لاءِ ته لکڻ جي هنر جي اهميت تمام وڏي آهي. ”لکڻ جي هنر جي لاءِ ماڻهوءَ کي پنهنجو پاڻ وڃائڻو ٿو پوي ۽ انهيءَ ماڻهوءَ جي روپ ۾ ظاهر ٿيڻو ٿو پوي، جيڪو اڳي لکڻ جي هنر ۾ مشهور ٿي چڪو آهي.“ هن خيال کان تحرير اها شيءِ نه آهي، جنهن ۾ ماڻهو اهو چوي جيڪو هو پاڻ سوچي ٿو يا محسوس ٿو ڪري. تحرير اهو فن آهي، جنهن ۾ لکڻ وارو اداڪار جو ڪردار ادا ڪري ٿو، جيڪو ٻين جي لکيل ناٽڪن ۾ ڪم ڪندو آهي. اسٽون ۽ بيل (Stone and Bell) هن خيال سان ٻه اختلاف ٿا ڏيکارين. هو چون ٿا: ”تحرير جي فن جي سکڻ جو مقصد آهي، پنهنجي آواز کي ڳولهي لهڻ ۽ ڪنهن ٻئي جي نه پر پنهنجي ئي آواز کي استعمال ڪرڻ.

هن طرح فن تحرير جا ٻه نظريا اسان جي اڳيان اچن ٿا پهريون خيال انتهائي نظرياتي ۽ پيشائي قسم جي ماڻهوءَ جو خيال آهي ۽ ٻيو خيال تحرير جي فن تي ٿيل تحقيق جو موزون نتيجو آهي. هن خيال پٽاندڙ ليکڪ کي پنهنجي شخصيت، پنهنجي ڪردار يعني تحرير ۾ پيري ڇڏڻي آهي، ۽ پوءِ اها ئي شخصيت هن کي تحرير ۾ آڻڻي آهي. فقط اهائي تحرير آهي جيڪا اڄڪلهه پڙهي سگهجي ٿي. پر ياد رکڻ گهرجي تہ تحرير ڪو ذاتي مامرو نه آهي.

Gul Hayat Institute

تحرير جو عمل هڪ مقرر ماحول ۾ هڪ مقرر ضرورت جي تحت اختيار ڪرڻو پوندو آهي. اهو ليکڪ جيڪو هن صورتحال جي پرواهه نه ٿو ڪري سو لکڻ جي هنر جي اصولن جو پابند ناهي. هڻ پڇاڙان اسان ليکڪ، پڙهندڙ ۽ تحرير جي سامرن تي وڌيڪ ويچار ڪنداسون.

١- ليکڪ (Writer)

عمل تحرير ۾ وڏو سوال ليکڪ جو آهي. ليکڪ جي باري ۾ اهم ڳالهيون هي آهن:

١. ليکڪ کي ڪجهه نه ڪجهه چوڻو يا لکڻو هجي.

٢. ليکڪ جو ڪجهه به چوڻ گهري ٿو، تنهن کي خواهش ۽ مرضيءَ سان چوي.

٣. هو جو ڪجهه به چوڻ گهري ٿو، تنهن جي چوڻ جي هنر کان واقف هجي. ڏنو ويندو ته ليکڪ جي لاءِ ضروري رڳو ايترو آهي ته هو ڪو نياپو ۽ ڪو پيغام پهچائڻ جي وسيلي کان واقف هجي. هنن ٽنهي نقطن کي فن ۽ ارادو چيو ويندو آهي. هن قسم جو ليکڪ صرف ان سماج ۾ پيدا ٿي سگهندو، جنهن ۾ سوچڻ چوڻ ۽ ارادي جي حق استعمال ڪرڻ جي آزادي هوندي. انهن سماجن ۾ جن ۾ لکڻ لاءِ ڪي ٻاهرو مقرر ڪيا ويا آهن،* تن ۾ هن قسم جي ليکڪ جي وجود جي لاءِ انيڪ خطرا آهن. حقيقت ۾ اهڙن سماجن ۾ ليکڪ پيدا ٿي نه ٿو سگهي ۽ انهيءَ قسم جي پابندين جو مطلب ٿي اهو هوندو آهي ته "ڪو به ڪند متي ڪري هلي نه سگهي."

ليکڪ جي باري ۾ اسان جن ٽن نقطن جو ذڪر ڪ...

---

* ڪجهه ڏينهن اڳ سنڌ يونيورسٽيءَ جي هڪڙي پروفيسر دوست مون کي ٻڌايو ته سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اهڙي ڪا به تحرير ڇاپي نه ٿي سگهجي، جنهن جو تعلق مذهب، سياست، نسل (Race) ۽ جنسيات سان هجي.

آهي، انهن تي غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته انهيءَ خيال ڪان ڪي ڳالهيون ته سڪي سگهجن ٿيون، تن جو تعلق تحرير جي فن سان آهي ۽ انهن ڳالهين جـو هڪ خاڪو اسان مٿي ڏيئي آيا آهيون. جيڪي ڳالهيون سيکاريون نه وينديون آهن، آهي هي آهن:

١. خوداعتمادي يعني پنهنجي ذات تي ڀروسو.
٢. تحرير جي باقي رهڻ واري خصوصيت ۽
٣. تحرير جي اهميت يا ضرورت.

سون پنهنجي پورهئي دوران ڏنو آهي ته اچـي ڪاڳر جو ذڪرو اسان جـي شاگرد جي لاءِ ناميديءَ ۽ نراسائيءَ جو پيغام آهي. ڪي شاگرد اها شڪايت ٿا ڪن تـه اسان اڄان پار آهيون اسان ڪان وڏن ماڻهن جا ڪم ڪيئن ٿا ڪرايو. يا اسان ته اڄان تاريخ، نفسيات، سائنس ۽ ٻين اهڙن مضمونن جو پورو اڀياس به نه ڪيو آهي. اسان انهيءَ باري ۾ لکي ڪيئن سگهنداسين. ڪي ته چون ٿا ته اڃان مان اها اميد نه رکي وڃـي ته اسان هن وهيءَ ۾ پيش ور ليکڪ جيان لکي سگهنداسون. اسان جو جواب هـي هئڻ گهرجي تـه: ”اسان توهان کـي ڪٿي ٿا چئون ته توهان پيش ور ليکڪ جيان لکي اچو يا اهڙو لکو جـو هرڪو واهه واهه ڪري. اسان ته فقط اهو ٿا چئون ته پنهنجي ذات سان سچا رهو، پنهنجن خيالن جو قدر ڪيو، ۽ پنهنجي سوچ کي رڪارڊ تـي رکو جو اها انسان ذات جي ملڪيت آهي.“ هيٺ اسان هڪ مثال جو آڌر وٺي رهيا آهيون:

سمجهو ته توهان جي يونيورسٽيءَ جـي ايم. اي جـي شاگردن جي اڳيان توهان اهو مسئلو رکيو آهـي ته ”پاڪستان جي سماجي زندگيءَ ۾ خودنمائي يا پاڻ سڃاڻڻ (Identity) جي بحران (Crisis) جا ڪهڙا سبب آهن.“ ظاهـر آ ته جيڪي هـن باري ۾ توهان ڪتاب مـدد لاءِ پڙهائيندا، سي هيٺ آيـل ڪتاب هوندا.

1. Thoreau - Civil disobedience

2. Jerome Bruner – Myth and Identity
3. Erich Formon – The illusion of Individuality
4. Martin Lutherking – Letter from a Brininguam Jail
5. George wold – Generation in the search of a future.
6. Elridge Cleaver – Soul on Ice.

٧. علي محمد راشدي – "مغرب ۽ مشرق" (جا اهي صفحا، جن ۾ نئين نسل جي باري ۾ لکيو ويو آهي).
٨. لالا قادر – چار مارچ.
٩. جي. ايم. سيد – نئين سنڌ لاءِ جدوجهد.

هنن ڪتابن جي ابياس کان پوءِ توهان اصل موضوع تي نه پر پنهنجن جذبن جي باري ۾ سوچيو. هي ڪتاب توهان کي ڪاوڙائيندا، بيزار ڪندا، توهان کي بيقرار ڪندا يا توهان مان کي شڪر ڪندا جو آهي انهي ۽ "بدتميزي ۽ جي طوفان" کان ٻاهر هئا، جنهن جو ذڪر هنن ڪتابن ۾ ملي ٿو يا توهان مان ڪن کي افسوس ٿيندو جو توهان ان جدوجهد ۾ شامل نه هئا.

سمجهو ته ايتري ۾ توهان جي ڪئمپس ۾ هڪ سياسي مسئلو ايري ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ هر ڪا شيءِ پنهنجيءَ جاءِ تي بيهجي ٿي وڃي. شاگردن کي گرفتار ڪيو ٿو وڃي ۽ جڏهن انهن جي آزاديءَ لاءِ جلوس نڪري ٿو ته پٿربازي ٿئي ٿي ۽ لٺ بازي ٿئي ٿي، ڳوڙها آڻيندڙ گئس استعمال ٿئي ٿي ۽ لٺ مار ٿئي ٿي. ڪي وڏيڪ گرفتاريون به ٿين ٿيون. سرڪاري هٿنڊ آئوٽ ۾ غلط بياني ٿئي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح گهٽ گهوڙ ٿئي ٿو، ته توهان موٽي ڪلاسن ۾ اچو ٿا ۽ وري هڪ پيرو انهن اڳين سوالن تي سوچيو ٿا.

هت توهان کي معلوم ٿئي ٿو ته نوان سوال ۽ پراڻا سوال سڀ هڪجهڙا هئا ۽ سماجي ۽ سياسي اسباب پنهين جا ساڳيا هئا. ايتري ۾ توهان شاگردن جي اڳيان، هن اڳئين مسئلي جي جاءِ تي اهو مسئلو رکو ٿا ته "سنڌ يونيورسٽيءَ جي تازي صورتحال

تي تبصرو ڪيو" توهان ڏسندا ته هرڪو شاگرد لکڻ ڪـي لڳي ويندو ۽ ان وقت هرڪو پُراعتماد ۽ سنجيده هوندو.

هن مثال مان معلوم ٿئي ٿـو تہ لکڻ جـي لاءِ قابليت هر ماڻهوءَ ۾ موجود ٿئي ٿي پر سوال اهو آهي تہ لکڻ جيءَ لاءِ ضروري ماحول، حالتن جو گهوڙهو اپياس موجود ڪري ٿو ڏنو وڃي. آخري طور تي جڏهن توهان وري پهرئين سوال ڏانهن ٿا موٽو تڏهن توهان جو ڌيان هيٺ ڏنل حوالن ڏانهن ڇڪجي ٿو وڃي:

ٿوريو (Thoreau) لکي ٿو ته "بي انصافي ۽ ظلم جا قانون موجود آهن ۽ اسان لاءِ هي ٽـي صورتون موجود آهن: (١) اسان انهن کي قبول ڪيون. (٢) اسان انهن کي ان وقت تائين قبول ڪريون، جنهن وقت تائين اسان انهن ڪـي بدلائي سگهون. (٣) اسان انهن کـي ان وقت تائين قبول ڪريـون جنهن وقت تائين اسان پنهنجي جدوجهد ۾ ڪامياب ٿيون ۽ (٤) اسان انهن قانونن جـي انحرافي ۽ پيڪڙي ڪريون. عام خيال هـن حالت ۾ اهو هوندو آهي تہ ان وقت تائين صبر ڪرڻ گهرجي، جنهن وقت تائين عام ماڻهو انهن قانونن کي بدلائڻ لاءِ تيار ٿي وڃن. انهن جو خيال اهو هوندو آهي تہ مقابلو ڪبو ته نتيجو وڌيڪ برو نڪرندو. پـر اصل ۾ اهو ڏوهہ ان حڪومت جو آهي، جيڪا علاج جي نتيجي کي برائيءَ کان بہ وڌيڪ خراب بنائي ٿـي. آخر اهڙي حالت ۾ سڌارا آڻڻ جي ڪوشش ڇو نہ ٿي ڪري. آخـر حڪومت اهڙي حالت ۾ انهن ٿورڙن پر سياڻن ماڻهن کي اعتماد ۾ ڇو نہ ٿي وٺي. آخر حڪومت ڏک لڳڻ کان اڳ ئي دانهون ڇو ٿي ڪري. آخر هر بار اهڙي حڪومت عيسيٰ کيءَ صليب تـي ڇو ٿـي چاڙهي ۽ ڪاپرنيڪس ۽ ليوٿر کي ملڪ بدر ڇو ٿي ڪري ۽ واشنگٽن يـا فرينڪلين کي باغي ڇو ٿي سمجهي."

شايد يونيورسٽيءَ جي بحران جـي باري ۾ هاڻي اوهان جا خيال وڌيڪ صاف ٿيا هوندا. هاڻي توهان پاڻ کان پڇندا ته:

١ــ مان پاڻ جلوس ۾ ڇو شامل ٿيو هوس.

٢- ڇا مان انهيءَ ڪري شامل ٿيو هوس جو مون ڪي پڪ هئي ته هنن جا مقصد موزون هئا.

٣- ڇا مان انهيءَ ڪري شامل ٿيو هوس جو ٻيو هر ڪو به انهيءَ جلوس ۾ شامل ٿي رهيو هئو.

هن حالت ۾ اوهان ڪي برونر (Bruner) جا لفظ ياد ايندا ته "تورڙي جو اسان سڀ ميٿن (Myths)جي ڪري زنده آهيون ۽ هر روز نئين ميٿ انهيءَ ڪري پيدا ٿا ڪريون ته جيئن زنده رهي سگهون. اسان جو سماج وڌيڪ مفلس ٿي ويو آهي جو اسان وٽ اهڙي ڪا به ميٿ موجود نه آهي، جنهن تي اسان سڀ گڏجي اعتماد ڪندا هجون."

هن طرح توهان پاڻ سان ڳالهائيندا رهندا ته نوان نوان موضوع توهان جي ذهن ۾ ايري ايندا ۽ توهان سوچڻ لاءِ تيار ٿي ويندا ۽ آخرڪار توهان لکڻ شروع ڪري ڏيندا ۽ هاڻي توهان جو پهريون مسئلو توهان جي لاءِ وڌيڪ صاف آهي ۽ آسان آهي. بس اها ئي آهي تحرير، جنهن ۾ توهان پاڻ سان سچا آهيو ۽ توهان پنهنجن خيالن سان انصاف ڪريو ٿا.

هن ريت سٺي تحرير جون خصوصيتون هن ريت ٿين ٿيون:

(١) سٺي تحرير ذاتي تجربي جي لکڻ سان شروع ٿئي ٿي.

(٢) سٺي تحرير وڌيڪ ذاتي تجربي جي لکڻ لاءِ تيار ڪري ٿي.

پر اسان جو مطلب اهو نه آهي ته سٺي تحرير هرويرو قبول ڪري، نماڻائي ڏيکارڻ، بزدليءَ مونجهاري ۽ عقيدي واري تجويز آهي. اسان جو مطلب رڳو اهو آهي ته جيڪي لکجي سو ذاتي تجربي جي بنياد تي لکجي. هن حالت ۾ خيال توهان جي گهروارن، توهان جي پارٽيءَ، توهان جي استاد يا توهان جي فيلسوف جا نه آهن پر اهي توهان جا صرف ۽ رڳو توهان جا خيال آهن.

هن طرح سان تحقيق جي مسودي جي تحرير جي وڏي

خوبي اها آهي ته ان ۾ توهان پنهنجي اعتماد ۽ ذاتي صلاحيت جي تجربي جو اظهار ڪيو.

(٢) پڙهندڙ (Audience)

لکيجي ڇو ٿو؟ انهيءَ لاءِ ته ڪو نه ڪو ماڻهوءَ کي لکيو آهي. لکيجي انهيءَ لاءِ ٿو ته ان کي ڪو پڙهڻ وارو موجود آهي. تحرير جي وسيلي توهان پنهنجا خيال پنهنجي من ۾ رکيو ڪيڏي نه رهيا آهيو پر توهان اهي خيال ٻين تائين پهچائي رهيا آهيو. هن طرح لکڻ جي هنر جو تعلق انهن ماڻهن سان آهي، جيڪي تحريرن کي پڙهڻ وارا آهن.

پڙهڻ وارن کي خيال ۾ رکڻ وارن سان توهان:

(١) خط يا تحرير جي ڊگهائي مقرر ڪريو ٿا.
(٢) جملن جي جوڙ جڪ تي فيصلو ڪريو ٿا.
(٣) لفظن جي استعمال جو طريقو مقرر ڪريو ٿا.

لکڻ وارو پنهنجي ذهني سطح جي ماڻهن لاءِ لکندو ته پنهنجي لکڻ جي پوري صلاحيت کي ڪم آڻي سگهندو پر ٻارن لاءِ لکندو ته هيٺ لهي ايندو ۽ غير ٽيڪنيڪي ماڻهن لاءِ لکندو ته زبان ۾ آساني پيدا ڪندو ۽ ماهرن لاءِ لکندو ته فني لفظ ۽ اصطلاح پوري ريت ڪم آڻي سگهندو.

(٣) تجزيو

هن ٻاري ۾ ضروري نقطن کي اسان مٿي لکي آيا آهيون هنن نقطن تي تفصيلي بحث هن مضمون جي حدن کان ٻاهر آهي پر علم تحقيق جي پروگرام ۾ هنن نقطن تي وڌيڪ بحث ضرور ڪرڻو پوندو.

مسودي جي تحرير جا ڪي عيب

(١) ادبي ڌاڙو يا ادبي چوري (Plagiarism)

ادبي ڌاڙي يا چوريءَ جو مقصد آهي، ڌوڪو ڏيڻ ۽ ٻين جي ڪم کي پنهنجو ڪري ڏيکارڻ. ڪن حالتن ۾ ادبيَ چوريءَ جو سبب بي پرواهي هوندو آهي. ارادي هجي يا غيرارادي ادبي چوري هڪڙو ڏوهه آهي. ادبي چوريءَ جي مثالن ۾ ڦيرڦار به شامل آهي. ٿوريءَ گهڻيءَ ڦيرڦار سان محض حوالي کي پنهنجو ڪري ڪم آڻڻ به هڪ ڏوهه ئي آهي. ڳالهه رڳو ايتري آهي ته جنهن وٽان ڳالهه وٺجي، ان جو شڪريو ادا ڪجي ۽ اقرار ڪجي ته اهو خيال ورتو ويو آهي. ادبي چوري هڪ اخلاقي برائي آهي.

(٢) اقرار ڪرڻ جو اڻپورو طريقو

ڪن حالتن ۾ اقرار ڪرڻ سان گڏ اصل مصنف جي لفظن کي اڻپورو ۽ سٽن کي نامڪمل ڇڏي پنهنجا لفظ ڳنڍيا ويندا آهن پر مصنف جي لفظن لاءِ شڪريو ادا ڪيو ويندو آهي يا اقرار ڪيو ويندو آهي. اقرار جو اهو طريقو به غلط آهي. اصل ڳالهه اها آهي ته مصنف سان انصاف ڪيو ويو آهي يا نه ۽ مصنف سان انصاف ڪرڻ جي لاءِ ان جو پورو پورو قدر ڪيو ويندو آهي.

(٣) مستعار وٺڻ جو صحيح طريقو

قرض وٺڻ يا خيالن کي حوالي طور ڪم آڻڻ ۾ بنيادي ايمانداري ۽ نوازش (Courtesy) جي ضرورت هوندي آهي. اهو ماڻهو، جيڪو ايمانداري ۽ نوازش نه ٿو ڪري سو اصل مصنف جي پرماريت جو ڪم ڪري ٿو. هو پراڻو پورهيو پاڻ ٿو ڪاٺي ۽ هن طرح سماجي ناانصافي ۽ بي ايمانيءَ جو مظاهرو ڪري ٿو. اسٿون ۽ بيل لکن ٿا ته ”اهو زمانو به هئو جڏهن ليکڪ ادبي

Gul Hayat Institute

چوريءَ جـي ڪا پرواهه ڪانه ڪندا هئا.* چاسر ۽ شيڪسپيئر جهڙا شاعر به ٻين وٽان وٺندا هئا پر شڪريو ادا نه ڪندا هئا ۽ هنن اهڙيءَ ڳالهه جي ڪا پرواهه به ڪانه ڪئي پر هاڻي مصنفن جو شڪريو ادا ڪرڻ ۽ انهن جـي خيال جو قـدر ڪرڻ تمام ضروري سمجهيو وڃي ٿو.“

Gul Hayat Institute

مسودي جا مقصد

مسودي کي جن ڳالهين جي پورائي ڪرڻي آهي سي اسان هيٺ ڏيون ٿا. اسان مٿي ٻڌايو آهي ته رپورٽ کي تحقيق چئي نه ٿو سگهجي. ”رپورٽ“ ته اهو ذريعو آهي، جنهن جي مدد سان محقق ٻين ساٿين کي ٻڌائي ٿو ته هن ڪهڙو ڪم ڪيو آهي. ’هل وي‘ ٻڌائي ٿو ته رپورٽ ۾ ٽن ڳالهين جو ذڪر ڪيو ويندو آهي.

١- اهي نتيجا جن تي محقق پهتو آهي.

٢- اهو طريقو جيڪو هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيو آهي.

٣- اهي شاهديون، جيڪي هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪم آنديون اهن.

هن قسم جي رپورٽ علمي رپورٽ هوندي آهي ۽ ان جا مقصد هيٺ ڏيکارجن ٿا:

١- هن رپورٽ جو مقصد پڙهندڙن کي وندرائڻ نه هوندو آهي.

Gul Hayat Institute

٢- هن جو مقصد هوندو آهي معلومات ڏيڻ.

٣- هن قسم جي رپورٽ علم پکيڙي ٿي.

٤- رپورٽ جو مقصد اهو به نه آهي ته ان جي مدد سان پڙهندڙ تي ليکڪ جو اثر پوي.

سٺو محقق اهو آهي، جو موزون طريقن سان پنهنجي احساس کي ٻين تائين پهچائي ٿو. ليکڪ جي لاءِ هي اصول ٿي سگهن ٿا:

١- موزونيت (Appropriate Method)

٢- صرفو (Precisian)

٣- صفائي (Simplicity)

۴- (Hedging) يا لڪ لڪاءُ ۽ بهانــي بازي رپورٽ جا عيب هوندا آهن.

۵- سڀني مسودي جو مقصد هوندو آهــي اصل نقطي تــي پهچڻ جو سولي ۾ سولــو ۽ ننڍي ۾ ننڍو رستو اختيار ڪرڻ. هن باري ۾ لکڻ جي تربيت ۽ تجربي جو سوال وڌيڪ اهم آهي. لکڻ جي تجربي کان سواءِ مسودي کي بهترين شڪل ڏيــڻ جو ڪم مشڪل آهي. ان ڪري ضروري آهي ته گهٽ ۾ گهٽ يا عمراني علوم جي شعبن ۾ ته لکڻ جــي تربيت جو پــروگرام ضرور هلايو وڃي. رپورٽ جــي لکڻ جــي باري ۾ جيڪي طريقا اختيار ڪيا ويندا آهن، انهن مان هڪڙي ”يوناني عبادتگاهه“ وارو طريقو چيو ويندو آهي. يوناني عبادتگاهه جي ڇت جو بار ٿنڀن تي هوندو آهي ۽ ٿنڀن جو بنياد وري مضبوط بنياد تي هوندو آهــي. شڪل اسان مسٽر ”هل وي“ صاحب جي شڪريي سان ڏيئي رهيا آهيون.



(اصل شڪل جيڪا مسٽر هل وي ڏني آهي سا هڪ يوناني عبادتگاهه جهڙي آهي.)

Gul Hayat Institute

يوناني عبادتگاهہ جي هن نموني مان معلوم ٿئي ٿو تہ بنياد جو مطلب ثبوت يا ڏيٺا مهيا ڪرڻ جن جي بنياد تي دليل ڏاهيا وڃن ٿا ۽ پوءِ اهي دليل مفروضي کي سچي ثابت ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا. هن قسم جي اڏاوت کي هلوي صاحب (دماغي عمارت سازي) (Mental Architecture) ٿو سڏي. پر جيڪڏهن محقق مفروضي کي غلط ثابت ٿو ڪري تہ پوءِ بہ هي اڏاوت انهيءَ شڪل ۾ رهندي ڇو تہ مفروضي جو سچو باز وزي بہ دليلن تي ٿي هوندو آهي.

مسودي ۽ مضمون جو امتياز

مضمون ڪنهن نہ ڪنهن موضوع جو بحث ڏئي ٿو پر مسودو اها رپورٽ آهي جيڪا سچي پچي تحقيق جي تحريري سمجهاڻي ڏئي ٿي. مضمون ۾ عام طور تي ليکڪ پنهنجا رايا ۽ خيال ڏئي ٿو پر مسودي ۾ رايِن (Opinions) ۽ خيالن جا بنياد ڏنا ويندا آهن. مضمون هرويرو اڳ ۾ حاصل ڪيل معلومات ۾ اضافو ڪونہ ٿو ڪري، مضمون رڳو حاصل ڪيل معلومات جو تت ڏيئي ٿو. يا ڪن امڪانن جو مشورو ڏئي ٿو. پر مسودي جي رپورٽ ۾ وڏو حصو انهيءَ تحرير جو ٿئي ٿو، جيڪا موضوع تي اڳي حاصل ڪيل معلومات ۾ اضافو ٿي ڪري. مضمون نگاري لاءِ ضروري نہ آهي تہ حوالا ڏئي پر تحقيق جي مسودي ۾ اهو تمام ضروري آهي تہ معلومات حاصل ڪرڻ جي طريقن جو ذڪر ڪيو وڃي.

مسودي جي حالت ۾ اهو ڏيکارڻو پوندو آهي تہ اصلي مسئلي جو اڀياس ڪيو ويو آهي ۽ اهڙيءَ ريت نيون حقيقتون کولي لڌيون ويون آهن پر هڪ مضمون ۾ رڳو ايترو ئي حصو ڏيکارڻ ئي ڪافي آهي تہ هن مسئلي تي غور ڪيو آهي ۽ هن لاءِ وڌ ۾ وڌ اهو ضروري آهي تہ هو پنهنجا ذاتي مشاهدا ۽ تجربا بيان

ڪري. مضمون نگار ڪي ڪنهن مسئلي جو حل پيش نه ڪرڻو آهي. ڇو ته هن ڪنهن سائنسي تحقيق جو ڪم نه ڪيو آهي.

مضمون جا مقصد ٻه ٽي ٿين، هڪ دل وندرائڻ ٻيو معلومات ڏيڻ. هن حالت ۾ مضمون نگار دلچسپيءَ سان لکي ٿو پر تحقيق جي حالت ۾ رپورٽ ۾ رکو ايمانداري ۽ اخلاص جو اظهار ڪرڻو هوندو آهي ۽ نتيجا هوبهو پيش ڪرڻا آهن. هن حالت ۾ محقق ضمير غائب جو ضمير ڪم آڻي ٿو ۽ پنهنجي بدران ”مان“ نه پر ”ليکڪ يا هي ليکڪ“ جا لفظ ڪم آڻي ٿو ته جيئن رپورٽ ۾ نري شخصيت جو اظهار ٿي نه سگهي. پر مضمون ۾ شخصيت جو اظهار نه ٿئي ٿو پر ڪنهن حد تائين غير رسمي نمونو به اختيار ڪري سگهجي ٿو. هن باري ۾ اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته جنهن مضمون ڪي علمي مضمون (Scholary) چئجي ٿو، اهو مسودي جهڙو ٿئي ٿو.

مسودي جي باري ۾ ڪي عام مشورا

١- صاف ۽ سولي سنڌي ٻولي لکو، ڏکيا لفظ ۽ خاص لفظ ڪم نه آڻيو، نه ته توهان جا خيال پوري ريت سمجهه ۾ نه ايندا.

٢- سنڌي ۾ ٽيڪنيڪي لفظن ۽ اصطلاحن جو هڪ ذخيرو موجود ٿي ويو آهي پر اهي لفظ توهان کي هڪ ئي جاءِ تي گڏ نه ٿا ملن. هن حالت ۾ توهان پنهنجي معلومات ڪان سواءِ پنهنجي ڄاڻ تي به ڀروسو رکو. مسودي ۾ توهان خاص انگريزي لفظن لاءِ پنهنجو هڪ موزون سنڌي لفظ ڏيو، پر انگريزي لفظ ڏنگيءَ ۾ ڏيندا وڃو ته جيئن معلوم ٿي سگهي ته توهان جو تجويز ڪيل لفظ ڪهڙي انگريزي لفظ جي معنيٰ ڏئي ٿو.

٣- ظاهر آ ته هن حالت ۾ ليکڪ جي پنهنجي طرز تحرير تي برو اثر پوي ٿو ۽ هن جي فطري ۽ سياويڪ ٻوليءَ جي خبر نه ٿي پوي پر توهان يقين ڪريو ته اسان کي سنڌي ۾ لکڻ جي

Gul Hayat Institute

لاءِ ۽ بهتر لکڻ جي لاءِ ڪي قربانيون به ڏيڻيون آهن.

٤. جيستائين نثر لکڻ جي ڪم جو تعلق آهي، تـوهان پنهنجي تحقيق جي مسودي ۾ ان جـو رکـو هڪ نمونو ڏئـي ٿا سگهو پر توهان ان ۾ پنهنجي نثر جو مخصوص ڍنگ ۽ حسن پري نہ ٿا سگهو. ان ڪري تحقيق جو مسودو تـوڙي اوهان جو لکيل خود توهان کي رکو ۽ بي سوادو نظر ايندو. ڪيترن ئي وڏن نثر نويسن جي حالت به اِها آهي. انهن جي مسودي جـي ٻولي انهن جيُ ذاتي ٻولي نہ هوندي آهي ۽ ڪن حالتن ۾ هو ويچارا مسودي کي شوق سان پڙهي به نہ سگهندا آهن. اهڙي حالت ۾ توهان کي ايئن سمجهڻ نہ گهرجي تہ توهان پنهنجي مخصوص انداز سان لکي نہ ٿا سگهو. مسودي جو ڪم پورو ڪري پوءِ توهان وري پنهنجيءَ پوريءَ نثري صلاحيت (Prose Ability) سان لکڻ شروع ڪيو. پنهنجي نثر ۾ رنگ، ادائگي، ادا، حسن پـري ڇڏيـو. ٻوليءَ جو لطف ماڻيو ۽ ٻين کي اهڙو موقعو ڏيو. پر چڱو آهـي تہ هي ڪم توهان مسودي ۾ نہ ڪريو.

٥. توهان جون سڀ تحريرون (Statements) چئن نمونن ۾ ورهائي ٿيون سگهجن. توهان هنن نمونن کي چڱيءَ ريت سمجهو.

(١) نري حقيقت جي اظهار جي تحرير.

(٢) بنيادي ڳالهہ جيڪا تسليم ڪيل هجي، ان جي تحرير.

(٣) ماهرن جي راءِ جو اظهار.

(٤) ليکڪ جو ذاتي رايو.

هنن چئن حالتن ۾ توهان کـي نثر جا چار نرالا نمونا لکڻا آهن. برابر توهان جو ڪم مشڪل آهـي پر توهان جيستائين اهو ڪم شروع ئي نہ ڪيو آهي، توهان کي اهو ڪيئن معلوم ٿيو تہ توهان هن طرح لکي نہ ٿا سگهو. ليکڻ جو هنر صرف لکڻ سان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو. البت ڳالهين جي باري ۾ توهان پنهنجي مضمون نويسي ۽ نثر نويسيءَ جي پروفيسرن سان مشورو ڪريو.

Gul Hayat Institute

هنن ڇهن نقطن جي باري ۾ توهان چار جدا تحريري نمونا پڙهو يا استادن کان لکائي پنهنجي ڪاپيءَ تي رکو. پوءِ انهن کي خيال ۾ رکي، هرهڪ نموني جي تحرير وري ورِي لکو. بس توهان کي لکڻ اچي ويندو. هيٺ توهان اهڙين تحريرن جا نمونا پڙهو:

١- ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو.

٢- ڊاڪٽر بلوچ ڇاڻائي ٿو.

٣- ڊاڪٽر بلوچ هئن ٿو لکي.

٤- ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ آهي ته

غور ڪندا ته توهان کي معلوم ٿيندو ته سنڌي ٻوليءَ جي تمام ٿورڙن لفظن جي مدد سان به توهان تمام وڏو ڪم ڪري ٿا سگهو. پهريان لفظ "لکي ٿو" نري حقيقت جي اظهار جي لاءِ ڪم ايندا. "ڇاڻائي ٿو" وارا لفظ تسليم ڪيل ڳالهه جي لاءِ ڪم ايندا. "هئن ٿو لکي" وارا لفظ ماهراڻيءَ راءِ جي لاءِ لکيا ۽ "جي راءِ آهي ته" وارا لفظ ذاتي راءِ جو اظهار ڪندا. بس ڳالهه ڪل ايتري آهي.

چوٿين قسم جي تحرير لاءِ توهان نوٽ ڪريو ته ان کي توهان اصل مسودي ۾ نه پر ان جي فوٽ نوٽ ۾ آڻيندا. ذاتي راءِ جي تحقيقي اهميت جي باري ۾ توهان مٿي پڙهي چڪا آهيو.

(٦) توهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته آهي ماڻهو جيڪي توهان جي تحقيق جي رپورٽ يا مسودي کي پڙهندا، سي توهان جهڙا ماهر يا اڃان به کي وڌيڪ ڄاڻو هوندا. آن ڪري اوهان پنهنجي فني ۽ علمي ڪيفيت جو ڀرپور مظاهرو يا اظهار ڪريو. پر ياد رکو ته توهان ماهرن کي نه ڀنيلائي سگهو ٿا، نه ئي بيوقوف بنائي ٿا سگهو. اهي توهان جي ڪمزورين کي ڄاڻن ٿا ۽ هو توهان تي ڪڙي نظر رکن ٿا ته جيئن توهان سڌوسنئون، سنو ۽ برجستو لکو. ان ڪري اهڙي ڪوشش ئي نه ڪريو جنهن جو توهان کي ڪوبه فائدو نه ٿئي. هونئن به لکڻ جي اخلاقيات جي اصولن جو توهان کي لحاظ رکڻو آهي.

Gul Hayat Institute

توهان کي خبر هئڻ گهرجي تہ ماهر توهان جي رپورٽ پڙهڻ کان پوءِ هيٺ ڏيکاريل سوالن جا جواب تلاش ڪن ٿا:

١- مسئلي جي تحريري صورت مختصر ۽ سمجهڻ جهڙي آهي يا نہ؟

٢- مسئلي کي پوري ريت سمجهايو ويو آهي يا نہ؟ ۽ ان کي جدا جدا هيڊن ۾ پوري ريت ورهايو ويو آهي يا نہ؟

٣- مفروضي جي تجزيئي جي لاءِ موزون طريقو اختيار ڪيو ويو آهي يا نہ؟

٤- مسئلو نئون آهي يا ان تي اڳ ۾ ڪٿي ڪم ڪيو ويو آهي؟

٥- جيڪڏهن مسئلي تي اڳ ۾ ڪي ڪم ڪيو ويو آهي تہ ڇا محقق ان کان واقف آهي يا نہ؟

٦- ڊيٽا سچي هٿ ڪئي وئي آهي يا ممڪن ڊيٽا کي هٿ ڪيو ويو آهي؟ ۽ ان کي منطقي طور تي مرتب ڪيو ويو آهي يا نہ؟

٧- مثال، جوڳا ۽ تعداد ۾ مناسب ڏنا ويا آهن يا نہ؟

٨- دليل صاف ۽ برجستہ آهن يا نہ؟

٩- منصف مزاجي، ايمانداري ۽ خلوص کان ڪم ورتو ويو آهي يا نہ؟

١٠- تحقيق علمي خيال کان ڪيتري اهميت واري آهي ۽ ان جي مڪمل ٿيڻ سان موضوع جي باري ۾ جيڪا تحريري معلومات ملي آهي ان ۾ هن تحقيق جو ڪيترو حصو آهي؟

١١- محقق پنهنجي ذاتي صلاحيت کان ڪيترو ڪم ورتو آهي؟

گرافي وسيلا (The Graphic Sources)

محقق جي ڪم جي مسودي ۾ ڪن چارٽن، گرافن ۽

Gul Hayat Institute

شڪلين کي ڪم آندو ويندو آهي، ان مان ڪي اهم هيٺ ڏجن ٿا:

١- ليڪن وارو گراف (Line Graph)

گراف جو هي نمونو عام نمونو آهي ۽ هر جاءِ تي استعمال ٿئي ٿو. هي گراف ڪن بہ حقيقتن جي پاڻ ۾ لاڳاپي جو اظهار ڪري ٿو. هن جو خاص ڪم هي آهي تہ اهي تبديليون، جيڪي ڪنهن بہ هڪ حقيقت (Known Fact) ۾ واقع ٿين ٿيون تن جو اظهار ڪري.

٢- بار چارٽ (Bar Chart)

بار چارٽ جو نمونو ڪن حقيقتن کي پيش ڪرڻ جو هڪ وسيلو هوندو آهي. تعداد يا نمبر جي خيال کان وڏي ۾ وڏي حقيقت کي وڏي ۾ وڏيءَ بار ۾ ڏيکاريو ويندو آهي تہ جيئن پيش ڪرڻ جي حالت ۾ هرهڪ حقيقت جي تعداد، نمبر يا مقدار جي خبر پوي.

٣- پائي چارٽ (The Pie Chart)

هن چارٽ جو وڏو فائدو هي آهي جو هن جي مدد سان ڪنهن بہ هڪ سڄي شيءِ جي نسبتي ڀاڱن کي، جدا جدا حصن کي آسانيءَ سان ڏيکاري سگهجي ٿو.

٤- ڪي ٻيا نمونا

هنن نمونن کان سواءِ ڪي نقشا، تصوير گراف (Picture Graphs) ۽ تعدادي جدولون (Statistical Tables) بہ ڪم آڻي سگهجن ٿيون.

١. صفائي (Clearness): هن حالت ۾ ٻڌائين يا نمونو سادو هجي ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙ اهڃاڻ تمام ٿورا هجن.

٢. مناسبت (Accuracy): ڏنو وڃي تہ هي چارٽ حقيقتن جو

اظهار ڪري ٿو يا نہ.

٣. ڪشادگي (Wholeness) چارٽ جي هڪ خصوصيت هيءَ آهي تہ اهو ايترو ويڪرو هجي جو ان ۾ گهربل حقيقتون سڀ ڇاڻائي سگهجن. هن حالت ۾ چارٽ يا گراف مڪمل (Chart or Graph) چيو ويندو. *

تحقيقي مقالي جون ڪي اوڻايون

محقق کي گهرجي تہ هو اهو معلوم ڪري تہ عام طور تي تحقيق جي مقالي جا عيب ڪهڙا آهن. هن طرح هو پنهنجي مقالي کي عيبن کان بچائي سگهندو. هن باري ۾ ڪي نقطا اسان هيٺ پيش ڪريون ٿا:

١. پهريون عيب مقالي جو اهو آهي تہ ان ۾ تمام وڏيون دعوائون ڪيون وينديون آهن ۽ مناسب ثبوت مهيا نہ ڪيا ويندا آهن.

٢. مقالي جو ٻيو عيب اهو آهي تہ خيالن جو اظهار صفائي سان نہ ڪيو ويو آهي. يعني خيال سمجهہ ۾ نہ ٿا اچن.

٣. ٽيون عيب آهي بي ترتيبيءَ جو. مواد کي سهڻي ۽ سمجهايل يا وضع ڪيل نموني مرتب نہ ڪيو ويندو تہ مقالو سمجهہ ۾ نہ ايندو. هن عيب جو هڪ سبب هي ٿو ٿئي تہ محقق ڪنهن بہ اڳواٽ رٿيل منصوبي کان سواءِ لکڻ شروع ڪري ٿو.

٤. مفروضي کي سمجهڻ لاءِ مناسب وسيلن جو موزون ذڪر نہ ڪيو ويندو تہ مقالي ۾ هڪ وڏيڪ عيب شامل ٿيندو.

٥. پنجون عيب اهو آهي تہ محقق پنهنجي مسئلي جي تقاضائن کان پوري طرح واقف نہ ٿو ٿئي.

٦. ڇهون عيب اهو آهي تہ محقق حواليادي ڪتابن جو

---

* هنن چارٽن جا ڪي نمونا اسان جناب 'هل وي' صاحب جي ڪتاب تان شڪريي سان هن ڪتاب جي ٻچاريءَ ۾ ڏيئي رهيا آهيون.

Gul Hayat Institute

پورو ذڪر نه ٿو ڪري. اهو سمجهائي نٿو سگهي ته هن ۾ مواد ڪٿان ۽ ڇا جي ضرورت ۾ يا ڪهڙي ضرورت لاءِ ورتو آهي.

٧. ستون عيب مقالي جو اهو آهي ته مسئلي ۽ مقصد جي باري ۾ پوري وضاحت نه ٿي ملي.

٨. اٺون عيب مقالي جي اختصار ۾ ظاهر ٿئي ٿو. اڪثر ايئن ٿئي ٿو جو محقق نئين حقيقت يا نئين خيال کي مسودي ۾ داخل ڪرڻ کان سواءِ اختصار ۾ داخل ڪري ٿو ڇڏي. ڇو ته مسودو مڪمل ٿي چڪو آهي.

مقالي جي اشاعت

لکيو سڀ ڪجهه انهيءَ لاءِ ٿو وڃي ته اهو شايع ٿيندو ۽ ان مان عام طور تي سماج کي، انسان ذات کي ۽ پڙهڻ وارن ماڻهن کي ڪو نه ڪو فائدو ٿيندو. اسان کي معلوم آهي ته ڪيترن ئي هٿ سان لکيل مسودن ۾ انسان ذات ۽ علمي دنيا لاءِ وڏو ڪم ڪيل هئو پر آهي نه ڇپجڻ جي حالت ۾ دنيا جي اڳيان اچي نه سگهيا ۽ اهڙي ريت کي ضايع ٿي ويا ۽ ڪن تي تختن جي مٿان هئڻ ڪري مٽي پوندي رهي. هيءَ صورتحال هاڃيڪار آهي پر هن جو حل لکڻ وٽان ملي نه ٿو سگهي.

جن ملڪن ۾ لکڻ تي ڪي پابنديون عائد ڪيون وينديون آهن، انهن ملڪن ۾ هٿ سان لکيل مسودن جي ڇپائڻ جو سوال حل ڪري نه سگهيو آهي. ڪن ملڪن ۾ ته ڇاپڻ وارا اوزار لکڻ واري جو استحصال ڪن ٿا. هو لکڻ وارن تي پابنديون عائد ڪن ٿا.

ڪن ملڪن ۾ لکڻ جو ڪم سستو وڪامي ٿو. ليکڪ جي پورهئي جو ڪو اجورو نه ٿو ٿئي ۽ ڪن حالتن ۾ ته ليکڪ کي پاڻ ئي پنهنجي لکيئي جو ڪيتو لوڙڻو پوندو آهي. وڏا ليکڪ ۽ محقق ڦاسيءَ تي به چڙهيا آهن ۽ جيلن ۾ به ويا آهن. جاهل ۽ پرستڙيو

Gul Hayat Institute

سياستدان انهن تي فتوائون صادر ڪري ٿو.

ڪن حالتن ۾ ليکڪ محض لکڻ جي ڪري محتاج، مفلس، ۽ قابل نفرت بڻجي ٿو. هو پنهنجي صلاحيتن جو اظهار لکڻ ۾ ڪري ٿو ان ڪري هو نه چوري ڪري ٿو سگهي، نه سمگلنگ ڪري ٿو سگهي، نه سياست ۾ ڀرو وٺي ٿو سگهي ۽ نه مزدوري، دڪانداري ۽ کيتي ٻي ڪري ٿو سگهي. هن حالت ۾ ان جي افرادي قوت جو استعمال لکڻ ۾ ٿئي ٿو. هاڻي جڏهن لکڻ جو ڪو اجورو ڪونه ٿو ٿئي ته ان حالت ۾ ليکڪ جو بک مرڻ يقيني امر آهي. جن ملڪن لکڻ واري جو قدر ڪيو آهي، آهي دنيا کي تعليم ڏين ٿا پر جن لکڻ وارن کي دربدر ڪيو آهي، سي پنهنجون آزاديون به بچائي نه ٿا سگهن. عقل ۽ علم تي مار-مارو جهالت جي قوت کي وڌائڻ جهڙو آهي. پر سياستدان ليکڪ کان وڌيڪ طاقتور ٿئي ٿو ان ڪري ترقي پذير ملڪن ۾ ڇاپڻ جون سهولتون تمام گهٽ آهن. هيءَ صورتحال هڪ طرف استحصال کي طاقتور بڻائي ٿي ته ٻئي طرف وري انسان دشمنيءَ کي قوت پهچائي ٿي.

ڪن حالتن ۾ تحقيق جي ڪم جي اشاعت تي ان ڪري به پابنديون عائد ٿين ٿيون جو انهن جي شايع ٿيڻ سان فني ۽ ڪاروباري معلومات عام ٿي وينديون آهي ۽ هڪ خاص فرم يا ادارو پنهنجي هڪ هٽيءَ کي قائم رکي نه سگهندو آهي ۽ هو انهيءَ تحقيق جي مدد سان انسان ذات جو استحصال ڪري نه سگهندو آهي.

ڪن حالتن ۾ تحقيق جي ڪم جي شايع ٿيڻ تي انهيءَ ڪري به پابنديون وڌيون وينديون آهن جو ان ۾ رائج سياسي ۽ مذهبي نظرين جي سرپرستيءَ جي جهڙي کي خطري جو مواد هوندو آهي. هن قسم جون حرڪتون انسان ذات سان دشمنيءَ جون حرڪتون هونديون آهن.

دنيا ۾ عقل ۽ علم تي ظلم ۽ تشدد واري هيءَ صورتحال

مهاڀاري لڙائيءَ کان به وڌيڪ خطرناڪ ٿئي ٿي. پر ان کي روڪڻ جي لاءِ دنيا جو ڪو به ادارو ڪوشش وٺي نه ٿو سگهي. انسان جي هن بي وس هٿڻ ۾ ڏسي انسان ذات جي تباهيءَ جو سامان موجود آهي.

اهي تحريرون جيڪي وڪامي سگهن ٿيون، جيڪي ذهني عيش موجود ڪري ڏين ٿيون، جيڪي جنسياتي خواهش کي سستي تسڪين پهچائن ٿيون، جيڪي سياستدان جي تعريف ۾ لکيون ٿيون وڃن، جيڪي غير انقلابي ۽ خوشامد سان ڀرپور ٿين ٿيون، سي وڪامن ٿيون. انهن جو اجورو ملي ٿو (ڪٿي ٿورو ڪٿي گهڻو) ۽ انهن جي مدد سان ليکڪ روزي ڪمائي ٿا سگهن پر جيڪي تحريرون عقل ۽ علم جي بنيادن کي مضبوط ڪن ٿيون، سچ جي حمايت ۾ لکيون ٿيون وڃن، استحصال ۽ ظلم جي خلاف جنگ جوٽين ٿيون، نوعيت جي خيال کان انقلابي آهن ۽ بنيادي روايتن کان انڪار ٿيون ڪن ۽ اختلافي نقطهء نظر پيش ٿيون ڪن سي شايع نه ٿيون ٿين.

هن حالت ۾ محقق هڪ انتهائي مظلوم شخص هوندو آهي. انساني حقن جي انڪار جو وڏي ۾ وڏو اثر ته انهيءَ تي پوي ٿو، جيڪو انساني حقن کي بحال ڪرڻ جي جدوجهد ڪري ٿو ۽ محقق به اهڙو ئي ماڻهو ٿئي ٿو.

هنن ڳالهين کي خيال ۾ رکي محقق کي گهرجي ته:

(۱) هو پنهنجي اخلاقي نظام ۾ هڪ غازيءَ جو ڪردار ادا ڪري.

(۲) هو مالي فائدي جي اميد نه رکي ۽ روزيءَ جي وسيلي طور ڪو ٻيو ڪم به ڪري.

(۳) هو محض ان اميد تي زنده نه رهي ته انسان دوستيءَ جو اجورو ڪڏهن نه ڪڏهن ضرور ملندو.

(۴) هو انهيءَ ڳالهه جي لاءِ به تيار رهي ته فقط هن تحقيق جي ڪري انهيءَ ڳالهه جو امڪان به آهي ته هن کي بک مارڻ

وڃي يا دربدر ڪيو وڃي.

خود تعليمي ادارن ۾ اشاعت جو جو ڪو انتظام موجود نہ ٿو ٿئي. سنڌ يونيورسٽي ۾ بي انداز لکيل مسودا شايع ٿيڻ لاءِ رکيا آهن. هن حالت ۾ اسان لاءِ ضروري آهي تہ لکون تہ احتياط سان لکون، اختلافي مسئلن کي هٿ نہ لايون. ننڍا ننڍا مسئلا هٿ ۾ کڻون، جيستائين ٿي سگهي "ڪڙڪ جي ماني زور سان ڇپاڙي کائون"* ۽ اشاعت جي وسيلن کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪريون.

علم تحقيق جي خيال کان شايع ڪرڻ لاءِ لکڻ جا ڪي پيا بہ اصول ٿين ٿا. اسان هيٺ انهن جو بيان ڪري رهيا آهيون.

(١) ڪتاب جو مسودو صاف طور تي لکيو وڃي ۽ نقل ڪرڻ کان پوءِ وري وري پڙهيو وڃي.

(٢) شايع ٿيڻ وقت پروف ريڊنگ جو جو ڪو انتظام ڪيو وڃي. پريس ۾ ڪم ڪرڻ وارو عام ماڻهو ٿئي ٿو. هو رڳو پنهنجي فن کان واقف هوندو آهي. هو محقق جي ڪم جي ڪيترين ڳالهين کي سمجهي نہ ٿو سگهي.

(٣) ترتيب جي ٽيڪنيڪ کي شايع ٿيڻ وقت بہ اختيار ڪجي.

(٤) هجي جي غلطين کي سڌاريو وڃي.

(٥) چارٽن ۽ گرافن جي لاءِ خاص ڇپائيءَ جو بندوبست ڪيو وڃي.

(٦) مسودي کي هر طرح مڪمل ڪري پوءِ ڇپائيءَ لاءِ ڏنو وڃي.

(٧) جيستائين سنا ۽ چاٺو نقل ڪرڻ وارا هٿ اچن، تيستائين مسودا ليکڪ کي پاڻ لکڻ گهرجن. نقل ڪرڻ وارن جون غلطيون

* هي لفظ انهيءَ ماڻهوءَ جا آهن، جنهن کي لکڻ جي نتيجي ۾ سڄي عمر مفلس رهڻو پيو آهي، پر اسان رڳو ان جو نالو بہ لکي نہ ٿا سگهون.

مسودي کي تباهه ڪري سگهن ٿيون.

(٨) ٽائيپ سان لکيل مسودن جي لاءِ ساڳي ريت احتياط کان ڪم وٺجي.

(٩) پروف ريڊنگ جي ڪم جي نظرداري خود ليکڪ کي ڪرڻ گهرجي. هي ڪم ملازمن يا دوستن جي مدد سان نه ڪرڻ گهرجي.

لئبريري يا ڪتب خانو ڪيئن ڪم آڻجي:

ڪتب خاني کي ڪم آڻڻ لاءِ ڪي قانون وضع ڪيل آهن مثال طور:

(١) ڪتبخاني جي انتظامي عملي جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ.

(٢) ڪتبخاني جي واسطيدار شعبن ۾ وڃي واقفيت حاصل ڪرڻ.

(٣) ڪتابن حاصل ڪرڻ يا استعمال ڪرڻ جا قانون ڄاڻڻ.

(٤) حوالياتي ڪتابن جا شعبا ڄاڻڻ.

(٥) هرهڪ مضمون تي موجود ڪتابن مان ڪنهن به هڪ ڪتاب کي ڳولي لهڻ جو طريقو.

(٦) لئبريريءَ ۾ ڪم ڪرڻ جا آداب.

(٧) لئبريريءَ ۾ ڪم ڪرڻ جون سهولتون ۽ انهن جو استعمال ۽

(٨) لئبريريءَ جي بندوبست جي باري ۾ شايع ٿيل ڊايا-گرام جو اڀياس.

حوالياتي ڪتابن جو مسئلو به خاصو مشڪل آهي. هڪ سٺيءَ بهتر ڪارڪردگيءَ واريءَ لئبريريءَ ۾ هن مسئلي جو حل تلاش ڪيو ويندو آهي. هن باري ۾ لئبريريءَ جي انتظاميا کي هيٺ ڏيکاريل ڳالهين جو بندوبست ڪرڻ گهرجي.

(١) ڇپيل گائيڊ جنهن ۾ حوالياتي ڪتابن جي معلومات هجي.

Gul Hayat Institute

(٢) لئبريريءَ ۾ جدا جدا ڪمرن ۽ شعبن جي باري ۾ هڪ ڊاياگرام.

هن ڊاياگرام ۾ اهو ڏيکاريو وڃي ته رسالا، حواليانتي ڪتاب، ايپاس جو ڪمرو (Reading Room) خاص خاص ڪتابن جا ڪيٽ، مئڪرو فلم ۽ مئڪرو ڪارڊ جو شعبو، اخبارن جا تراشا، (Clippings) اصل مسودا، اشتهار ۽ ننڍا ڪتاب، ڪٿي ڪٿي رکيا ويا آهن ۽ انهن مان ڪنهن ڪي به ڪهڙيءَ ريت ڪم آڻي سگهجي ٿو.

هنن ڳالهين ڪان سواءِ هڪ ٻئي ڪتبخاني جي فرضن ۾ اها ڳالهه به شامل آهي ته ضرورت پوي ته ڪتاب يا ٻيو وسيلو ڪنهن ٻيءَ لئبريريءَ مان به وٺي محقق کي مهيا ڪيو وڃي: هن باري ۾ يونين ڪئٽالاگ جو نمونو هر لئبريريءَ ۾ موجود رهي ٿو. هن ڪئٽالاگ مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته هڪ ڏسي ملڪ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪتبخانا آهن ۽ انهن مان هرهڪ وٽ ڪهڙا ڪهڙا خاص ڪتاب موجود آهن ۽ آهي ڪهڙن شعبن سان تعلق رکن ٿا.

هن حالت ۾ ڪنهن به ڪتبخاني مان ڪو ڪتاب وٺڻ جا ڪي طريقا ٿين ٿا. آهي اسان هيٺ ڏيون ٿا:

(١) قرض جو طريقو — هن حالت ۾ لئبريريءَ جي طرفان باقاعدي عرض ڪيو ويندو ته فلاڻو ڪتاب قرض طور ڏنو وڃي. قرض سڌو سنئون محقق شاگرد کي ملي نه ٿو سگهي. هي قرض ڪتبخاني کي وٺڻو آهي ۽ پوءِ شاگرد کي ڏيڻو آهي.

(٢) فوٽو ڪاپي — هن حالت ۾ ڪتبخانو ڪنهن به ڪتاب جي ڪنهن صفحي يا ڪن صفحن جي فوٽوڪاپيءَ جي درخواست ڪندو آهي.

(٣) مئڪرو فلم — هن حالت ۾ ڪتبخانا ڪتبخانن وٽان ضروري مواد جي مئڪرو فلم حاصل ڪندا آهن ۽ پوءِ ان کي پنهنجي ڪتبخاني جي پروجيڪٽر تي ڏيکاريندا آهن.

(٤) ڪن تمام وڏن ڪتبخانن ۾ ترجمي ۽ نقل ڪرڻ

جون سهولتون به آهن هن حالت ۾ اهــي ڪتبخانا تـرجما يا نقل قرض طور ڏين ٿا يا بلڪل وڪڻي ٿا ڇڏين.

هنن سڀني حالتن ۾ خرچ جو بار ضرورتمند شاگرد تي پوي ٿو پر ڪي تعليمي ادارا تحقيق جي سهولتن ڏيڻ لاءِ خرچ جو بار به کڻن ٿا.

ڪتابن جا نمبر

اسان مٿي ڏيکاريو آهي ته ڪتبخانن ۾ ڪتابن جــي ورڇ جا به طريقا ڪم اچن ٿا. هڪڙو طريقو ميلو ڊيوي (١٨٥١-١٩٣١) جو طريقو سڏجي ٿو ۽ ٻيو ڪانگريس جــي لئبريريءَ وارو طريقو سڏجي ٿو. ڪتابن جي وڏيڪ ورهاست جا مثال اسان هيٺ ڏيون ٿا.

ڊيويءَ جي ڏهاڻيءَ جي طريقي ۾ جيئن اسان مٿي ڏيکاريو آهي ٣٠٠ جو نمبر عمراني علوم جي ڪم اچي ٿو پر عمراني علوم به گهڻا آهن ان ڪري اهو معلوم هئڻ گهرجي ته ڪنهن به هڪ علم جا ڪتاب ڪهڙي نمبر هيٺ ملندا. هن حالت ۾ اسان هڪڙو مثال هيٺ ڏيون ٿا:

سماجي علوم	٣٠٠
شماريات	٣١٠
سياسيات	٣٢٠
اقتصاديات	٣٣٠
قانون	٣٤٠
انتظاميه	٣٥٠
سماجي ادارا	٣٦٠
تعليم	٣٧٠

وري تعليم جا به ڪيئي شعبا ٿين ٿا، ان ڪري ٣٧٠ نمبر کي وڏيڪ هن طرح ورهايو ويو آهي:

تعليمي فلسفو	٣٧٠-١
تعليمي تاريخ	٣٧٠-٩

طريقا ۽ استاد	٣٧١
پرائمري تعليم	٣٧٢
ثانوي تعليم	٣٧٣
تعليم بالغان	٣٧٤
نصاب	٣٧٥
عورتن جي تعليم	٣٧٦
مذهبي ۽ اخلاقي تعليم	٣٧٧،
اعليٰ تعليم	٣٧٨
پبلڪ اسڪول	٣٧٩

اهڙيءَ ريت ڪانگريس جي لئبريريءَ جي طريقي ۾ جيڪو ١٩٠٢ ۾ شايع ٿيو هو تنهن ۾ ڊاڪٽر هربرٽ پٽنام (Dr.Herbert Putnam) جي ٻڌايل طريقي پٽاندر ڪتابن کي ورهائڻ جو طريقو ڏنل آهي. ڪانگريس جي قومي لئبريري واشنگٽن ۾ آهي. هن لئبريري ۾ ٻيست جي لکئي پٽاندر ويهه لک جلد تہ ١٨٩٩ع ۾ هئا ۽ ١٩٥٠ع ۾ هن لئبريريءَ ۾ ٢٩٠ لک جلدن کان بہ وڌيڪ ڪتاب هئا. تعليم تي ئي موجود هن لئبريريءَ ۾ ڪتابن کي L جي اکر سان ڏيکاريو ويو آهي پر وڌيڪ تفصيل هيٺ آيل طريقي پٽاندر آهي:

تعليم (Education)	L
تاريخ تعليم History of Education	LA
تعليم جو نظرياتي پهلو	LB
خاص نمونا ۽ درخواستون	LC
آمريڪا جا اسڪول	LD
آمريڪا جي تعليم آمريڪا کان ٻاهر	LE
يورپي تعليم	LF

اسان متي يونين ڪئٽالاگ جو ذڪر ڪيو آهي. هي طريقو ڪتابن جي ورهاست جو ٽيون طريقو آهي.

پڙهڻ يا اڀياس ڪرڻ

(١) پڙهڻ جا طريقا

شاگرد اهو نه آهي، جيڪو يونيورسٽيءَ ۾ داخل آهي. شاگرد اهو آهي جيڪو ڪنهن نه ڪنهن مضمون جو اڀياس ڪري ٿو، ڪتاب پڙهي ٿو، ڪتابن جي تلاش ۾ رهي ٿو، ڪلاس ۾ حاضر رهي ٿو، ليڪچر جا نوٽس لکي ٿو، استاد کان سوال پڇي ٿو ۽ پيش آيل مسئلن جي حل ۽ ڇنڊڇاڻ جي ڪوشش ۾ رهي ٿو. اهڙيءَ حالت ۾ نصابي مضمون کان سواءِ هُن جي ضرورت اِها آهي ته هن کي اهو معلوم هجڻ گهرجي ته پڙهڻ جو هنر (Technique Study) ڪهڙو آهي ۽ اهو هنر هو ڪيئن حاصل ڪري ٿو سگهي. اسان جي يونيورسٽين جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري اها آهي جو انهن ۾ پڙهڻ جي ٽيڪنيڪ جي باري ۾ تعليم جو ڪو بندوبست ڪونهي. بي هنرو شاگرد پنهنجون صلاحيتون وڃائي ٿو ۽ ملڪ جي ٽوٽل افرادي قوت تي برو اثر ٿو وجهي.

پڙهڻ جي طريقن (Methods) جي حيثيت اوزارن (Tools) جهڙي آهي. هن طرح مطالعي جي جدا جدا نمونن ۾ جدا جدا طريقا ڪم اچن ٿا. هنن طريقن تي بحث کان اڳ ۾ اسان انهن سببن جو اڀياس ڪريون ٿا، جن جي ڪري شاگرد پڙهڻ جي باري ۾ تمام پوئتي آهن. اهي سبب اسان هيٺ ڏيون ٿا:

(i) تعليم جو ذريعو ٻولي
(The Medium of Education)

تعليم جي ماهري ۾ اسان انگريزيءَ کي تعليم جي ذريعي طور ڪم آڻيندا رهيا آهيون. هڪ ٻوليءَ جي حيثيت سان انگريزيءَ جي وڏي اهميت ۽ ضرورت جي بنياد تي اسان پنهنجي تعليمي نظام ۾ انگريزيءَ کي پاڙهڻ ۽ پڙهڻ جو ذريعو بڻايو آهي. هن حالت ۾ اسان ٻوليءَ جي سماجي، تعليمي، نفسياتي، ۽ انتقالي (Communicative) ڪارجن کان بي خبر رهيا آهيون. ٻوليءَ جو

هڪ ڪلچري پس منظر به ٺٺي ٿو. ٻولي سوچڻ ۽ غور ڪرڻ جي عادتن جي تعمير به ڪري ٿي. هن خيال کان تعليم جي نظام ۾ مادري ٻوليءَ يعني پنهنجي ٻوليءَ ۽ ڌاري ٻوليءَ جي وچ ۾ وڏو فرق آهي. ڌاري ٻولي اسان جي سوچ جي صلاحيت تي برو اثر ڪري ٿي. ڌاري ٻوليءَ جي ڪري اسان جو ذهن پابند ۽ منجهيل رهي ٿو ۽ ان ۾ تخليقي صلاحيت پيدا نه ٿي ٿئي. هن طرح ملڪ جي افرادي قوت بيڪار پاڻيءَ جيان گندي ۽ بدبوءِ واري ٿي پوي ٿي ۽ ان مان عمليت ۽ تازگي نڪري ٿي وڃي. هن صورتحال جو علاج اهو آهي ته تعليم مادري ٻوليءَ جي وسيلي ڏني وڃي ۽ ڪتاب جيڪي لکيا وڃن، سي به مادري ٻولين ۾ ئي لکيا وڃن.

(ii) امتحانن جو اڻ سڌريل طريقو

اسان جي تعليمي ادارن ۾ امتحانن جو طريقو انتهائي ناقص ۽ نقصان رسائيندڙ آهي. هن باري ۾ وڏيءَ تحقيق جي ضرورت آهي. اسان جي ادارن ۾ عمراني علوم ۽ ٻولين جي مضمونن ۾ ته تعليم جي معيار جي پستيءَ جو وڏي ۾ وڏو سبب امتحانن جو ناقص طريقو آهي.

(iii) اڻ پورا وسيلا

هنن وسيلن ۾ ڪتبخانا، استادن جي پيشهائي صلاحيت، تحقيق جا پيا وسيلا ۽ پاڙهڻ جا طريقا شامل آهن.

(iv) تعليم جو روايتي (Conventional) ڪردار

اسان جي ملڪ ۾ سيڪيولر نظريات جي مخالفت جي ڪري آزاد ۽ جستجو واري سوچ اڀري نه سگهي آهي. هن حالت ۾ تعليم جي پراڻي ۽ روايتي ڪردار جي ڪري اسان جي سماج ۾ ضروري تبديليون اچي نه سگهيون آهن.

هنن خاص سببن جي ڪري اسان جي شاگردن ۾ اڀياس ڪرڻ جون سٺيون عادتون پيدا ٿي نه سگهيون آهن. هنن سببن سان گڏ هڪ اهو سبب به آهي ته اسان پڙهڻ جي هنر سيکارڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪئي آهي.

Gul Hayat Institute

(٢) ڪتاب ڪيئن پڙهجي

(i) وقت بچائجي

هن حالت ۾ رڳو پڙهڻ جي تياري ڪرڻ، ڪتابن اٿلائڻ، ميز جي صفائي ڪرڻ، روشنيءَ جي باري ۾ سوچڻ، ۽ هيڏي هوڏي ڦرندو وتڻ سان وقت نه وڃائجي پر سڌو سنئون اهو طريقو اختيار ڪجي جنهن ۾ ڪتابن مان ڪجهه نه ڪجهه حاصل ڪري سگهجي.

(ii) اهو خيال رکجي ته ڪتاب جوڪو پڙهيو ٿو وڃي ان جو تعلق اصل-مضمون، مسئلي يا نصاب سان ڪهڙو ۽ ڪيترو آهي. غير ضروري ڪتاب نه پڙهڻ گهرجن.

(iii) نوٽس ٻن قسمن جا ٿون ٿا. هڪڙا آهي جيڪي استاد لکائي ٿو ۽ ٻيا آهي جيڪي شاگرد پاڻ تيار ٿو ڪري. استاد جي نوٽس مان فائدي وٺڻ لاءِ ضروري آهي ته ڪلاس ۾ حاضر رهجي. ان ڪري شاگردن جي لاءِ ضروري آهي ته هو ٻر زبان ياد ڪرڻ کان وڌيڪ سمجهڻ ڏانهن ڌيان ڏئي.

(iv) سمجهڻ جي ڪم جو تعلق آهي معلوم ڪرڻ (Inquiry) جي جذبي ۽ مسئلن ۽ سوالن جي حل ڪرڻ جي جذبي ۽ خواهش سان. جنهن شاگرد ۾ تعليم ۽ سکيا ڪي ذاتي زندگيءَ ۾ ڪم آڻڻ جو جذبو ڪونهي، اهو سمجهي به نه سگهندو. هن حالت ۾ استاد جو فرض آهي ته هو هر ليڪچر جو هڪ علمي ۽ زندگيءَ سان واسطو رکندڙ پهلو به پيش ڪري.

(v) ڪتاب کي چڱيءَ طرح سمجهڻ جي لاءِ سوالن مقرر ڪرڻ ۽ انهن جي جوابن ڏيڻ جو ڪم تمام ضروري آهي. هن طرح هرهڪ سٺي ڪتاب ۾ سوال ڏنا ويندا آهن.

(vi) پڙهڻ کان اڳي سوال تيار ڪجن ۽ انهن کي ذهن ۾ رکي پوءِ ڪتاب مان انهن جا جواب حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي.

(vii) پڙهڻ جو سچو مقصد ٿي آهي مسئلن جا حل ۽ جواب

ڳولي لهڻ.

(viii) ڪتاب پڙهڻ کان اڳي ڪتاب جي فهرست (Con-tents) کي غور سان پڙهجي. قابل ليکڪ فهرست کي ڪتاب ۾ بحث هيٺ آيل مسئلن جي خيال کان لکن ٿا. هن طرح فهرست جي اڀياس مان انهن مسئلن جي معلومات ملي ويندي، جيڪي ان ڪتاب ۾ حل ڪيا ٿا وڃن.

(ix) جن ڪتابن ۾ مهاڳ ڏنو ٿو وڃي، تن جي مکيه سوالن ۽ سڄي بندوبست کي مهاڳ ۾ سمجهايو ويندو آهي. مهاڳ مان معلوم ٿئي ٿو ته:

(١) ڪتاب ڇو لکيو ويو آهي.
(٢) ڪتاب ڪهڙيءَ ريت رکيو ويو آهي.
(٣) ڪتاب جي هرهڪ حصي مان ڪهڙي معلومات ملي ٿي.
(٤) ڪتاب جو تعلق ڪهڙن خاص مسئلن سان آهي.
(٥) ڪتاب جي لکڻ ۾ مصنف جـي مدد ڪهڙن ماڻهن ڪئي آهي ۽
(٦) ڪتاب لکڻ ۾ ڪهڙن ڪتابن کان مدد ورتي وئي آهي.

هن طرح مهاڳ جو اڀياس به ڪتاب شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪرڻ کهرجي.

(x) سڀنا ۽ مهاڳ کان سواءِ ڪتاب ۾ فوٽ نوٽن ۽ حوالن ۽ ڪتابن جي لسٽ کان سواءِ ضميما به شامل هوندا آهن. ضروري آهي ته فوٽ نوٽن، حوالن، ڪتابن جي لسٽ (Bibliography) ۽ ضميمن جو اڀياس به غور سان ڪيو وڃي.

(xi) ڪتاب ۾ جـو ڪجهه به هونـدو آهي سو ڪنهن نه ڪنهن محقق، عالم، استاد ۽ ليکڪ جي ذهن ۽ طبيعت، قابليت ۽ هنرمنديءَ جو نتيجو هوندو آهي ان ڪري ڪتاب کـي سمجهڻ جي لاءِ ضروري آهـي ته ليکڪ جـي باري ۾ به معلومات حاصل ڪجي. ڪن حالتن ۾ ليکڪن جي باري ۾ معلومات ڪتاب جي

پهرين يا پوئين صفحي تي هوندي آهي پر ضروري آهي ته هن باري ۾ ڪتبخاني جي عملي ۽ استادن سان به مشورو ڪجي.

(xii) ڪتاب ۾ حوالن جي باب ۾ وڏن لفظن جي بدران ننڍا لفظ لکيا ويندا آهن. پڙهڻ واري جي لاءِ ضروري آهي ته هنن لفظن جي مطلب کان واقف ٿئي. اسان هي لفظ مٿي ڏئي آيا آهيون.

نوٽس ڪيئن وٺجن

پڙهڻ جي ڪم سان گڏوگڏ هڪ محقق کي نوٽ ڪٺڻ جو ڪم به ڪرڻو پوندو آهي. هرڪو نوٽ مقرر ڪيل مفروضي جي باري ۾ اشارو يا هڪ نقطو پيش ڪري ٿو. گهڻا نوٽ گڏجي اهو ميدان ٺاهين ٿا يا آهو استدلال ٻڌائين ٿا جنهن جي وسيلي مفروضن کي اختيار ڪري يا ان کي ٽڏي سگهجي ٿو. نوٽ ڪٺڻ جو به هڪ هنر ٿئي ٿو. ضروري آهي ته نوٽ وٺڻ جي سڄي سوال کي پوريءَ ريت سمجهي پوءِ ڪم هٿ ۾ ڪڻجي. هن باري ۾ پهريون سوال آهي انهيءَ ڪارڊ يا ڪاغذ جي سائز جو جنهن تي نوٽ ورتو وڃي. نوٽ وٺڻ جي لاءِ نوٽ بوڪ يا ڊائريون به ڪم آنديون وينديون آهن عام طور تي 6x4 انچن جو پڪو ڪارڊ ڪم آندو ويندو آهي. هن حالت ۾ سلپون ۽ ڪاغذ به ڪم آڻي سگهجن ٿا پر ڪارڊن کي سموهڻ ۽ سانڍي رکڻ جو ڪم وڌيڪ آسان ٿئي ٿو. نوٽ وٺڻ وقت خيال اهو ڪرڻو آهي ته نوٽ ڪنهن نه ڪنهن ضروري نقطي کي واضح ڪري ٿو يا نه. غير ضروري نقطي جي باري ۾ نوٽ وٺڻ جو ڪم به غير ضروري هوندو آهي. هرهڪ ڪتاب جي لاءِ ننڍو نوٽ بوڪ جدا رکڻ ضروري آهي پر جيڪڏهن ڪارڊن تي نوٽ ورتا وڃن ته انهن ڪارڊن کي هڪ ڪتاب جي حالت ۾ جدا لفافي ۾ وجهي رکجي. ڪن حالتن ۾ نوٽن جو رڪارڊ ڪتابن جي خيال کان نه پر موضوعات يا سٽا جي نقطن جي خيال کان رکيو ويندو آهي. هن حالت ۾ نوٽ جدا جدا لفافن ۾ وجهي رکجن ۽ هر لفافي تي وڏو موضوع ۽ ننڍو موضوع به لکي ڇڏجن. نوٽس کي

Gul Hayat Institute

ڇهن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي:
(١) حوالو (Quotation)

هن حالت ۾ مصنف جا سڀ لفظ هوبهو نقل ڪرڻا آهن ۽ هنن لفظن کي واڪ جي نشانين ۾ لکڻو آهي. هن حالت ۾ حوالي جي ٻين ڳالهين جو به پورو پورو رڪارڊ رکڻو آهي ته جيئن حوالي ڇاڻڻ جي ڪم ۾ آساني ٿئي.
(٢) نثر جو ٽڪرو (Paraphrase)

هن حالت ۾ مصنف جي لفظن کي محقق پنهنجي لفظن ۾ ادا ڪندو آهي.
(٣) اختصار (Summary)

هن حالت ۾ مصنف جي سڄي مضمون جو ڳوتَت پيش ڪيو ويندو آهي.
(٤) تجزيو

هن حالت ۾ مصنف جي خيال جي باري ۾ محقق پنهنجو خيال ڏيندو آهي.

نوٽ وٺڻ جي باري ۾ ڪي خاص مشورا

ٻوسٽ صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ نوٽ وٺڻ جي لاءِ ڪي مشورا ڏنا آهن، جي ته اسان هيٺ نقل ڪري رهيا آهيون:
(١) نوٽ صرف تمام ضروري مواد حاصل ڪرڻ جي لاءِ لکجي.
(٢) نوٽن جي لاءِ ٤x٦ انچن جا ڪارڊ ڪم آڻجن يا ٥x٨ انچن جا. ڀهريان ڪارڊ آسانيءَ سان مرتب ڪري سگهجن ٿا پر مواد ٿورو ٿا ڏين ۽ پويان ڪارڊ مواد وڌيڪ ٿا ڏين پر ترتيب ۾ مشڪل آهن.
(٣) نوٽ ڪارڊ نقطن جي خيال کان ٺاهجن ۽ پوءِ انهن کي نقطن جي حساب سان جدا جدا رڪارڊ تي آڻجي.
(٤) هڪ ڪارڊ تي رڳو هڪ موضوع لکڻ گهرجي.
(٥) نوٽ کي صاف اکرن ۾ لکڻ گهرجي ۽ فائيل ڪرڻ

وقت انهن کـي ترتيب سان رکجي. سفر کرڻ وقت نوٽ وٺجي نہ ان حالت ۾ ڪارڊ پاڻ سان ساڻ کڻي نڪرجي. عام طـور تي مطالعي جي وقت ۾ ڪارڊن جو ذخيرو پاڻ سان رکڻ گهرجي.

نوٽ ڪارڊ جو نمونو

عنوان: خوش رهڻ جي لاءِ کهڙيون ڳالهيون ضروري آهن.
نوٽ: ماڻهن جون بنيادي ضرورتون هي آهن:
(١) ملڪيت ـ هـن حالت ۾ انسان کـي گروهہ ۾ جاءِ ملي ٿي.
(٢) ڀائيچارو ـ هن حالت ۾ گروهہ جي ڀلائيءَ جي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو.
(٣) رتبو ـ هن حالت ۾ سماج ۾ اهميت ملي ٿي.
(٤) سلامتي ـ هن حالت ۾ ملڪيت، شراڪت، ۽ رتبي کي محفوظ رکڻ جو موقعو ملي ٿو.
حوالو ـ ڪرگ، ايڊورڊ، "نصاب جي تياري" نيويارڪ هارپر اينڊ برادرس، ١٩٥٠ع، ٣٧-٣٤ صفحو

اڀياس جي باري ۾ هن کان پـوءِ اسان مينزل (Menzel) جي آڌار تي اڀياس جي ٽولز کي هيٺ لکي رهيا آهيون:

(١) سٽا ۾ آيـل نقطن کي ڪم آڻڻ.
(٢) ڪتاب جي انڊيڪس (Index) کي ڪم آڻڻ.
(٣) لغت کي ڪم آڻڻ.
(٤) ٻين حوالياتي ڪتابن کي ڪم آڻڻ.
(٥) نقشا، گراف ۽ رهبر استعمال ڪرڻ.
(٦) اٽلس کي استعمال ڪرڻ.
(٧) لئبريري کي ڪم آڻڻ.

علم تحقيق ۾ طريقي جي اهميت

لئبريري جي موزون استعمال ۽ اڀياس جي طريقن تي سوچڻ

Gul Hayat Institute

ڪان پوءِ اسان جي لاءِ ضروري آهي ته انهن طريقن جو ابياس ڪريون جيڪي علم تحقيق ۾ ڪم آندا ويندا آهن.

اعليٰ معيار جي تحقيق (Advanced Study) جي لاءِ طريقن کي خيال ۾ رکڻ تمام ضروري آهي. هن طريقي جي استعمال سان تحقيق جي قيمت وڌي ٿي پوءِ ته ان جو معيار اعليٰ ٿئي ٿو.

جارج شيلٽن هبل (George Shelton Hubbel) پنهنجي ڪتاب ۾ چوي ٿو ته "تحقيق جي مواد کي سائنسي طور تي ترتيب ڏيڻ جا عام مروج طريقا ٽي آهن: عمراني طريقو (The Normative) تجرباتي طريقو (The Experimental) ۽ تاريخي (The Historical)" ڪن حالتن ۾ هنن ٽنهين طريقن جو گڏيل طريقو استعمال به ڪيو ويندو آهي.

(١) عمراني طريقو:

هي طريقو انساني مزاج جي تقاضائن تي ٻڌل ٿئي ٿو. ۽ هن طريقي ۾ وڏي اهميت انهن قدرن (Values) جي آهي جن جي ڪري تحقيق ڪئي ٿي وڃي. عام طور تي سياست، اقتصاديات، فلسفي، مذهب، ۽ آرٽس جي تعليم جو مقصد آهي معيار مقرر ڪرڻ. نارم (Norm) يا معيار هڪ سراسريءَ جو طريقو (Everage) آهي. هنن علمن جي وسيلي بدلجندڙ دنيا ۾ معيار مقرر ٿين ٿا ۽ انهن کي جديد ترين رکڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. هي طريقو عمراني علوم (Normative Sciences) ۾ ڪم ايندو آهي. هن طريقي جون منزلون يا مرحلا هيٺ ڏجن ٿا:

(١) نتيجا ڳولي ڪڍڻ.

(٢) نتيجن کي استعمال ڪرڻ لاءِ انهن جي تشريح.

(٣) موزون ۽ ڪهڙبل نتيجو ڳولي ڪڍڻ.

(٤) انهن وسيلن کي ڳولي لهڻ، جيڪي ان نتيجي تي پهچڻ ۾ مدد ڪن.

(٥) انهن وسيلن جو استعمال.

(٦) ۽ آخري طور تي انهن وسيلن کي پنهن مامرن ۾

اختيار ڪرڻ.

(٢) تجرباتي طريقو

"تجربو اهو مشاهدو آهي، جنهن ڪي ضابطي ۾ رکيو ويو آهي." تجرباتي طريقو اهو طريقو آهي، جيڪو تجربيگاهن ۾ آزمايو ڏو وڃي. هن طريقي ۾ ڪن حالتن تي ضابطو رکي هڪ تجربو ڪيو ويندو آهي. هن طريقي ۾ مرحلا آهي هوندا آهن، جيڪي سائنسي طريقي جا هوندا آهن. هي مرحلا اسان مٿي ڏئي آيا آهيون.

(٣) تاريخي طريقو:

تاريخي طريقو سبب (Cause) ۽ اثر (Effect) تي ٻڌل هڪ طريقو آهي. هن طريقي ۾ سلسلو (Chronology) ۽ ان جي آڌار تي واڌارو (Development) پنهنجو ڪم ڪن ٿا:

هن حالت ۾ هر موضوع جا چار مرحلا ٿين ٿا:

١. سبب (Causes)
٢. بنياد (Origin)
٣. تاريخ (History)
٤. واڌارو (Development)

هن طريقي ۾ وسيلا، ڪتاب ۽ دستاويز هوندا آهن. هن طريقي مطابق ڪنهن به موضوع جو اڀياس ڪري سگهجي ٿو پر ڪن موضوئن جي لاءِ بهتر طريقا پيا ٿي ٿا سگهن.

هن طريقي جا مرحلا هيٺ ڏجن ٿا:

(١) سبب، (٢) بنياد، واڌاري جا مرحلا، نتيجا ۽ ڪليا جيڪي انهيءَ اڀياس جي بنياد تي قائم ڪجن.

تحقيق جا عام طريقا

(١) ڪيس - اڀياس جو طريقو (Method of Case Study)

هن طريقي ۾ ڪنهن به هڪ ڪتاب، واقعي، تجربي، مريض، پراجيڪٽ يا قانوني ڪيس جو اڀياس ڪيو ويندو آهي. هي اڀياس وڌيڪ گهرو، مڪمل ۽ معلوماتي هوندو آهي ڇو ته تحقيق جو ميدان هن حالت ۾ ننڍو هوندو آهي. ڪيس اڀياس جا ڪي

نمونا هي آهن:

(١) تاريخي اڀياس.

(٢) انٽرويؤ يا معائنو.

هي طريقو سڌريل تحقيق جي ڪم ۾ اچي نہ سگهندو.

(٣) نسلي طريقو (Genetic Method)

هن طريقي ۾ ڪنهن بہ مامري (Subject) جو واڌارو اهڙيءَ ريت اڀياس هيٺ آندو آهي، جو ان جا سڀ مرحلا درجي بدرجي سمجهي سگهجن. هن ۾ حالات ۽ واقعات جي اسبابي سلسلي جو اڀياس ڪيو ويندو جيڪو پنهنجن سببن جي ڪري وجود ۾ اچي ٿو.

ٻيا طريقا آهن: تقابلي طريقو، سروي جو طريقو ۽ مواد جي گڏ ڪرڻ (Compilation) جو طريقو ۽ سوالنامي جو طريقو.

مسودي لکڻ جا ڪي اهم نقطا

ڪتبخاني، اڀياس جي طريقن ۽ تحقيق جي طريقن جي هن مختصر ذڪر کان پوءِ اسان اِتي پهتا آهيون تہ اصل مسودي جي ترتيب جي باري ۾ غور ڪريون.

(١) ليکڪ يا محقق جي ذاتيات

ضروري آهي تہ مسودي ۾ ليکڪ جي شخصيت جو اظهار نہ ٿئي. تحقيق ليکڪ جي ذات جي باري ۾ نہ هوندي آهي. آها تہ ليکڪ يا محقق جي اڀياس سان تعلق رکي ٿي. پر جيڪڏهن ڪن حالتن ۾ ذاتي مامرا يا ذاتيات جو رڪارڊ ڪرڻ ضروري هجي تہ پوءِ اهڙي تحرير رکي فوٽ نوٽ ۾ آڻجي.

هُبل جو خيال آهي تہ پنهنجي لاءِ لفظ اسان، ڪو صاحب يا ”هن رستي تي ڪو نئون مسافر“ جهڙا لفظ ڪم نہ آڻجن. بهتر ائين آهي تہ تڪلف کان سواءِ لفظ ”مان“ ڪم آڻجي. ائين چوڻ کان تہ ”هر ڪو پڇي ٿو“ ائين چوڻ بهتر آهي تہ ”مان پڇان ٿو“ محقق پنهنجي ٻوليءَ جي معرفت پنهنجي شان مان کي برقرار رکي ۽ هيٺين معيار جي زبان استعمال نہ ڪري.

Gul Hayat Institute

(٢) ورتل مواد کي پنهنجي مقصد لاءِ ڪم آڻڻ
تحقيق جي مسودي جو وڏو معيار تڏهن ٿو قائم ٿئي، جڏهن محقق حوالن کي پنهنجي ضابطي ۾ رکي انهن کي پنهنجي مقصد جي تقاضا پٽاندڙ استعمال ڪري ٿو. تمام گهڻا حوالا ۽ ٿورا تشريحي لفظ تحقيق جي مسودي کي بگاڙن ٿا. ٿورا حوالا ۽ وڌيڪ تشريح مسودي ۾ جان وجهي ٿي. سٺو محقق اهو آهي، جيڪو ورتل مواد کي بهترين نموني سان پيش ڪري ۽ ان ۾ ذاتي قابليت جي آڌار تي جان وجهي ڇڏي.
(٣) خلوص ۽ فن تحرير
محقق جي لاءِ ضروري آهي ته جيڪا ڳالهه هو لکي، تنهن ۾ مخلص نظر اچي. نري اداڪاري ۽ اجايو ڏيک مسودي کي بي جان بڻائي ٿو. فن تحرير جا ڪي نقطا هيٺ ڏجن ٿا:
(١) زور ۽ صرفو
(٢) پختگي (Concreteness)
(٣) سڌو سنئون طرز عمل (Directness)
(٤) تاڪيد (Emphasis)

ريسرچ رپورٽ جو نمونو.(Format)

Gul Hayat Institute

هرڪا ريسرچ رپورٽ ڪن قائم ڪيل مرحلن جي حساب سان لکي ويندي آهي. هي مرحلا اسان هيٺ ڏيون ٿا.
الف – اڳيون حصو:
(١) ٽائيٽل پيج.
(٢) شڪريو.
(٣) فهرست.
(٤) فارمن، نقشن ۽ چارٽن جي لسٽ.
(٥) شڪلين (Figures) جي لسٽ.
ب – مسودي جو اصل حصو:
(١) تعارف يا مهاڳ.

- مسئلي جي تحريري صورت.
- مسئلي جي اهميت.
- مسئلي جي اڀياس جو مقصد.
- اوڻاين جو اعتراف.
- ڪن اهم لفظن جي معنيٰ.

(۲) اڳ ۾ ڪيل ڪم جو جائـزو يا واسطيدار حواليـاتـي وسيلن جو تجزيو.

(۳) تحقيق جو نمونو:

- طريقا ۽ مرحلا.
- ذريعا
- ذريعن هٿ ڪرڻ جا طريقا.
- ذريعن هٿ ڪرڻ جو ذڪر.

(۴) ذريعن کي پيش ڪرڻ ۽ انهن جو تجزيو ڪرڻ:

- تحرير.
- نقشا ۽ فارم.
- شڪليون.

(۵) اختصار ۽ اختتام:

- مسئلي جي پيهر تحريري صورت.
- طريقن جو ذڪر.
- نتيجا ۽ انهن جي تحريري صورت.
- وڌيڪ تحقيق جي لاءِ ڪي سوال.

(ت) حوالياتي حصو:

(۱) ڪم آيل ڪتابن جي لسٽ (Bibliography).

(۲) ضميما (Appendix)

رپورٽ جو پهريون حصو

هن صفحي تي عام طور تي هيٺ آيل نقطا ڏنا ويندا آهن.

(۱) موضوع يا مسئلي جي تحريري صورت، ان جو نالو.

(۲) محقق جو نالو.

Gul Hayat Institute

(٣) موضوع جو مضمون ۽ ان جو مقصد يا ڊگري، جيڪا
حاصل ڪرڻي هجي.
(٤) تعليمي ادارو جنهن کي رپورٽ پيش ڪئي وڃي.
(٥) تاريخ جنهن تي رپورٽ پيش ڪئي وڃي.

پهرئين صفحي جو نمونو

موضوع — سنڌ جي معاشي وسيلن جو سنڌي سماج تي اثر.
مصنف — الف-د-و.
تحقيقي مقالو جيڪو ڊي-فل جي ذميوارين پوري
ڪرڻ جي سلسلي ۾.
سنڌ يونيورسٽيءَ کي پيش ڪيو ويو.
جنوري ١٩٧٦ع.

مسودي جو اصل حصو

عام طور تي هن حصي کي پنجن ڀاڱن ۾ ورهايو ويندو آهي.

ڀاڱو پهريون:

هن حصي ۾ اڀياس يا تحقيق جي ميدان جو تعارف ڪرايو ويندو آهي.

Gul Hayat Institute

ڀاڱو ٻيو:

تحقيقي ڊيٽا جو تجزيو هن حصي ۾ ڪيو ويندو آهي. اڳ ۾ ڪيل ڪم يا تحقيق جو تعارف به ڏنو ويندو آهي ۽ هن تحقيق جو خاص مقصد بيان ڪيو ويندو آهي.

ڀاڱو ٽيون:

هن حصي ۾ سڄيءَ تحقيق جي نموني جو ذڪر ڪيو ويندو آهي.

ڀاڱو چوٿون:

هن حصي ۾ ڊيٽا جو تجزيو ڪيو ويندو آهي ۽ ڊيٽا کي پيش ڪيو ويندو آهي.

ياڳون پنجون:

هن ۾ مسودي جي مواد جو اختصار ڏنو ويندو آهي.

مسودي کي ٽائيپ ۾ آڻڻ جو سوال

(١) ڀورين ڪاپيءَ جي لاءِ ڳورو پنو آڇو ۽ 8½x11 انچ سائيز جو ڪم آندو وڃي. باقي ڪاپين جي لاءِ هلڪو پنو ڪم آڻجي.

(٢) پني جي رڳو هڪ پاسي تي لکجي.

(٣) ربن ڪاري ڪم آڻجي.

(٤) وڇوٽي پوري رکجي.

(٥) ساڄي هٿ کان (سنڌي ٽائيپ ۾) ڏيڍ انچ ڇڏجي ۽ کبي پاسي کان هڪ انچ، مٿين پاسي کان سوا انچ ۽ هيٺين پاسي کان ڏيڍ انچ ڇڏجي.

(٦) مسودي جو مواد ٻٽيءَ وڇوٽيءَ (Double Space) تي لکجي. پئرا گرافن جي وچ ۾ ٽيڻي وڇوٽي رکجي ۽ لسٽن جي لاءِ هيڪوٽي وڇوٽي رکجي.

(٧) سٽ جي پڇاڙيءَ وارو لفظ ڪٽي نه ڇڏجي پر جيڪڏهن لفظ کي ڪٽڻو پوي ته خيال رکجي ته لفظ پوري حصي ۾ ورهائجي وڃي.

(٨) اعراب جو خاص خيال رکجي.

(٩) سرخي يا هيڊنگ کي اهڙيءَ ريت رکجي جو وڏي سرخي پني جي وچ تي اچي ۽ ننڍي سرخي ساڄي پاسي کان.

سنڌي مسودي ۾ انگريزي لفظن جو مسئلو:

سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل مواد جي حالت ۾ مسودي ۾ سنڌي لفظن سان گڏوگڏ انگريزي لفظن جو اچڻ ضروري آهي ڇو ته سنڌيءَ ۾ لفظن ۽ ٽيڪنيڪي اصطلاحن جو سوال اڃا پوريءَ ريت حل نه ٿيو آهي. هي مسئلو انتهائي پيچيدو مسئلو آهي ۽ ان جو هڪڙو حل اهو آهي ته ٽائيپ ڪرڻ وقت وٿي ڇڏي ڏجي ۽ مسودي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ هٿ سان انهيءَ وٿيءَ ۾ انگريزي لفظ لکجي.

Gul Hayat Institute

٣- نوٽس ڪيئن وٺجن

نوٽس وٺڻ کان سواءِ جيڪي پڙهجي ٿو، تنهن کي پنهنجي تحقيق جي لاءِ استعمال ڪرڻ جو ڪم ممڪن ئي ناهي ڇو ته ايترو پڙهيو ياد رکي نه ٿو سگهجي. هڪڙي هيءَ ڳالهه به آهي ته تحقيق جي ڪم ۾ يادگيريءَ تي ڀروسو ڪرڻ غلط آهي. نوٽس کي ٽڪنيڪي شڪل ۾ رکڻ جو ڪم ڏاڍو مشڪل آهي. نوٽس وٺڻ جي لاءِ هيٺ آيل ٽن شين مان ڪنهن به هڪ ڪي آسانيءَ سان ڪم آڻي ٿو سگهجي:

(١) ٣x٥ انچن جو ڪارڊ.
(٢) چوٿاڙ يا اڌاس پنو.
(٣) سڄو پنو.

ٻيون ڳالهيون جيڪي ضروري آهن، سي هي آهن:

(١) هڪ پني يا ڪارڊ تي فقط هڪڙو نوٽ لکجي.
(٢) هڪ ئي موضوع تي ورتل جدا جدا نوٽ هڪ ئي وڏي لفافي ۾ وجهي رکجن.
(٣) لفافي جي مٿان موضوع کي وڏن اکرن ۾ لکي ڇڏجي.
(٤) هر نوٽ جي مٿان ان نوٽ جو ذريعو يا اهو ڪتاب ڄاڻائجي جنهن مان اهو نوٽ ورتو ويو هجي.
(٥) هر نوٽ جو موضوع به ڄاڻائجي.

هيٺ اسان نوٽ جو ڪارڊ وارو نمونو ڏيون ٿا. مثال:

(١) تنوير عباسي، ”شاه لطيف جي شاعري“، شاه لطيف ڪلچرل سوسائٽي، ڪراچي، سنه ١٩٧٦ع، صفحو ٥٣٠ سرهاڻ جو ذڪر دنيا جي هر ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ موجود آهي. سرهاڻ ۽ سڳنڌ سان شاعرن جي گهڻي دل آهي، پر شاه لطيف جي لاءِ ٻڙ مڙيوئي بوءِ آهي. — سرهاڻ

مٿي آيل نوٽ جي هن نموني ۾ ڏنو ويندو ته هي نوٽ جدا جدا مقصدن لاءِ به ڪم آڻي سگهجي ٿو. هاڻي اهو ڪم نوٽ وٺڻ واري جو آهي ته اهو پاڻ فيصلو ڪري ته هي نوٽ هو ڪهڙي موضوع لاءِ ڪم آڻيندو. فيصلي ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ ۾ هن موضوع جي لاءِ به ڪجهه نه ڪجهه لکي ڇڏجي ته جيئن اڳتي هلي نوٽ پڙهڻ وقت اهو ياد ڪري سگهجي ته نوٽ ڪهڙي موضوع لاءِ ورتو ويو هو.

(١٤) فوٽ نوٽ

فوٽ نوٽ جي باري ۾ محقق جدا جدا طريقا ڪم آڻيندا آهن. ڪن فوٽ نوٽ ۾ حوالا آندا آهن (جيئن تنوير عباسي، ڊاڪٽر وزير آغا) ڪن حوالن ڪي ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ڪن ڪتاب جي ڀاڱن جي پڇاڙيءَ ۾ آندو آهي (جيئن لئمبرڪ) پر اسان جي لاءِ ڪنهن به هڪ مقرر نموني جو موجود هجڻ ضروري آهي. هن ضرورت کي خيال ۾ رکي اسان کي اهو فيصلو ڪرڻو آهي ته فوٽ نوٽ ۾ حوالو اچڻ گهرجي يا نه. جي اچي ته عام رواجي فوٽ نوٽ کي حوالي سان گڏ هڪ ئي صفحي تي رکجي يا نه ۽ حوالو ڀاڱي يا ڪتاب جي پڇاڙيءَ اچي ته ڪهڙو فائدو ٿيندو. هن باري ۾ تحقيق جي ڪم جي معيار جو سوال به اهم آهي. جيڪڏهن تحقيق جي ڪم ۾ تمام گهڻا حوالا اچن ٿا ته پوءِ اهو ممڪن نه ٿو ٿئي ته حوالا هر صفحي تي فوٽ نوٽ ۾ ڏجن. پر جيڪڏهن صفحي تي هڪ يا ٻه حوالا هجن ته پوءِ حوالا فوٽ نوٽ ۾ ڏئي سگهجن ٿا. فوٽ نوٽ ۽ حوالن کي گڏي لکڻ سان هڪڙو مونجهارو به پيدا ٿئي ٿو. اسان جي خيال ۾ سڀ کان سٺو طريقو اهو آهي ته فوٽ نوٽ کي جدا ۽ حوالي کي جدا رڪارڊ ڪيو وڃي. هن حالت ۾ فوٽ نوٽ ۾ اهو مواد آڻبو جيڪو اهم آهي ۽ ضرور ڄاڻائڻو آهي پر سڌوسنئون موضوع سان تعلق ڪونه ٿو رکي ۽

حوالي ۾ اهو حوالو آڻبو جيڪو وسيلن تان نقل ڪيل مواد جي سڃاڻپ ڪرائي سگهي. هن حالت ۾ فوٽ نوٽ ۾ هي ڳالهيون ايندي‌يون:

(١) اهم ۽ ضروري مواد پر جيڪو موضوع سان سڌوسنئون تعلق نه رکي.

(٢) ڪا به حقيقت جنهن جو تعلق عام معلومات سان هجي.

(٣) راهه جيڪا ٻئي عالم تان ورتل هجي پر ان جو استعمال مسودي ۾ ضروري نه هجي.

ڪنهن نقطي جي وڌيڪ تشريح جيڪا مسودي ۾ ڏيڻ ضروري نه هجي.

فوٽ نوٽ جو طريقو سڄي ڪتاب ۾ هڪ ئي ڪم آڻڻ گهرجي.

حوالي کي فوٽ نوٽ ۾ لکبو ته هيٺيون ڳالهيون خيال ۾ رکبيون:

(١) مصنف جو نالو سڌوسنئون لکبو يعني پويون نالو اڳي نه ايندو.

(٢) ڪتاب جي نالي يا مخزن يا رسالي جي نالي هيٺان ليڪ ڏبي.

(٣) هن حالت ۾ هڪڙي شعر، ننڍي مضمون يا مقالي کي به ڪتاب جيان لکبو.

(٤) رسالي ۾ آيل مضمون جي سرخي ۽ کي واڪ جي نشانين ۾ آڻبو

(٥) ڪنهن ڳالهه کي فوٽ نوٽ ۾ پهريون ڀيرو آڻبو ته ان جي حوالياتي معلومات سڄي ساري ڏبي ان کان پوءِ معلومات مختصر ڏبي.

(٥) ڪتابن کي حوالي ۾ آڻڻ جا نمونا

هڪڙو مصنف هجي ته:

مصنف جو نالو، ڪتاب جو پورو نالو، شايع ٿيڻ جو هنڌ، اشاعتي ادارو، اشاعت جو سن، صفحو، نمبر.

هڪ کان وڌيڪ مصنف هجن ته:

مصنفن جا نالا (نالن جي وچ ۾ ”۽“ ڪم آڻجي)، ڪتاب جو پورو نالو، شايع ٿيڻ جو هنڌ، اشاعتي ادارو، سن، صفحو نمبر.

ترجمي جي حالت ۾:

مصنف جو نالو، ڪتاب جو نالو، (لفظ) (تر) مترجم جو نالو، اشاعت جو هنڌ، اشاعتي ادارو، سن. (تر = ترجمو)

جدا جدا مضمونن واري ڪتاب تان حوالو وٺبو ته فوٽ نوٽ هيئن لکبو:

مضمون نويس جو نالو: مضمون جو عنوان، (واڪ جي نشانين ۾) ڪتاب جو نالو، ايڊيٽر جو نالو، اشاعت جو هنڌ، اشاعتي ادارو، سن، صفحو، نمبر.

ايڊيٽر جي سڄي لفظ لاءِ سنڌيءَ ۾ ”ايڊ“ جو لفظ ڪم آڻجي.

رسالي مان حوالي وٺڻ جي حالت ۾ نوٽ:

مضمون نويس جو نالو، مضمون جو عنوان (واڪ جي نشانين ۾) رسالي جو نالو، نمبر ۽ جلد، مهينو سن، صفحو، نمبر، پر جي رسالو ماهوار نه هجي ته ماهي هجي ته پوءِ جلد ۽ نمبر سان گڏ موسم به ڏجي.

جيڪڏهن ساڳيو حوالو ٻيهر پر اتي جو اتي ڏيڻو پوي ته سنڌيءَ ۾ لفظ ”ساڳيو“ ڪم آڻجي. فوٽ نوٽ

(٦) سنڌيءَ ۾ لفظن جي نشانين جو مسئلو

انگريزي ۽ لاطيني ٻولين ۾ وڏن لفظن جي بجاءِ مقرر ٿيل ننڍا لفظ ڪم آڻبا آهن. اسان هيٺ هڪ چارٽ ۾ اهڙا انگريزي ـ لاطيني ۽ سنڌي لفظ ۽ انهن جا ننڍا نمونا (Short forms) ڏئي رهيا آهيون.

Gul Hayat Institute

انگريزي ۽ لاطيني جو پورو لفظ	ان جو ننڍو نمونو	سنڌيءَ جو لفظ	ان جو ننڍو نمونو
Circa (اٽڪل روءِ تاريخ)	C	تاريخ	تا.
Confer (ڏسجي)	C f	ڏسجي	ڏِسُ
Chaps (پاڱا)	Ch	پاڱا	پا.
Cols (ڪالم)	Col	ڪالم	ڪا.
Edition or Edited by (جلد)	ed	ايڊيشن يا ايڊيٽر	ايڊ.
And others (۽ ٻيا)	et al	۽ ٻيا	ٻيا.
One or more Pages following the indicated page. (اڳتي)	f or ff	هن کان اڳتي	اڳ.

نوٽ: انگريزيءَ ۾ لفظ Ibidem ڪم آڻبو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ساڳيءَ جاءِ تي" انگريزيءَ جي لفظ جي لاءِ مخفف Ibid ڪم آڻبو آهي.

Ibidem (ساڳيءَ جاءِ تي)	Ibid	ساڳيءَ جاءِ تي	ساڳيو.
Below (جيئن اڳتي اچي ٿو)	infra	جيئن اڳتي اچي ٿو	هيٺ.
Loco Citato (جيئن مٿي آيو آهي)	Loc. cit.	جيئن مٿي آيو آهي	مٿي.
Man Script (مسودو)	s M	مسودو	مس.

Gul Hayat Institute

No date (تاريخ لکيل ڪانهي)	N.d.	تاريخ لکيل ڪانهي	تا؟
Number (نمبر)	No.	نمبر	نمر.
Opere citato (ساڳئي ڪتاب ۾)	op. cit	ساڳئي ڪتاب ۾	ڪتاب.
Page or Pages (صفحو يا صفحا)	Por. PP.	صفحو يا صفحا	ص ص ص
Passim (جدا جدا جاين تي)	Passim	جدا جدا جاين تي	جدا جاء
Quod Vide (اتي ئي ڏسجي)	q.v	ڏسجي	ڏسجي.
Sequentes (هيٺ)	Seq.	هيٺ	هيٺ.
Supra (مٿي)	Supra	مٿي	مٿي.
Trans (مترجم)	Tr.	مترجم	ترہ
Volumes (جلد)	Vol. Vols	جلد	جلد

Gul Hayat Institute

(٧) رهنما اصول

آخري طور تي اسان ڪن اهڙن اصولن جو هڪ ئي جاء تي بيان ڪريون ٿا، جن کي ڏسڻ ۽ انهن جو خيال رکڻ هر محقق جي لاء ضروري آهي.

(١) هر هڪ باب جو مخصوص عنوان.

(٢) استدلال ۽ ان جا نتيجا. (لکيل صورت ۾)

(٣) نيون حقيقتون، جيڪي پنهنجي طرفان ڏنيون ويئون آهن (تحريري صورت ۾).

(٤) ٻين سان اختلاف جي حالت ۾ دليل ۽ شاهديون.
(٥) سڄي ڪتاب جي جوڙ جڪ ۾ سلسلو.
(٦) طرز تحرير جي موزونيت، واڪ جون نشانيون.
(٧) مهاڳ جو جامع ۽ مختصر هئڻ.
(٨) بنا جي موزونيت.
(٩) حوالن ۽ فوٽ نوٽن جو هڪجهڙو طريقو.
(١٠) حوالياتي مواد جو پورو پورو ذڪر (Bibliography)

وڌيڪ ايماس جي لاءِ ڪن ڪتابن جا نالا:

(1) Albaugh, Ralph M. "Thesis Writing."
(2) Beveridge, W. I. B. "The Art of Scientific Investigation."
(3) Compbell, William G. "Form and Style in thesis writing."
(4) Festenget, Leon and Daniel Katz. "Research Methods in Behavioural Sicences."
(5) Gee, Wilson. "Social Science Research Methods."

Gul Hayat Institute

سماجي علوم ۾ تحقيق جو ٽيڪنيڪ

تحقيق

(۱) مقاصد

جيئن اسان علم تحقيق جي سوال تي لکيو آهي (علم تحقيق جو نسخو قلمي آهي ڪتاب شايع نه آيو آهي.) سماجي علوم يا علوم عمرانيءَ ۾ به تحقيق جو علم سائنس جي بنياد تي ڪم ڪري ٿو هن طرح سائنس جي هيئت ڏيڪاريل خصوصيتن کي عمل ۾ آڻي ٿو:

(i) مقصد اهو ٿو رهي ته عقلي جستجو ۽ تلاش جي وسيلي نيون حقيقتون معلوم ڪيون وڃن.

(ii) تحقيق کي انسان جي ارادتي ڪوشش ٿي سمجهيو ٿو وڃي جنهن ۾ طريقي، عقل ۽ استدلال کي ڪم آندو ٿو وڃي.

(iii) حاصل ڪيل حقيقتن جي معرفت وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جو ڪم سائنسي اصولن تحت ڪيو ٿو وڃي.

هن طرح سماجياتي يا سماجي علوم جي ڪنهن به سوال تي محقق جي لاءِ علم تحقيق جي بنياد سان لاڳاپو رکڻ ضرور ٿو ٿئي: جيڪو مٿي ڏيکاريل ٽن ڳالهين سان ٻڌل آهي. هي ٽيئي اصول طبعي ۽ حياتياتي علوم ۾ تحقيق ڪرڻ جي لاءِ اپٽروڻي ضروري آهن.

(۲) سماجي علوم ۽ تحقيق جو دائرو

هن دائري کي ٿورن لفظن ۾ بيان ڪجي ته به ايترو ته چئي سگهبو ته سماجي علوم جي حالت ۾ به تحقيق جو تعلق انهيءَ عقلي ۽ عملي "حاصلات" سان آهي جنهن جي مدد سان (i) انسان جي سماجي سوالن جا جواب حاصل ڪري سگهجن. (ii) ان ۾ سائنسي طريقن جو استعمال ڪيو وڃي. (iii) ان جو دائرو ايترو

وڏو هجي جو آهو امڪاني حقيقتن يا امڪاني دنيا تائين مقرر ڪري سگهجي.

هن طرح سان علوم سماجي جي دائري اندر رهي به تحقيق تي ويچار ڪبو ته معلوم ٿيندو. ضروري ڳالهيون هيٺ آيل ڳالهيون آهن:

(i) حاصلات (Discoveer)
(ii) مسئلا (Problems)
(iii) عملي جواب (Practical answers)
(iv) سائنسي طريقو (Scientific method)
(v) اسباب جي دنيا (Knowable world)

حاصلات جو مطلب آهي اها نئين معلومات جيڪا عقلي جستجو جي مدد سان حاصل ڪئي وئي هجي. حاصلات ۾ وڏيڪ شين جي معلومات به شامل آهي ۽ هڪ ئي شيء جي وڌيڪ معلومات به شامل آهي.

سائنسي طريقي جو دائرو ٽن ڳالهين تائين ته گهٽ ۾ گهٽ رکيو آهي (١) مسئلو (٢) مفروضو (پائيون) (٣) مسئلي جو عملي حل.

(٣) سماجي علوم ۽ طبعي حياتياتي علوم

”سماجي علوم تي به سائنس جو اطلاق بلڪل ئي اهڙيءَ ريت ٿئي ٿوجهڙيءَ ريت علوم طبعي تي ٿئي ٿو. هن طرح سماجي علوم ۾ به سائنس خيالي دنيا ۽ مادي دنيا جي وچ ۾ هڪ لاڳاپو پيدا ڪري ٿي. هڪ شيء آها آهي جنهن کي ”حق محض“ يا ”سچ محض“ ٿو چئجي ۽ ٻي شيء آها آهي جنهن کي آهو سچ ٿو چئجي جيڪو اسان عام طور تي ڪنهن شيء ڏانهن منسوب ڪريون ٿا. هنن ٻن حقيقتن جي نمونن جي وچ ۾ اوچتو ئي اوچتو ۽ معجزاتي طور تي هڪ تصادم تي ٿو پئي. هي تصادم اصل ۾ انسان جي انهيءَ جستجو جو نتيجو آهي جيڪو بيقراريءَ ۾ انسان بهتر

Gul Hayat Institute

ڪان بهتر ثابت ٿئين پهچڻ لاءِ اختيار ڪري ٿو.“ (١)

”سائنس جيڪو طريقو اختيار ڪري ٿي اهو عينيت تي ٻڌل آهي ڪنهن نه ڪنهن ترتيب سان تعلق رکي ٿو ۽ عقلي ۽ منطقي اصولن ۽ قاعدن تي ٻڌل ٿئي ٿو. ان جو پهريون حدف اهو آهي ته پروسي جهڙي معلومات گڏ ڪري. هن طرح سائنس ترتيب ۽ نظام (System) جو هڪ نمونو آهي جيڪو معلومات سان تعلق رکي ٿو پر سائنس ڪنهن به علم جي ذخيري جو نالو نه آهي.“

هي ڳالهه سماجي علوم تي تحقيق جي حالت ۾ به درست آهي.

”سائنس ان نقطي وٽان شروع ٿي ٿئي جتي مشاهدن مان حاصل ڪيل معلومات جو ذخيرو گڏ ٿو ٿئي ۽ پوءِ ان مان ساڳي نوعيت جي معلومات کي جدا ڪري ان ۾ انهيءَ معلومات جا حوالا ۽ بنياد معلوم ڪجن ٿا ۽ انهن جو هڪ جدا طبقو (Class) مقرر ڪجي ٿو.“

سماجي علوم جي باري ۾ ڪنهن به سوال تي تحقيق ڪرڻ جي لاءِ به سائنس جي عقيدي جا بنياد ئي اختيار ڪرڻا پوندا آهن. هن طرح تحقيق يا علم تحقيق جو به هڪ نصاب يا ڪوڊ مقرر ڪجي ٿو. مثال ڏيون ٿا:

(i) عقلي شهادت تي پورو پروسو (Reliance)

(ii) تعلق رکڻ وارن تصورن جو استعمال.

(iii) عينيت جي باري ۾ اهو ايمان ته آهوئي سچ آهي ۽ ان سان ئي وفادار رهڻو آهي

(iv) اخلاقي طور تي اهو پروسو رکڻ ته تحقيق جي حالت ۾ تحقيق کي غيرجانبدار رهڻو آهي ۽ ڪنهن به تعصب، جذبي، يا دلچسپيءَ توڙي پسند کي دخل انداز ڪرڻ ناهي.

(v) اهو پروسو هرهڪ حالت ۾ رکڻو آهي ته هٿ آيل سچي مواد مان رکيو ايترو ڪم آئي ٿو سگهجي جنهن مان ”هڪ جهڙائي“ (Generality) ظاهر ٿئي.

(vi) اڳڪٿي صرف هڪ جهڙائيءَ جي دريافت ڪان پوءِ

Gul Hayat Institute

ڏي ممڪن آهي.

(vii) نتيجا جيڪي به نڪرن تن کي ٻيهر آزمائڻ ضروري آهي ۽ ان حالت ۾ هڪ دفعو سڄو سلسلو (Process) وري دهرائڻو آهي.

ڏسجي ٿو تہ تحقيق جي حالت ۾ هي ڳالهيون جيڪي طبعي سائنس سان تعلق رکن ٿيون تن جو اطلاق علوم سماجيءَ تي بہ جنهن حد تائين ممڪن هجي ڪيو وڃي ۽ ڪرڻو آهي.

(ع) ٻہ وڏا اصول (ڪلي ۽ جزي حقيقتون)

هڪ تصور کان گهڻن تصورن تائين پهچڻ (Inductionism) ۽ گهڻن تصورن کان هڪ تصور تائين پهچڻ (Deductionism) جا بہ منطقي طريقا علوم سماجيءَ ۾ بہ اختيار ڪرڻا آهن.

هن ڳالهہ کي هيئن سمجهي سگهجي ٿو تہ:

ڪي حقيقتون زماني، تاريخ حالتن ۽ واقعن جي روشنيءَ ۾ آزمايل، دهرايل ۽ ميڙيل ٿين ٿيون. اهڙين حقيقتن مان جيڪڏهن هڪڙيءَ کي بنياد بڻائي مطالعو ۽ جائزو اختيار ڪبو تہ ان جهڙيون ٻيون ڪيئي حقيقتون بہ معلوم ٿي سگهن ٿيون. هن اصول کي (Induction) "انڊڪشن" چيو ٿو وڃي. هي بہ منطق جو هڪ اصول يا قانون آهي.

هن طرح گهڻيون لاڳاپيدار ۽ هڪ جهڙائي رکندڙ حقيقتون معلوم ڪري پوءِ انهن جي روشنيءَ ۾ مستقل هڪ جهڙائيءَ جي بنياد تي هڪ واحد حقيقت معلوم ڪجي تہ اهو بہ منطق جو هڪ اصول آهي جنهن کي (Deduction) "ڊڊڪشن" ٿو چئجي. واحد حقيقت کي "ڪل" ٿو چئجي ۽ گهڻن هڪ جهڙن تصورن تي ٻڌل حقيقتن مان هرهڪ کي "جز" ٿو چئجي. هن طرح "جز" کان ڪل تائين وڃبو تہ اهو "جزي" طريقو چئبو پر جي ڪل کان جز تائين وڃبو تہ اهو ڪلي طريقو چئبو. هيءَ ڳالهہ بہ طبعي حياتياتي توڙي سماجي علوم سينې تي هڪ جهڙي لاڳو آهي.

استدلال ۾ بہ هي ٻئي طريقا ڪم اچن ٿا. هن قسم جي استدلال کي منطقي يا عقلي استدلال چيو ٿو وڃي. ”علم ڪلام“ جو بنياد هنن ٻن اصولن تي رکيو ويو هو. اصل ۾ هي طريقا يونان جي منطق تي ٻڌل آهن ۽ ارسطو هنن طريقن جو ماهر ليکيو ويندو هو پر مسلمانن هنن طريقن جي سائنسي ”طرز عمل“ کي سمجهائڻ ۽ اختيار ڪرڻ ۾ تمام وڏو ڪم ڪيو.

(نوٽ. جزُ کي انگريزيءَ ۾ پرٽيڪيولر (Particular) ۽ ڪل کي انگريزيءَ ۾ يونيورسل (Universal) ٿو چئجي).

هن طرح جو منطق گهڻن تصورن کي ڇنڊي ڇاڻي يا انهن تي استدلال ڪري ڪنهن بہ هڪ مستقل قانون يا نتيجي تي پهچڻ جي لاءِ ڪم آندو ويندو آهي. هن حالت ۾ تصور کي ايگزيم (Axiom) ٿو چئجي.

(٥) مسلم تصور

هن حالت ۾ مسلم تصور (Axiom) جي باري ۾ ياد ڪرڻ گهرجي تہ:

(i) مسلم تصور آهي اهڙا آهن جن سان سائنس پنهنجو ڪم ڪري ٿي. هن جو مطلب تہ مسلم تصور سائنس جا اهي اوزار آهن جن کي لسانياتي اوزار چيو ٿو وڃي. اهي اوزار جهڙا طبعي حياتياتي تحقيق تي ڪم ڪن ٿا تهڙائي سماجي علوم ۾.

(ii) هن قسم جا تصور تڏهن ٿا حاصل ٿين جڏهن انسان محقق پنهنجين انفرادي اميدن تي لت ٿو ڏئي، پنهنجين خواهشن کي لتاڙي ٿو ڇڏي ۽ پنهنجي وجدان جي دنيا جا دروازا بہ هميشه لاءِ بند ڪري ٿو ڇڏي. انهيءَ ڪري سائنسي طريقي جا نتيجا ڏکوئيندڙ بہ ٿين ٿا جو هن حالت ۾ ”ڪوڙن بتن“ False idols کي قتل ڪرڻو ٿو پوي. اها ڳالهہ تصوراتي ادب ۽ شاعريءَ ۾ ممڪن ئي نہ آهي، جنهن اسان سمجهون ٿا.

هن طرح هڪ محقق بہ هڪ ”بت شڪن“ ۽ سچو مؤمن

آهي. انهيءَ ڪري تحقيق ڪرڻ ۽ فڪر ڪرڻ جي تاڪيد دنيا جا سڀئي مذهب به ڪن ٿا. ڪن حالتن ۾ جڏهن سمجھه ۾ اچي ٿو دور جاهليت جي بتن جي موجودگيءَ ۾ خداءِ واحد جي تصور تائين پهچڻ جو ڪم به هڪ استدلال ۽ منطق جو ڪم آهي جنهن جي مدد سان انسان "توحيد" جيڪو تحقيق ۾ ڪل (universal) آهي تائين پهتو هو. پر مذهبي عقيدي مطابق هيءَ دريافت عقلي نه هئي پر وحي الاهيءَ جي مدد سان حاصل ٿي هئي.

علم تحقيق ۾ اجتهاد جي لاءِ چيو ويندو آهي ته "اڳ ۾ بت سڀ ڀڃ" "Kill the False idols" اهوئي ڪم حضرت ابراهيم به ڪيو هو. حضرت ابراهيم هڪڙو استدلال به ڪيو هو جنهن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ آيو آهي.

هن باري ۾ هڪڙو سونهري نقطو اهو آهي ته "پڌ ڀلي هرهڪ جي پر فيصلي جي لاءِ پنهنجو عقل ڪم آڻ."

سنڌيءَ ۾ ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي جو چيو ٿو وڃي ته: "ڳالهه ڪجي الله لڳ پرسونتو ڪڄجي ڀاءُ لڳ" اڳ ڀانئيان ٿو هت تحقيق ڪرڻ معنيٰ "الله لڳ ڳالهه ڪرڻ".

هن باري ۾ ماهرن ڪي نقطا بيان ڪيا آهن مثال طور هي سڀ نقطا مسلم تصور آهن:

(۱) ظاهر تي نه لڳ (ظاهر Appearance).

(۲) مفروضو آهو نه ڪڍ جيڪو تنهنجي دل کي وڻي.

(۳) تحقيق ڪان اڳ ۾ ئي ڪنهن کي پنهنجو رهبر نه سمجھه. ڪنهن جي به خيال کي سَنَدُ ڪري نه وٺ.

(٤) ائين نه چاڻ ته نظرين ۾ ڪو به استدلال ڪان اتم ۽ بالا هوندو آهي.

(۵) ڪنهن جي ڏر نه ٿيءُ. ڪنهن به قدر يا وٺ سان پرجي ويهي نه رهه جو ٻي ڪا قدر تو وٺ جاءِ ڏي وڃي نه سگھي. (نوٽ هن عيب جي ڪري نظرين جا پوئلڳ متعصب ٿين ٿا جو آهي محقق نه آهن)

Gul Hayat Institute

سائنسي تحقيق جي سوال ڪـي علوم عمرانيءَ تـي لاڳو ڪرڻ لاءِ اسان کي معلوم هجي ته ”سائنس رڳو هڪ حقيقت کي سمجهڻ لاءِ اڳيان آئي ٿي. سائنس ڪنهن بـه شيءِ يـا تصور کي آخري سمجهي ان کي قبول ڪرڻ جي لاءِ مجبور نه ٿي ڪري.“ (٣)

معلوم هجي تـه سائنس جي معيار جـو فيصلو انهيءَ بنياد تي ٿي ڪري ٿو سگهجي ته ڪنهن به ”حقيقت“ کي هٿ ڪرڻ لاءِ ”هڪجهڙائي“ جـو معيار ڪيترو بهتر حاصل ڪيو ويو هو. هت نه رڳو هڪجهڙائي پر هڪ جهڙائيءَ جو معيار به گهربل آهي.

هن بنياد تي علوم عمرانيءَ جي ڪنهن به سوال تي تحقيق هڪ مشڪل معاملو آهي. اها ڳالهه طبعي سائنس يا علوم طبعيءَ جي حالت ۾ آسان آهي جو مادي شين جي طرز عمل ۽ ڪارڪردگيءَ ۾ اصولن کان ٻاهر رهڻ جو امڪان گهٽ آهي. آهي شيون انسان جي مرضيءَ تي هلڻ واريون نه آهن.

(٦) تحقيق ۾ ”هڪ جهڙائي“ (Generality)

تحقيق ۾ هڪ جهڙائـيءَ جـي معنيٰ آهـي شين، جسمن، تصورن، قدرن، ۽ معيارن جي هر هڪ ”گروه“ Group ۾ انفرادي طور تي هڪ جهڙي عمل ۽ هڪ جهڙي رد عمل جو هڪ سلسلو (Thread) جيڪو جـدا جـدا حالتن ۾ هميشه ”هڪ جهڙو“ ۽ ”موجود“ رهي.

هاڻي ظاهر آهي تـه سماجي علوم جي حالت ۾ جـو هڪ جهڙائيءَ جو معيار مادي شين جي گروهن جي مقابلي ۾ هڪ جهڙائيءَ جي خيال کان گهٽ آهي، ان ڪري سماجي تحقيق جو معيار به مادي شين تي تحقيق جي مقابلي ۾ مختلف ۽ گهٽ معيار واريءَ سائنسي تحقيق جهڙو هوندو آهي. پـر سماجي علوم تي تحقيق جو ڪوبه طريقو غيرسائنسي پوءِ به ٿي نه ٿو سگهي جو جڏهن سچ رڳو هڪ آهي تڏهن ان جي باري ۾ تحقيق جو نمونو به هڪڙو آهي ۽ هن تحقيق جي لاءِ سائنس جا اصول به مختلف نه آهن ۽ آهي پنهنجيءَ

Gul Hayat Institute

جاءِ تي قائم ۽ اٽل آهن.

پوءِ پهريون سوال ٿو پيدا ٿئي تہ سماجي علوم جي ڪنهن سوال کي ڏيا ڏاڻ انهن علمن مان ڪنهن بہ هڪ کي سائنس ڪيئن ۽ ڇونہ سڏيو وڃي؟ جواب جي لاءِ حوالو ۽ حجت موجود آهي.

"سماجي علوم ۾ اڳ ڪٿي ڪرڻ جو امڪان گهڻو گهٽ آهي پر تہ بہ سماجي علوم "علوم" (سائنسز) علمن جهڙا علم آهن. البت سماجي علوم جي مقابلي ۾ گهٽ پختا (Inexact) آهن.

سائنسي علم آهو علم آهي جيڪو سدائين هڪڙي معيار ۽ برابر معيار جي حقيقتن جو علم ڪونہ ٿو ڏئي پر آهو هڪ اهڙو معلوماتي مواد ڏئي ٿو جن جي پختائي ڪڏهن گهٽ تہ ڪڏهن وڌ هوندي آهي. اهڙي معلوماتي مواد جي "يقين" Certainty جي حالت بہ هميشه هڪ جهڙي نہ هوندي آهي. هن حالت ۾ اهڙي مواد جا درجا چار ٿين ٿا:

(١) انتهائي غيريقيني (Un Sure)
(٢) يقين ڪرڻ جي ويجهو (Nearly sure)
(٣) غير يقيني (Non sure)
(٣) اٽل ۽ پختو (Certain)" (٤)

انهيءَ ڳالهہ کي محقق هميشه خيال ۾ رکن ٿا تہ سماجي علوم هوريان هوريان پنهنجي آها صلاحيت وڌائيندا ٿا هلن جنهن کي پوٽينشل (Potential) ٿو چئجي. انهيءَ قسم جي هڪ "سلوڪ" (Trend) کي بار بار معلوم ڪيو ويو آهي ۽ هن طرح سماجي علوم ۾ هي مشاهدو هڪ گمان کي جنم ڏئي ٿو. البت گمان (Probability) جو درجو (Degree) ڪن حالتن ۾ وڌيڪ ۽ ڪن ۾ گهٽ ٿئي ٿو.

(ح) سماجي علوم ۾ تحقيق جو خاص سوال

پر اهو بہ ضروري نہ آهي تہ سماجي علوم جي تحقيق ۾ صرف گمان تي ئي ڀروسو ڪرڻو پوندو. ڪي حقيقتون سماجي

علوم ۾ به مادي ۽ طبعي حقيقتن جيان ايتريون پختيون آهن جو انهن جي بنياد تي نظريا ٻڌايا ويا آهن ۽ نظريا مقرر ڪري سگهجن ٿا.

اهڙن سماجي علمن ۾ نفسيات، معاشيات، تاريخ، جاگرافي، علم شهريت، سياسيات، رٿابندي، فلسفو، منطق ۽ ٻيا ڪيترائي علم شامل آهن.

ڪن ملڪن ۾ لسانيات ۽ ادب تي تحقيق ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن ماڊل ۽ سائنسي طريقن جي تلاش ڪئي پئي وڃي. پاڪستان جي يونيورسٽين ۾ به اهو مسئلو موجود آهي تہ ٻولي ۽ ادب تي تحقيق جي لاءِ ماڊل ڪيئن هٿ ڪجي ۽ ان تحقيق جو بنياد سائنس تي ڪيئن رکجي. البت هن باري ۾ ڪنهن مضمون جي وسيلي معلومات نہ ملي آهي.

اسان هي مضمون انهيءَ سوال کي خيال ۾ رکي لکي رهيا آهيون جيئن اسان مٿي ڏنو آهي. سائنس ڪو علم جي ڪنهن ڊير يا پنڊار جو نالو نہ آهي. ان ڪري سائنسي تحقيق جو مقصد آهي اهڙو رويو اختيار ڪرڻ جنهن ۾ سائنسي اخلاقيات، سائنسي طريقي ۽ سائنسي سوچ جي لوازمات (Implications) جي ڀڃڪڙي نہ ٿئي.

هن طرح ادب توڙي لسانيات جي تحقيق ۾ بہ اسان کي سائنسي اخلاقيات کي خيال ۾ رکڻو پوندو. جيڪڏهن اسان سائنس جي مقرر شده اصولن جي پابندي ڪنداسون تہ اسان لاءِ عقلي ۽ منطقي طور تي تسليم شده سوال قانون جي حيثيت رکندا هن طرح مفروضي جي چونڊ، ان جي باري ۾ ”ڪچي مواد“ (data) گڏ ڪرڻ جا طريقا وري ان ڊيٽا مان نمونن (Samples) جي چونڊ وري انهن نمونن مان پنهنجي مفروضي سان تعلق رکندڙ نمونن جي چونڊ وري انهيءَ طرح هڪ گهربل نموني جي مقرري ۽ ان کان پوءِ ان خاص ۾ گهربل نموني (Trend) ۽ (Sample) سان هڪجهڙا تصور (Concepts) ڳولي لهڻ ۽ انهن جي بنياد تي هڪ جهڙائيءَ (Generalization) کي تحريري صورت ڏيڻ سان هن قسم جي تحقيق کي سائنسي تحقيق چئي سگهبو.

لسانيات ۽ ادب ۾ سماجي علوم تـي سائنسي تحقيق جـو بنياد اسان تنقيد ۽ علم تنقيد جي اصولن تي بـہ رکي سگهون ٿا. تنقيد هاڻي مکمل طور تي عقلي اسلوب (Rational approch) جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي. هن اسلوب ۾ نفسيات اڳي مداخلت ڪري ان جي سائنسي نوعيت کي جنم ڏنو هو پر اڄ ڪلهہ آها تنقيد سماجيات ۽ سماجي نفسيات جي علمن جي ڪري وڌيڪ پختي ۽ وڌيڪ ويڪري ٿـي وئي آهي. هن طرح ادب ڇا آهي؟ انهيءَ سوال جو جواب بہ مختلف طريقن جي بجاءِ سماجيات ۽ سماجي نفسيات جـي اصولن کي خيال ۾ رکي ڏنو ٿو وڃي. هن طرح هنن لفظن لکڻ واري ادب جي وصف کي هيئن بيان ڪيو آهي.

”ادب سماج جو آهو اپياس آهي جنهن جي بنياد تي سماج جـي بهتريءَ جـي لاءِ وڏي مدي واري رٿابندي تيار ڪرڻ وارا اصول مقرر ڪري ٿـا سگهجن“ ۽ پـڻ سماج کي هڪ بندوبست وسيلي هلائي تو سگهجي.

ادب کي سماجي رٿابنديءَ سان ملائڻ ۾ معاشيات، سماجياتي لسانيات، نفسيات ۽ سماجي نفسيات جي چئن علمن جي گڏيل هڪ اپياس جي ضرورت پوي ٿي. انهيءَ ڪي اپياس کي اسان تنقيد يـا ادبي تنقيد لاءِ ضروري ٿا سمجهون.

برابر اڄوڪي ادبي دنيا ۾ هنن خيالن کـي اوپرو، اجنبي ۽ ناقابل عمل سڏيو ويندو پر ڪوبہ عالم اڄ بـہ انهيءَ ڪردار کان انڪار ڪرڻ جي لائق نہ آهي تہ ادب سماجي عمل آهي ۽ ان جو عالم سماجي علوم جو ماهر آهي. مهارت ۽ علم جي هنن بنيادن تي اسان پنهنجو ڪتاب ”تنقيدون“ ۾ تنقيد کـي وقت وچائڻ جـي هڪ نموني مـان ڪڍي ان کي سماج جـي انتهائي اهم علم جي درجي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هن طرح اسان تنقيد جي هڪ وصف مقرر ڪرڻ جي بدران اسان ان ۾ ادب تـي تنقيد جي اصولن کي لاڳو ڪرڻ جي لاءِ تنقيد جـا ڪيترائي طريقا بيان ڪيا تہ جئن تنقيد جو دائرو بہ وڌو ٿئي ۽ ان کي هڪ خاص قسم جي لغت بـہ

ملي وڃي جو هر علم جي ”هڪ جهڙائي“ وارو نمونو اها تقاضا ڪري ٿو ته علم ۽ اصول کي بيان ڪرڻ لاءِ هڪ تحريري نمونو گهرجي ۽ آهو ڏاهڻ گهرجي. اسان انهيءَ ڪتاب ۾ ادبي تنقيد جي لاءِ ادب تي تحقيق ڪرڻ جي خاطر ڪيترائي اهڙا تحريري نمونا ڏنا ته جئن انهن جي ڪوٺ ۽ سائنسي استدلال ڪرڻ جي دشواري ادب جي سوال تي بہ ختم ٿي وڃي ۽ تنقيدي طريقن کي پاڻ ۾ پيٺي هڪ جهڙائي لهي سگهجي.

وڏن مقصدن سان لکيل هن ڪتاب جي باري ۾ پهريائين تہ حسد ۽ تعصب جو رويو اختيار ڪيو ويو. هن رويي جون صورتون ڪيتريون ئي هيون. سڀ ڪان اکي تہ هن ڪتاب جي باري ۾ هڪ ”موت“ جهڙي خاموشي اختيار ڪئي وئي. اسان کي ان خاموشيءَ جي سبب جو پورو پورو علم هو. اسان کي معلوم هو تہ ڪنهن ڳالهہ جي باري ۾ خاموشي انهيءَ لاءِ بہ اختيار ڪئي ويندي آهي جو ان جي مقابلي جي لاءِ موزون هٿيار يا وسيلو موجود نہ هوندو آهي پر ٻيو سبب خاموشيءَ جو نفسياتي هوندو آهي جنهن مان مراد اها هوندي آهي تہ اهو ظاهر ڪيو وڃي تہ هڪ نئينءَ ۽ مضبوط علمي تحريڪ جي پيدا ٿيڻ سان اڳ ۾ موجود ڪوڙيءَ ۽ غير علمي ڪنهن بہ حرڪت تي ڪوبہ اثر ڪونہ پيو آهي ۽ آهي بدستور قائم آهن ۽ انهي جو وقار بدستور موجود آهي. هي رويو تبديل جو مخالف پر نفسياتي رويو آهي.

بهرحال آهو دور جئن تئن ڪري ختم ڪيو سون تہ وري ٻيو مرحلو اڳيان آيو. آهو مرحلو اهو هو تہ مصنف کي ”تنقيد نگار“ جو ڪو درجو ڏنو وڃي يا نہ. (ياد رهي تہ مصنف اهڙي ڪا بہ گذارش يا درخواست ڪانہ ڪئي هئي.) هن سوال تي بہ ڪجهہ وقت خاموشي رهي آخر خدا ڄاڻي ڪيئن ڪنهن اداري ۾ انهيءَ ڪتاب جو نالو نصاب جي ڪتاب تي چڙهي ويو. پوءِ تقليد ۾ ڪنهن ٻئي اداري بہ انهي نالي کي نصاب ۾ ائين داخل ڪيو جئن قرآن پاڪ ۾ شيطان جو نالو داخل ٿيو آهي.

بهرحال هن ڪان پوءِ اهو ضروري سمجهيو ويو ته شاگردن جي لاءِ هي ڪتاب پڙهڻ لازمي نه ڄاڻو وڃي. پوءِ پلا ڇا لازمي ڪيو وڃي؟ بلڪل اهو جيڪو صدين کان اسان جي ابن ڏاڏن وٽ قابلِ تقليد ۽ محترم آهي. اسان جي لاءِ اهو جواب ۽ اهو رويو ڪو نئون نه آهي جو اسان تاريخ جي رويي کان بخوبي واقف آهيون ڪنهن صاحب علم اهو اظهار به ڪيو ته ڪتاب درسي ڪتاب جي نموني تي لکيو نه ويو آهي. اسان اهو اعتراض پڌو ۽ پوري اعزاز ۽ دلچسپيءَ سان اسان ان کي پڌي لطف حاصل ڪيو. اسان کي معلوم آهي ته اهڙي ڪنهن به صاحب ڪنهن درسي ڪتاب لکڻ جو رکو ارادو به ڪيو ناهي ۽ پيو ته انهيءَ صاحب هن ڪتاب تنقيدون جي جاءِ تي جن ڪتابن کي نصاب ۾ لازمي طور مقرر ڪرايو آهي انهن ڪتابن کي ڪيئن ۽ ڪڏهن درسي ڪتاب طور مقرر ڪيو ويو ۽ لکيو ويو هو. ڇا آهي سڀ ڪتاب درسي ڪتابن طور لکيا ويا هئا جن کي لازمي طور تي لازمي ڪتاب سمجهي نصاب ۾ شامل ڪيو ويو هو؟ درست اعتراض رکو هڪڙو هو ۽ آهو اهو هو ته جيستائين هي ڪتاب اسان پاڻ نه ٿا سمجهون، پاڙهي نه سگهنداسون. بهرحال انهيءَ مرحلي تي به اسان جي اطمينان جي لاءِ مضبوط سبب موجود هئا ۽ هڪڙو اهم سبب اهو هو ته انهيءَ ڪتاب جو پڙهڻ ۽ ان کي پاڙهڻ هڪ خاص محنت طلب ڪم هو، ۽ محنت اسان کي ڪرڻي بلڪل ڏي ڪانه هئي (اهوئي ته سبب هو جو اسان تخليقي ادب کي اهميت ئي ڪانه ڏني).

هي سڀ، ڪتاب ”تنقيدون“ جي باري ۾ اسان رکو هن ڪري لکيو آهي جو اسان کي اهو ڄاڻائڻو آهي ته اسان جي ادبي ۽ لسانياتي ادارن توڙي سماجي علوم جي تعليمي ادارن ۾ سائنسي رويي، استدلال ۽ عقلي طريقن جي خلاف هڪ تعصب تي ٻڌل رويو اڄ به سختيءَ سان ڪم ڪري رهيو آهي.

وري اهڙو سماج جنهن ۾ انهيءَ قسم جو تعصب موجود آهي سو علمي دنيا ۾ رکو داخل به تي نه ٿو سگهي ان ڪري

اسان جنهن خطري جو مقابلو ڪري رهيا آهيون اهو اهو آهي تہ اسان وٽ وسيلا ڪونہ آهن. اصل خطرو اهو آهي تہ اسان وسيلن کي ڪم آڻڻ جي لاءِ جسماني توڙي دماغي طور تي تيار نہ آهيون. ان ڪري هڪ ڊرافٽ اسڪيم جيڪا تخليقي ادب جي شعبي لاءِ بنا ڪنهن بہ اجرت جي لکي وئي هئي ان تي تہ عمل نہ ٿيو پر ان تي عمل ڪرڻ جي ارادي کان سواءِ ئي انهيءَ شعبي جي کولڻ کان سواءِ ئي تخليقي ادب جي لاءِ عملو مقرر ڪيو ويو. توڙي جو آها اسڪيم ڊرافٽ جي صورت ۾ هئي. ان ڊرافٽ کي منظوريءَ کان پوءِ تمام وڏو بنيادي ڪم شعبي جي کولڻ لاءِ ڪرڻو هو. پر جنهن اداري لاءِ آها اسڪيم لکي وئي هئي ان انهيءَ کي آخري ڪاغذ سمجهي ڪٿي رد ڪيو. يا جيڪڏهن ان تي ڪو عمل ڪيو بہ ويو تہ انهيءَ طرح جو تہ انهيءَ اسڪيم جي ڊرافٽ کان پوءِ اصل اسڪيم جي لکڻ وارن جو (يا لکڻ واري جو) ان سان ڪو واسطو ئي ڪونہ هو ۽ نہ ئي ان جي ڪا راءِ ضروري هئي.

اها صورت حال ڪنهن بہ نظام ۾ رکيو تڏهن پيدا ٿيندي آهي جڏهن يونيورسٽين کي بہ رشوت طور ڏنو ويندو آهي ۽ ورتو ويندو آهي نہ تہ عام طور تي اهڙن ادارن جو تقدس ڪنهن بہ شعبي کولڻ ۽ هلائڻ جي ڳالهہ کي ڌيان سان پڙهندو آهي.

وري اسان تہ دنيا جي تمام وڏن عالمن جي سندن سان اهو بہ ڄاڻايو هو تہ ڪوبہ شعبو ڪنهن اداري ۾ ڪيئن کولبو آهي ۽ ڪيئن هلائبو آهي.

بهرحال ادب ۽ لسانيات تي سائنسي رويي اختيار ڪرڻ لاءِ صورت حال اڃا تائين (اپريل ١٩٨٨) موافق ۽ سازگار نہ آهي توڙي جو اميدون موجود آهن. حالت اها آهي جو فيبروريءَ جي "عالمي ادبي ڪانفرنس" جو رڳو تجزيو بہ ڪونہ ڪيو ويو آهي ۽ ان باري ۾ ڪابہ رپورٽ تيار ڪئي نہ وئي آهي. اسان کي معلوم آهي تہ ڪانفرنسون رڳو "مطالبن" جي لاءِ ڪوٺايون نہ وينديون آهن. انهن جي اڳيان ڪي سوال هوندا آهن ۽ انهن سوالن جا

جواب گھربل هوندا آهن ۽ آخر ۾ اهو پڌايو ويندو آهي ته اسان هن ڪوشش ۾ ڪيترو حاصل ڪيو. سرڪاري ادارن ۾ ته ڪوبه ورڪشاپ يا ڪابه ڪانفرنس رپورٽ ڪان سواءِ قبول ٿي ڪري نه ٿي سگهجي. رپورٽ جو به هڪ سائنسي طريقو موجود آهي.

بيشڪ پوءِ به اسان انهن صاحبن جا ٿورائتا آهيون جن هي ڪانفرنس منعقد ڪئي ۽ اديبن ۽ عالمن جا رايا پڌا ۽ سنڌي ادب ۽ ثقافت جي ترقيءَ لاءِ اڳهاڙن پورن وارن اديبن کي مدعو ڪيو ويو.

پر هن حالت ۾ سماجي علوم جي ميدان تي سائنسي طريقن سان تحقيق ڪرڻ جو سوال رکيو هڪڙي عالم اٿاريو هو. آهو سوال پنهنجيءَ جاءِ تي درست هو. چوڻ اهو هو ته لسانيات تي نفسياتي تحقيق ڪرڻ گهرجي اصل ۾ انهيءَ خيال کان گهڻو اڳي هڪ ڪتاب ۾ لسانيات جي باب ۾ ٻوليءَ جي ابتدا جي سوال تي انسان ۽ ڪائنات جي عمل ۽ رد عمل جي بنياد تي ٻوليءَ جو پڌا ٿيڻ بحث هيٺ اچي چڪو هو. پر موصوف عالم لسانيات ان جي طرف رکيو اشارو به نه ڏنو. اسان وٽ جيڪي قاعدا موجود هئا انهن مان اسان هڪڙو ٻولي هٿ ڪيو آهو قاعدو اهو هو ته "سڀ ڪنهن کي پنهنجيءَ هٿيءَ جو هوڪو ڏيڻ گهرجي." وري اها ڳالهه به عجيب هئي ته جيڪو سوال اٿاريو ويو هو آهو به گهڻو پراڻو هو. (١)

پر پوءِ به اسان ضروري ٿا سمجهون ته سماجي علوم تي سائنسي تحقيق جي باري ۾ عرض ڪندا هلون. اسان مٿي تنقيد جي باري ۾ ۽ ان جي ڪردار تي خاص ڪري بحث ڪري رهيا هئاسون.

تنقيد يا عقلي تجزيو سائنس جي لاءِ زندگي ڏيندڙ خون جي برابر آهي. ان ڪري ڪنهن به سائنسي ۽ تحقيقي ڪم کي راز ۾

---

(١) هي مضمون ترجمي جي صورت ۾ "نئين زندگيءَ" شايع ڪرڻ لاءِ حاصل ڪيو آهي.

رکڻ وڏو ڏوهه آهي. محقق جو اهو فرض آهي ته هو جو ڪجهه به تحقيق جي ميدان تي پيدا ڪري اهو کولي ظاهر ڪري ته جئن هر باشعور انسان ان جو اڀياس ڪري. اهڙو فرض عالم ۽ مُحقق جو فرض مذهبي آهي. ان ۾ هن کي اهو به ڇاڻائڻو آهي ته هن طريقو ڪهڙو اختيار ڪيو، ان جا مقصد ڪهڙا هئا ۽ انهن مقصدن حاصل ڪرڻ ۾ هو ڪيترو ڪامياب ٿيو ۽ ڪيترو ناڪام.

(٨) سماجي تحقيق جي وصف.

سماجي علوم تي تحقيق، آهو عمل عقلي ۽ منطقي آهي جنهن ۾ تصورن، نظرين، مواد جي ٻڌن ڳالهين: يعني اهڃاڻن، وٿن يا قدرن، جسمن، روحن، خيالن ۽ فڪرن جي باري ۾ اهڙو رويو اختيار ڪجي جو انهن مان هرهڪ جي باري ۾ هڪ ڪلاس ٺهي ۽ انهيءَ ڪلاس يا نموني مان "هڪ جهڙايون" هٿ اچن ۽ انهن هڪ جهڙاين جي اهڙي چنڊ ڇاڻ ڪجي جو تنقيد جي انهيءَ عمل جي ڪري انهيءَ مان ڪو نظريو ۽ ڪو اصول يا قانون ٺاهي سگهي جنهن کي سماجي علوم جي ميدان تي عمل ۾ آڻي سگهجي.

هن طرح مٿي آيل سائنسي تحقيقي ۽ عملي مواد جي نتيجي ۾ اسان ماڻي انهيءَ منزل تي پهچي چڪا آهيون جتي پڌائي سگهون ٿا ته سماجي تحقيق جي لاءِ نقطا ڪهڙا مقرر ڪري ٿا سگهجن. هي نقطا اسان مٿي ڏيکاريل تحريري وصف مان ڪيئي جدا ٿا ڪريون:

(i) سماجي علوم تي تحقيق جو عمل عقلي ۽ منطقي آهي.
(ii) ان ۾ اڳي مواد هٿ ڪجي ٿو ۽ ان مان نمونا يا ڪلاس ٺاهجن ٿا.
(iii) انهن نمونن کي پيٽي هڪ جهڙايون هٿ ڪجن ٿيون.
(iv) انهن هڪ جهڙاين مان پنهنجي موضوع يا مفروضي سان لاڳو ٿيندڙ هڪ جهڙايون هٿ ڪجن ٿيون.
(v) پوءِ انهن هڪ جهڙاين کي پيٽي آخري طور تي واحد

تصور هٿ ڪجي ٿو جنهن ڪي اصول يا قانون جي حيثيت ڏني ٿي سگهجي.

(vi) انهيءَ قانون يا اصول کي اڳتي وري عمل ۾ آڻي ان جي وڌيڪ پرک ڪري ان جي پختائيءَ ۽ سچائيءَ جو معيار مقرر ڪجي ٿو.

(vii) جڏهن اهو معيار مقرر ٿئي ٿو تڏهن ان کي سماجي علوم ۾ تحقيق جي لاءِ وڌيڪ حالتن ۾ ڪم آڻجي ٿو.

هن طرح جيئن ويبسٽر (Webster) جي لغت ۾ اچي ٿو. مختصر وصف تحقيق جي هيءَ آهي:

”خبرداريءَ سان ڪيل تجزياتي ڇنڊ ڇاڻ ۽ تجزيو يا پرک جنهن ۾ حقيقتون ۽ اصول هٿ اچن ۽ اهڙي وقتائتي ڳولا جنهن ۾ ڪنهن ڳالهه ۾ يقين تائين پهچي سگهجي تحقيق ٿي ڪوٺجي.“ (Webster's International Dictionary) (۵)

پر سواءِ اختلاف جي ته هن وصف کي اختيار نه ٿو ڪري سگهجي جو تنقيد جو عمل ته هميشه جاري رکئو آهي ان ڪري سوشل سائنس (سماجي علوم) جي ام الڪتاب (انسائيڪلوپيڊيا) جي بنياد تي هن وصف تي به تنقيد ڪئي وئي آهي.

هي عالم چون ٿا ته ڊاڪٽريءَ ڏوريءَ تحرير ۽ تحقيق کي سمجهائي نه ٿو سگهجي پوءِ هو پنهنجي هڪ راءِ لکن ٿا.

”تحقيق تنقيدي ۽ مخصوص تلاش جو نالو آهي جنهن ۾ مقصد اصل ۾ تجرباتي مشاهدو ٿئي ٿو جنهن جي بنياد تي اڳوات قبول ڪيل مفروضا ۽ حقيقتون سڀ وري ٻيهر پرک هيٺ آنديا وڃن ٿا ۽ هن طرح انهن حقيقتن جي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ جيڪو علم دريافت ٿيو آهي ان کي به ان پرک جي ڪم ۾ شامل ڪيو ٿو وڃي“. (۶)

نقطن ۾ بيان ڪبو ته هن وصف کي هن طرح لکي سگهبو:

(۱) تحقيق ۾ جسم تصور ۽ اهڃاڻ ڪم آڻجن ٿا.

(۲) تحقيق ۾ با مقصد اهڙو ضابطو اختيار ڪجي ٿو جنهن

سان اختيار ڪيل عمل ضابطي ۾ رهي.
(۳) تحقيق باضابطه حاصل ڪيل علم جي وڌائڻ ۽ ويڪري ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿي جيڪو علم هڪ ڪان وڌيڪ شاخن ۾ ورهائجي وڃي ٿو.
(۴) وڌايل، سڌاريل ۽ درست ڪيل اهڙو علم ٻن نمونن سان ڪم اچي ٿو:
(i) نظرياتي طور تي. (ii) عملي طور تي. (۷)

(۹) تحقيق جا قسم ۽ ان جي نوعيت جو سوال.

تحقيق کي سائنسدانن ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي:
(۱) تحقيق محض (Pure Research)
(۲) تحقيق عملي (Applied Research)
تحقيق محض:
آها تحقيق جيڪا ڪنهن خواهش يا شوق جي ڪري ڪئي وڃي جنهن ۾ صرف معلومات هٿ ڪرڻ، سمجهڻ ۽ علم حاصل ڪرڻ جا مقاصد هجن.
تحقيق عملي:
آها تحقيق جنهن ۾ اڳواٽ معلوم ڪيل حقيقتون ٻيهر وڌيڪ پرک جي لاءِ بحث ۽ تنقيد هيٺ آڻجن ۽ وڌيڪ حقيقتون هٿ ڪجن ۽ انهن کي عملي طور تي ڪنهن نه ڪنهن سوال ۽ مسئلي جي حل جي لاءِ اختيار ڪري سگهجي.
پر جيئن تحقيق جي سوال تي سوچڻ واري جي رويي جو سوال آهي اسان ڪنهن به ڳالهه کي آخري طور تي قبول ڪري ٿي نه ٿا سگهون جو انهيءَ حالت ۾ آها ڳالهه هڪ عقيدو بڻجي ٿي پوي ۽ سائنس ۽ تحقيق جي اخلاقيات ۾ عقيدو ناجائز آهي انهيءَ ڪري اسان هنن راين تي به دليل بازي ڪري رهيا آهيون. جناب ڊڪسي (Dixy) تحقيق محض جي حق ۾ هڪ دليل ڏئي رهيو آهي. چوي ٿو "فطري ۽ سادگيءَ جي اصولن تي حاصل ڪيل

علمَ جيڪو غير رسمي طور تي ملي ۽ جنهن ۾ مقصد به رڳو علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ هجي آهو به توڙي جو مستقبل ۾ ڪنهن عملي سوال جي لاءِ اختيار ڪرڻو نه آهي ته به آهو علم اسان کي انهيءَ منزل تي رسائي سگهي ٿو جيڪا منزل غير متوقع نه هئي ۽ جنهن جي ضرورت عملي طور تي موجود هئي.“ (۸)

(نوٽ. مان شڪر گذار آهيان جناب ڊڪسيءَ جو جنهن ڪيترن ئي تحقيقي مقالن کي، جن تي ڊاڪٽريٽ به ڏني وئي آهي ڪنهن نه ڪنهن طرح ڪارائتو ثابت ڪيو آهي. مصنف)

اصل اهائي ڳالهه آهي جنهن جي بنياد تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌيءَ جي شعبي ۾ ۲۵ ڪتابن مان ڪيترائي ڪتاب پنهنجي اهميت حاصل ڪن ٿا. انهن جو تعلق عملي تحقيق سان نه آهي پر آهي تحقيق محض جي ڪن تقاضائن کي پورو ڪن ٿا ۽ ڄاڪاڻ ته ڊاڪٽريٽ جي معيارن ۾ اهو به شامل آهي ته ”اڳوات موجود معلومات ۾ اضافو ڪيو ويو هجي“ اهي مقالا ڊاڪٽريٽ جي لاءِ قبول ڪرڻ جي لائق سمجهيا ويا. پر اهو مڃڻو پوندو ته ڪيترائي ڪتاب ڪچي مال جي گڏ ڪرڻ جهڙا آهن ۽ انهن ۾ ”ڇو“ ”ڪيئن“ ۽ ”هن طرح“ جي باري ۾ ڪو به مواد نه آهي. ڪي ڪتاب نه ته ڪو سوال پيدا ڪن ٿا نه مفروضو مقرر ڪن ٿا، نه ڊيٽا جمع ڪن ٿا نه ڊيٽا جو تجزيو ڪن ٿا نه تصورن جون هڪ جهڙائيون ڳولي لهن ٿا ۽ نه ئي آخري طور تي ڪو نظريو مقرر ڪن ٿا پر آهي ڪتاب تمام گهڻو مواد شوق ۽ خواهش پوري ڪرڻ جهڙو ڏين ٿا ۽ ڪن حالتن ۾ آهي اڳوات موجود علم ۽ ڄاڻ ۾ انهيءَ موضوع تي اضافو به ڪن ٿا.

هن حالت ۾ هنن ڪتابن تي تحقيق جو ڪم ته اڃا اڳتي ٿيڻو آهي جو پاڻ هي ڪتاب تحقيق جي لاءِ رڳو ”ڪچو مال“ ”مواد“ ”ڊيٽا“ ڏين ٿا.

هنن مقالن جو تجزيو ڪيو ويندو ته معلوم ٿيندو ته سواءِ ڪنهن هڪ اڌ جي نه ته سائنسي طريقو اختيار ڪيو ويو آهي نه

تحقيق جو ڪو اسلوب اختيار ڪيو ويو آهي ۽ نہ استدلال ڪيو ويو آهي، نہ سوال اٿاريو ويو آهي، نہ جواب ڏنو ويو آهي ۽ نہ نتيجا ڪڍيا ويا آهن ۽ نہ نتيجن جي وڏيڪ ڇنڊ ڇاڻ ڪري نتيجن مان نتيجا ڪڍيا ويـا آهن ۽ نـہ ئي ڪنهن عقلي ۽ قابل عمل اصول تائين پهچڻ ۾ مدد ڪئي وئي آهي.

(نوٽ. هڪڙي عـلـم سڳوري منهنجي ڪتاب تـي تنقيد ڪندي چيو تہ هن ڪتاب جو هڪڙو عيب تہ اِهو آهي جو نتيجن مان بہ وڏيڪ نتيجا ڪڍيا ويـا آهن. مون کي خوشي رڳو انهيءَ ڪري ٿي جو منهنجي معلومات ۾ اهو اضافو ٿيو تـہ جنهن سڄي عمر رڳو ڪتاب ٿي لکيا ۽ پڙهيا آهن انهيءَ کي ايترو بہ معلوم نہ آهي تہ اڳواٽ معلوم ڪيل نتيجن کي بہ چئلينج ڪرڻ جو ڪم تحقيق جي تقاضا آهي. مصنف)

اِهو بہ ڏنو ويندو تہ ڪنهن بہ ڪتاب ”ڇو؟“ ۽ ”ڪيئن“ جو ڪو جواب ڪونہ ڏنو آهي. انهيءَ ڪري اهڙي ڪنهن بـہ مقالي مان ڪو اهڙو نتيجو حاصل ڪونہ ٿيو آهي جنهن کي سماجي علوم جي تحقيق جي سوال تي عملي طور تي اختيار ڪري سگهجي. ان ڪري اهڙن مقالن کي عملي تحقيق (Applied Research) ۾ شامل ڪري نہ ٿو سگهجي.

اهڙن مقالن تي تنقيد ڪندي جناب لينڊ (Lynd) صاحب لکي ٿـو ”آخـر اهـڙو علم ڪهڙي ڪم جو، جو ان مان ڪابہ عملي ڳالهہ يا ڪا اهڙي ڳالهہ جنهن کي عملي ڪارج هجي حاصل ڪانہ ٿي سگهي؟ جيڪڏهن آهي مقالا سماجي سوالن ۽ مسئلن جي باري ۾ موزون حـَل ڏئي نہ ٿا سگهن تہ پوءِ آهي ڪنهن بہ ڪم جا نہ آهن.“ (٩)

خبر ناهي اسان هن صاحب جـي تنقيد جـو جواب ڪهڙو ڏئي ٿا سگهون پر اسان جناب ڊڪسيءَ جي نقطي تي همت هارڻ لاءِ تيار نہ آهيون.

آخر روسيو، جان استوئارٽ مل ۽ جناب ڊيوي بہ تہ عمراني

Gul Hayat Institute

علوم جا ڌني ماڻهو ۽ ماهر هئا! آخر فرانز بوس به ته اسان جي ٽولي جو آهي!

هن سوال تي مشهور محقق ڊيوي به اسان جي لاءِ ڪم جي ڳالهه ٿو ڪري، چوي ٿو ”سائنس ۾ طريقا ۽ نتيجا بذات خود سائنس نه آهن. آهي سائنس وانگر مواد ۾ شامل ڪونه ڪيا آهن. انهيءَ حد تائين به اسان جو پروسو آهي ته آهي صاحب جيڪي سائنس جي لاءِ چون ٿا ته سائنسي تحرير سچي ساري مڪمل، خود ڪفيل، نرالي ۽ پنهنجي ليکي جداريءَ حالت ۾ به مڪمل آهي سي به انهيءَ ڳالهه کان انڪار نه ٿا ڪري سگهن ته عملي حقيقتن جي لحاظ کان اها ڳالهه درست نه آهي.“

ڊيوي هڪ سخت گير سائنس دان آهي، هو صاحب عمليت جو علمبردار رهيو آهي هو انهيءَ حقيقت کي حقيقت ئي نه ٿو سمجهي جيڪا ڪنهن نه ڪنهن مسئلي جي حل ڪرڻ ۽ مشڪل آسان ڪرڻ ۾ مدد نه ٿي ڪري. جيڪي دوست ڊيويءَ جي عمليت (Pragmatism) جي فلسفي کان واقف آهن انهي کي معلوم آهي ته ڊيوي عملي انسان ۽ انتهائي افاديت پسند (Utilitarian) آهي هائي ظاهر آهي ته آهو ماڻهو اسان جي تحقيق کي کهڙو معيار ڏيندو. آهو ته اسان مان ڪنهن کي به اسڪالر ڪونه ٿو سمجهي. مان ته جناب ڊيويءَ کي خواب ۾ به ڏسان ٿو، ڊڄي ٿو وڃان.

اهڙيءَ ريت هڪ ٻيو استاد عالم ۽ محقق ٿو لکي ”آخر-ڪار سائنس جي وڏي قوت انهيءَ ۾ آهي ته آها خصوصي اصول ڳولهي ٿي جن کي اسان عملي مسئلن ۽ مونجهارن جي حالت ۾ ڪم آڻي انهن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪريون ٿا. ”علم آهو آهي جيڪو دوراندیش بڻائي ۽ مستقبل کي معلوم ڪرڻ سيکاري ۽ مستقبل کي معلوم ڪرڻ جي سگهه وارو اهڙو علم ئي طاقت آهي.““ (١٠)

بهرحال هن باب کي ختم ڪرڻ کان اڳ هڪڙي ڳالهه لکڻ ضروري ٿي سمجهان ٿو اچي ۽ اها آهي تحقيق ڪرڻ واري جي لاءِ صلاح.

منهنجا سائين! توهان لاءِ ٻيو ڪجهه نه ته به ايترو ضروري آهي ته:

(١) فطرت جي سچائيءَ تي ڀروسو مڪمل رکو ۽ پاڻ به اهڙا سچار رهو.

(٢) هميشه سچا ڳڀ رهو. دل من جا دروازا سڀ کليل رکو.

(٣) اهڙي همت جا صاحب رهو جو جيڪي اصول اٽل هجن تن تي ايمان آڻي انهن کي نه رڳو قبول ڪريو پر انهن جي باري ۾ ڳالهائي به سگهو ۽ انهن جي تبديل جي امڪان کي به اٽل سمجهو.

(٤) ان وقت همت جو مظاهرو ڪريو جڏهن توهان جي آسپاس رهڻ وارا توهان کي نا اهل، نالائق، غيرمقبول، غير عملي ۽ غير ضروري سمجهن ۽ توهان جي زندگيءَ کي ڏي خطري ۾ وجهي ڇڏين.

Gul Hayat Institute

حوالا

1. Einstetn and Infled, "The Evaluation of Physics" N. Y. 1938 P. 280.
2. Thompson Sir, J. A. "Introduction to Science" Geoffery Cuberlege, Oxford University Press, (Reprinted in India) P. 27.
3. Schroeniger, "Mind and Matter" Cambridge, 1958, P. 37.
4. Gupta, "Science, Technology and Society in the modern age" Aganta Dehli (Delhi) 1977.

5. Webster, "Educational Dictionary."
6. Encyclopedia of Social Sciences Vol. ix Mac-Millan. 1930. (From the Article of D. Slesinger and M. Stephen son. on "Social Science" Wilkinson and Bhandarkar
7. "Technique of Research" Himalia Publishing House, 2nd Edition, 1979. P 9 – 13 (Adopted).
8. Dewey. J. "Reconstruction in Philosophy" Mentor, 1952. P. 121.
9. R. S. Lynd. "Knowledge for what"
10. Thompson. Sir.J.A. "Introduction to Science" Geoffery Comberledge O,U P .(Reprinted in India) P. 185.

Gul Hayat Institute

آخري عرض

بنيادي تحقيق

تحقيق جي ادارن ۾ عام طور تي اهو سوال اٿاريو ويندو آهي ته ڪنهن به هڪ موضوع تي اصلي ۽ بنيادي تحقيق ڪرڻ وارو ڪير آهي. اصلي ۽ بنيادي (Original) تحقيق جي اهميت ظاهر آهي. اهو ماڻهو، جيڪو ڪنهن به هڪ موضوع تي پهريئين تحقيق ڪري ٿو، سو ڄڻ ته دنيا جي علمي خزاني ۾ هڪ وڏيڪ هيرو جمع ڪري ٿو. اهو ماڻهو پنهنجي موضوع جو پرچارڪ ٿو بڻجي ۽ وڌيڪ تحقيق جي باري ۾ انهيءَ ماڻهوءَ ڪي ۽ ان جي تحقيق کي بنيادي وسيلن ۾ شامل ڪيو ٿو وڃي. علمي دنيا ۾ هن قسم جو اعزاز ڪو معمولي اعزاز نه آهي. ڊارون، ڪاپرنيڪس ۽ ٻين جي علمي فضيلت رڳو انهيءَ ڪري آهي، جو انهن تحقيق جي باري ۾ هڪ نئون ڪم ڪيو.

بنيادي تحقيق سان لاڳو ڪي سوال هي به ٿين ٿا ته جيڪڏهن ڪنهن به هڪ موضوع تي ساڳئي وقت ٻه محقق ڪم ڪندا هجن ۽ ٻنهي جي تحقيق جا نتيجا به هڪجهڙا هجن پر شايع ٿيڻ جي حالت ۾ هڪ جي تحقيق ٻئي جي تحقيق کان اڳ شايع ٿئي ته بنيادي تحقيق جو باني يا بانيڪار ڪنهن کي سمجهجي؟

ٻيو سوال هن باري ۾ هي ٿو پيدا ٿئي ته بانيڪار تحقيق ڪندڙ جي ڪم شايع ٿيڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪو ٻيو ساڳئي سوال تي تحقيق ڪري ۽ پهرئين محقق کان بهتر نتيجا ڪيدي ۽ تحقيق جو معيار به بهتر رکي ته بهتر محقق ڪنهن کي سمجهجي؟

ڏنو ويندو ته هنن سوالن جو جواب تاريخن ۽ انگن اکرن جي مدد سان ڏئي نه ٿو سگهجي. هنن سوالن جو تعلق تحقيق جي

Gul Hayat Institute

اخلاقيات سان آهي. عالم ماڻهو اڪثر ڪري بااخلاق ٿين ٿا. هو ٻين جي ڪم جو قدر ڪن ٿا ۽ اخلاص ۽ سچائيءَ جي بنياد تي هو ٻين جي اهميت کي گهٽائڻ ۽ پنهنجي اهميت کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪونه ٿا ڪن. سچا ماڻهو صرف خدمت ۽ سچائيءَ جو قدر ڪن ٿا ان ڪري اهڙن قسمن جا سوال خود اهي ماڻهو پيدا ڪونه ٿا ڪن، جهڙڪي پاڻ محقق آهن. ڊارون ۽ والس هڪ ئي مفروضي تي ڪم ڪيو هئو. ڊارون تحقيق کي مڪمل ڪرڻ جو ڪم والس کان اڳ ۾ ختم ڪيو پر ان جي تحقيق شايع ڪانه ٿي هئي ايتري ۾ والس پنهنجو مضمون ڊارون ڏي ڏياري موڪليو ته هو پاڻ پڙهي. ڊارون جڏهن ڏٺو ته والس جو ڪم به ڪافي اهم هئو، تڏهن هن دوستن جي صلاح سان والس جو مضمون ۽ پنهنجي تحقيق جو تت ۽ اختصار گڏو گڏ شايع ڪرايا. معلوم ٿيو ته ڊارون جو ڪم وڌيڪ مضبوط ۽ معياري هو. اهو ئي سبب هئو جو انهيءَ مشهور تحقيق جو باني ڊارون کي مڃيو ويو توڙي علمي دنيا ۾ الفريڊرسل والس کي به وڏي اهميت ڏني وئي.

پر تحقيق جي اخلاقيات جي اصولن کي خيال ۾ رکي ايترو مڃي ٿو سگهجي ته ڪنهن به سوال تي تحقيق جو پايو وجهندڙ عالم وڌيڪ تڪليف ڏسي ٿو، وڌيڪ محنت ڪري ٿو ۽ وڌيڪ ويچار ڪري ٿو ان ڪري اخلاقي طور تي اهو ئي ماڻهو وڌيڪ اهميت جي لائق آهي.

اسان کي معلوم آهي ته اهي علم جن اڄڪلهه تمام وڏي ترقي ڪئي آهي، تن کي قائم ڪرڻ وارن ماڻهن وڏيون تڪليفون ڏٺيون هيون. نفسيات، سماجيات، سياسيات، اقتصاديات ۽ ٻين علمن جا عالم نه رڳو وڏا عالم هئا پر انهن ۾ تلاش و جستجو جو جذبو به وڌيڪ هئو. ان ڪري هو نين حقيقتن کي کولي لهڻ ۾ ڪامياب ٿيا ۽ پاڻ کان پوءِ تحقيق ڪرڻ وارن لاءِ هنن رهبريءَ ۽ رهنمائيءَ جو هڪ وسيلو به مهيا ڪيو.

سنڌ ۾ تحقيق ڪرڻ وارن عالمن جي باري ۾ هن قسم جي

Gul Hayat Institute

تلاش جو ڪم ڏاڍو دلچسپ ۽ معلوماتي پڻ ٿيندو. سنڌ ۾ تحقيق ڪرڻ وارن مان پهريون عالم ڊاڪٽر دائود پوٽي کي مڃي سگهجي ٿو. انهيءَ دور ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر هرو مل سدارنگاڻيءَ ۽ ڊاڪٽر سورلي جون تحقيقون به شايع ٿيون هيون. هن دؤر کان پوءِ تحقيق جو ڪم پير حسام الدين راشديءَ، محترم ڊاڪٽر بلوچ جي هٿن ۾ هئو. انهن جي دور ۾ ٻي ڊاڪٽر الانا، ميان علي نواز خان جتوئيءَ جون تحقيقون ظاهر ٿيون. هنن سڀني تحقيقن جا موضوع تاريخي، ادبي ۽ ٻوليءَ جا موضوع هئا. هاڻوڪي دور ۾ وڌيڪ تحقيق به انهن ٻي موضوعن تي ٿي آهي. محترم سراج ميمڻ ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق، ٻوليءَ جي باري ۾ وڌيڪ دلچسپي پيدا ڪئي ۽ ان جي نتيجي ۾ مرحوم پروفيسر سنديلي ۽ ڊاڪٽر جوڻيجي ٻوليءَ جي موضوع تي پنهنجو ڪم شروع ڪيو. تاريخ جي مسئلن تي ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ ۽ محمد صالح شاه پنهنجو ڪم شروع ڪيو. تحقيق جي انهن ماهرن لاءِ تحقيق جو بنياد موجود هئو ۽ هنن محققن انهن بنيادن تي وڌيڪ ڪم ڪيو. هن ٻي دور ۾ تحقيق جي ڪم هڪ جدا ميدان والاريو ۽ هڪ نئون موضوع تحقيق هيٺ آيو هي موضوع هئو "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" هن موضوع جي نوعيت اها هئي، جو محقق جي اڳيان ڪو به تحقيق جو ڪم پيڙهه لاءِ موجود نه هئو. تحقيق جي خيال کان ڪنهن به ٻوليءَ جي ڪارج تي بنهه دنيا جي سطح تي به ڪم ڪيل نه هئو. هن تحقيق ۾ به ان کري بي انتها دشواريون جو مقابلو ڪرڻو پيو. هڪ ڳالهه هيءَ به هئي ته موضوع جو تعلق رکيو هڪ علم سان نه هئو. هن مضمون جو تعلق سماجيات سان به هئو ۽ سنڌي سماج جو سماجي اڀياس به اڳ ۾ ڪيو نه ويو هئو. هن طرح سنڌ ۾ وڌيڪ مشڪل ۽ نئين طرز جي هڪ تحقيق جو بنياد پيو. ان ٿي تجربي جي آڌار تي هن تحقيق جي انهيءَ موضوع جي حمايت ڪئي وئي، جنهن کي ساڳئي محقق هڪ مضمون رستي اڳي ٿي

ميدان ۾ آندو هئو. هن طرح هيءَ تحقيق بنيادي هئي. هن تحقيق کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جا نوان رخ مقرر ٿيا آهن ۽ هاڻي اسان تحقيق جي نئين دور جي شروعات ڪري چڪا آهيون. * مستقبل قريب ۾ سنڌ ۾ تحقيق جي تاريخ تي لکڻ وارو عالم جڏهن پنهنجو ڪم شروع ڪندو، تڏهن هن کي سامهون جي اهم سوال ايندا، سي هي هوندا:

١. ڊاڪٽر دائود پوٽي جي تحقيق کي بنيادي يا اصلي تحقيق چئي سگهجي ٿو يا نه؟

٢. ڊاڪٽر گربخشاڻي جي تحقيق کي ادب ۽ ٻوليءَ جي ميدان ۾ ڪهڙي اهميت حاصل آهي؟

٣. وفائي ۽ ڀيرومل جي تحقيق کي علمي تحقيق چئي سگهجي ٿو يا نه؟

٤. ڊاڪٽر سورلي جي تحقيق جو تحقيقي ۽ علمي معيار ڪهڙو آهي؟

٥. حسام الدين راشديءَ جي تحقيق جو معيار ڪيئن مقرر ڪبو؟

٦. ڊاڪٽر بلوچ علم تحقيق جي باب ۾ ڪهڙيون نيون ڳالهيون شامل ڪيون؟ ان جي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ“ جي اهميت ڪيتري ۽ ڪهڙي آهي؟

٧. ٻوليءَ جي ميدان ۾ ڊاڪٽر الانا جي تحقيق جو معيار ۽ اهميت ڪيئن مقرر ڪبي؟

٨. ڊاڪٽر سنڌيلي جي تحقيق جي تحقيقي افاديت ڪهڙي آهي؟

٩. ڊاڪٽر جوتواڻي جي تحقيق جون خصوصيتون ڪهڙيون آهن؟

١٠. ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ ۽ ڊاڪٽر محمد صالح شاهہ

---

* اصل ۾ هي ڪتاب به انهيءَ نئي دور جي تقاضائن کي خيال ۾ رکي لکيو ويو آهي. مصنف کي پنهنجي اوڻاين جو پورو احساس آهي.

Gul Hayat Institute

جي تحقيقي خدمات جو تجزيو؟
١١. پروفيسر جتوئي جون علمي خدمتون؟
١٢. ڊاڪٽرالانا جي نظر هيٺ ٿيل تحقيقي ڪم جو تجزيو؟
١٣. سنڌ ۾ ٿيل تحقيقي ڪم تـي نظر رکي بحث ڪرڻو آهي ته مٿي ڏيکاريل محققن مان هـرهڪ، خيال، علم، ٽيڪنيڪ، ترتيب، تحقيقي اخلاقيات ۽ ٻوليءَ جي ميدانن تـي ڪهڙا اضافا ڪيا آهن؟ هُنن سوالن جي موزون جوابن جي مدد سان اُسان بنيادي تحقيق جي سوال تي وڌيڪ اعتماد سان سوچي سگهون ٿا يا وڌيڪ سوچي سگهنداسون.

هن دور کان پوءِ مرحوم ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، ڊاڪٽر غـلام نبي سڌايي، ڊاڪٽر ممتاز بخاريءَ، ڊاڪٽر حبيب الله مرزا، ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ ۽ گهڻو آڳاٽو ڊاڪٽر درمحمّد پٺاڻ جو تحقيقي ڪم اڳيان آيو آهي.

هن طرح اسان جـي لاءِ تحقيق جـي هنن ڪمن سان اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته هنن جي معيار جو اڀياس ڪيو وڃي ۽ اهو به ڏٺو وڃي ته اڳتي ڪهڙا موضوع تحقيق لاءِ رکڻ گهرجن. اميد آهي ته اسان جا ادارا وڌيڪ سڌريل تحقيق لاءِ محنت ڪندا.

Gul Hayat Institute

مددگار ڪتابن جي هڪ فهرست

1. Hill Way, Introduction to Research. Houghton Mifflin, Company.
2. Guth, H and P. Words and Ideas (2nd Ed.) Wards Worth Publishing INC.
3. Best, John, W. Research in Education. Printice-Hall of India (Pvt. Ltd).
4. Inscher; Willim, F. Ways of Writing. Mc Graw, Hill Book Co.
5. Stone and Bell. Prose Style, A Hand Book (Book for writers Sec:Ed)
6. George Shelton Hubbel Writing Term Papers and Reports.
7. EmileW. Menzel, How to Study O.U.P.

حوالا

1. Broom and Selznick, Sociology a text with Adopted Readings. Row Peterson and Co. N.y. 1958. P 4.
2. Webster's New Eng; Dictionary of English Language Sec: Ed: un Abridged, Spring Field, Mass. G and C Merriam Co; 1957.
3. The American Heretage School Dictionary. A.H Publishing Co. INC N.Y. 1972. P. 476
4. Tyruns, Hill Way. Introduction to Research. Houghton Miflin Co: The Cambridge Press Camb- 1956. P. 5.
5. Ibid. P. 5.
6. Donald Slesinger and Mary Stephenson I M "Research" (article) Encyclopedia of Social Sciences Vol xiii – xiv

Gul Hayat Institute

The Mac Millan Co. N.Y. 1950, P. 330.
7. (See) Tyruns Hill Way "Introduction to Research" P. 45.
8. Article Research Encyclopedia of Social Sciences Vol xiii - xiv 1950. P. 331.
9. (See) Fracis Darwin Ed. The Life and Letters of Charles Darwin 2 Vols. N.Y. Appleton and Co. 1899. Vol I. P 68.
10. Hill Way Introduction to Research, 1956. P. 4.
11. Ibid. P. 12.
12. Ibid P. 12.
13. Ibid P. 58 - 62.
14. John Dewey, How we Think. Heath and Co. Boston De. 1933. P. 9.
15. Reader's Digest. Writebetter speak Better. Reader's Digest Aisa Ltd: 1973. P.147.

Gul Hayat Institute